# گلشڪر

# Gul Shakar


ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي

Kevalram Salamat Rai Adwani



المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (181) **"گلشڪر"** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي پهاڪن جو ڪتاب **ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي** جو لکيل آهي جنهن جو پهريون ايڊيشن ورهاڱي کان اڳ 1905ع ۾ ڇپيو.

هي ڪتاب **المنعم لائبريري لاڙڪاڻي** پاران **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** اي بوڪ ايڊيشن ۾ سنڌس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن قيمتي ۽ ناياب ڪتاب کي ٻيهر اسان تائين اندو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسان**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# مقدمو

(ستين چاپي جو)

گل شکر سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي پهريون ڪتاب آهي، جو ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻيءَ سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ نهايت پورهيو ڪري ۱۸٦۹ع ۾ لکي پورو ڪيو، پر پنجٽيهه سالن تائين مسودو ڇپڻ بنا پيو رهيو ۽ نيٺ ۱۹۰۵ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيو.
ديوان صاحب انهن لکندڙن مان هو، جيڪي پبلشر جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجين لکڻين کي ايندڙ نسلن لاءِ ڇڏي ويندا آهن ۽ پنهنجي نه لکڻ کي پبلشر نه ملڻ جو ڪارڻ نه ٻڌائيندا آهن.
هن ڪتاب ۾ پنج سؤ کان به مٿي پهاڪا جمع ڪيل آهن، جي پڙهندڙ جي سهوليت لاءِ نه رڳو الف-بي وار ڏنل آهن، پر انهيءَ سان گڏ پهاڪن ۾ ڪتب آندل ڏکين لفظن جي معنيٰ، سمجهاڻي ۽ پهاڪن جو پس منظر به ڏنل آهي ته جيئن اسڪولي شاگرد به سمجهي وڃي. ان سان گڏ هندي ۽ فارسي هم معنيٰ شعر ۽ پهاڪا به ڏنل آهن.
دراصل ڪو به سنڌي لکندڙ يا پڙهندڙ هن ڪتاب جي ڪارائتي هجڻ کان انڪار نه ٿو ڪري سگهي. سنڌي لکندڙ لاءِ ته هي ڪتاب بيحد ضروري آهي.
هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب جو هي ستون ايڊيشن آهي.

# ڏٽيءَ جي ساراهہ

ساراهہ تو ڪريان ڏٽيءَ جي، جنهن پنهنجي توهہ سان هن ماڻهوءَ کي سڀني ساهہ وارن ۾ وڏي مانَ وارو ڪيو آهي، ۽ ڳالهائڻ لاءِ جڀ ۽ سمجهڻ لاءِ ڏاهپ بخشي، متس اشرف المخلوقات نالو رکيو اٿس: ۽ سندس ڪاڻ، پيئڻ، پهرڻ لاءِ طرح طرح جون وٿون جوڙيون اٿس. تڏهن هن کي پڻ جڳائي، جو پنهنجي ڏاهپ آهر جيپ سان هن جي ساراهہ ڪري، ۽ پڄنديءَ سارو سنديس وڏائي چئي سٽائي.

اُن ٻاجهاري جو شڪرانو تو ڪريان، جو مون کي پڻ اُن ماڻهن ۾ اُپائي، ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻي نالو رکي، حيدرآباد سنڌ ۾ رهاڪو فرمايو اٿس.

تنهن اُپائڻهار جي ڍِڳي سان کي ڏهاڙا مير صاحبن جي راڄ جاهہ ۽ گهڻا ڏهاڙا سرڪار جهانمدار انگريز صاحب بهادر جي سلطنت جاهہ ايمان ۽ مانَ سان نوڪري ڪري، تاريخ ١٦ فيبروري ١٨٦٤ع کان وٺي سو (١٠٠) رپين مهيني پينشن ۾ آيو آهيان.

هڪڙيءَ مهل هڪڙي سردار سنڌي پهاڪن ٻڌڻ جي دل رکي، تڏهن سو (١٠٠) ٻہ سا (٢٠٠) پهاڪا لکائي پهچاياماںس. پر ويچار ڪيم، جو پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ملڪ جا اصطلاحي اکر آيا آهن، جن مان کي اکر سنڌ جي سڀن ماڻهن کي پڻ سمجهڻ ۾ نہ اچن، جن جي ٻولي ماءُ پيٽان آهي، تڏهين ٻين ملڪن جي ماڻهن کي جي پوءِ ٻولي ٽا سکن، سمجهاڻيءَ جي گهرج ڇو نہ ٿيندي؟ تنهن خيال تي هن ريت جي ڪتاب جي رٿ ڪيم.

اڳي گهڻن سياڻن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب جوڙيا آهن، پر آهي عمر جا جوان، ۽ عقل جا تکا، سي وڏن ڪاريگرن وانگي آهن! جهڙا وينجهر، جي موتي وٽن، يا کاتوبند، جي ڪاٺ ۽ عاج جا اُچا اُچا ڪم ڪن، يا جَڙيا جي سون ۾ جواهر جي جڙت جوڙن، يا نقاش جي چڱيون صُورتون جوڙن، تن جي اڳيان آءٌ هڪڙو پوڙهو، اياڻو ڏوڙ ڏوئي جهڙو سادي ڪم وارو آهيان. هن ريت، جو ڏوڙ ڌوئي جو ڪم هي آهي، جو سونارن جي هٽن جو يا گهٽين جو ٻُهر گڏ ڪري، ڌوئي، منجهاس مال ڪڍي. تن وانگي مون پڻ گهڻن جا چيل سادا پهاڪا گڏ ڪري، پورهئي سان منجهائن مطلب ڪڍيو آهي. مگر پڙهندڙن جي مهربانيءَ ۾ هيءَ اُميد تو رکان، جو جيڪو منجهس پولو رولو ڏسن، تنهن جي ڏڏائيءَ ڏي نہ نهاري، پنهنجو لائق سجاڻي، اُن ڀل چڪ کي سنواري ڇڏن.

پهريائين پانيم، جو هڪڙي هڪڙي ذڪر بابت ڌار ڌار باب ڪري لکان: پر پهاڪا گهڻن ذڪرن بابت آهن، اِن طرح جيڪر گهڻا باب ٿي پون: سو ڪو، تہ کي پهاڪا اهڙا آهن، جو جيڪر هڪڙي پهاڪي لاءِ ڌار نِجو باب ڪرڻو پوي: تنهن ڪري سنڌي الف بي جي تختيءَ تي نظر رکي، هڪ ٻئي پنيان هڪڙي هڪڙي منڍ واري اکر جا پهاڪا لکان ٿو.

ڪن پهاڪن جي معنيٰ ۾ ڳالهہ جي پورائيءَ لاءِ ٻين ٻولين جون شاهديون آيون آهن، تن ڪري ڊنس، تہ متان صاحبن سنڌيءَ جي پيار وارن کي نہ وڻن، يا ٻين ٻولين جو محاورو نہ هجين، تنهن ڪري اُن کي پڻ اُتي جو اُتي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمون ڪري ڇڏيان ٿو.

# پهاڪا

## الف

١ - اُٽندو اُها، جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

هي پهاڪو ظاهري واٽ ۾ ڪوريءَ جي اختياري ڏيکاري ٿو، جو جڏهن تاجي اڳيانس پڪڙيل آهي، ۽ پيٽي لاءِ نڙو هٿ ۾ اٿس. تڏهن ڪپڙو ڳهاتو اُٽي توڙي ڇدو: ته مرضي سنديس. پر حقيقت جي واٽ ۾ مطلب هيءُ اٿس جو ڌڻي سڀ ڪم لاءِ سگهارو آهي. نه ڪنهن جي صلاح وَهيٽو، نه ڪنهن جو دلبو ڪائي. نه ڪنهن جو مٿس زور هلي، نه ڪنهن جي واهر گُهري. جيڪي وڻيس سو ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

قادرا قدرت تو داري، هرچه خواهي آن کني،
مُرده را جاني به بخشي، زنده را بيجان کني،
شاه را تاجي ستاني، آرزو ئي نان کني،
هر گدائي را که خواهي، آن زمان سلطان کني.

اي ڌڻي! سگهارو آهين، جيڪي وڻيئي سو ڪرين،
مئي کي جيارين، جيئري کي مارين،
راجا ڪان ڇٽ کسي ان کي مانيءَ جو محتاج ڪرين،
جنهن پينار کي وڻيئي تنهن کي ان مهل راجا ڪرين.

٢ - اَبَ جو ڏنو کهڙي ڪم، جاسين رَبُ نه ڏيئي.

اب يعني پيءُ، رَبُ يعني ڌڻي. ڪي ماڻهو آرسي، پيءُ کي وهيون ڏسي، پاڻ دولت ڪمائڻ لاءِ پورهيو نه ڪن. پائين جو اها پيءُ واري دولت ورثي ۾ هٿ ايندي، سا بس آهي. ائين نٿا ڄاڻن ته ابي اُها ڪتان آندي. هي پهاڪي وارو انهن کي چينبي ڪري چوي ٿو، ته پيءُ جي دولت جو به آسرو نه ڪر ۽ پنهنجي ڪمائيءَ تي پاڙ. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

ميراثِ پدر خواهي علمِ پدر آموز،
که اين مالِ پدر خرچ توان کرد به ده روز.

جي پيءُ جو ورثو گهرجيئي ته پيءُ وارو علم سک،
جو هي پيءُ جو مال ڏهن ڏهاڙن ۾ خرچجي ويندءِ.

٣ - اندر اڇو نه ڪري، ڏئي تو ڏاڳا.

ڏاڳا هن ملڪ جي فقيرن جو ويس آهي، جو مٽي تي ويڙهن، يا ڳچيءَ ۾ پائين، يعني جو ماڻهو پنهنجو اندر ڪوڙ ۽ ڪُپَت، دولاب ۽ نڳيءَ کان، ۽ ٻين بڇڙن لڇڻن کان پاڪ نه رکندو، ۽ رڳا ڏاڳا ڏُئندو، تنهن کي ڪيئن پاڪ ڄاڻبو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بر زبان الله در دل گاؤ و خر؛
جپ تي الله جو نالو، دل ۾ ڏاند ۽ گڏهُ،

اين چنين تسبيح کي دارد اثر.
اهڙي تسبيح ڪهڙو گُڻ ڪندي.

۴ - اندر ٻڌ ٻهُون، ٻاهر آٽڻ اَنّ جو.

ٻڌ، لاڙ ملڪ ۾ هڪڙي گاهه جي پاڙ آهي. جنهن جي ڏڪار ۾ ماڻهو اتو ڪري ماني پچائي کائن؛ ٻهُون معنيٰ گهڻي. آٽڻ سکو اتو، جو ڪڻڪ جي اٽي جي چاٽي کي ماني پچائڻ وير لائيندا آهن. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي: جو ٻڌ جي اٽي جي چاٽيءَ کي ڪڻڪ جي اٽي جو آٽڻ مکبو ته ٻه اندريون سَوادُ ٻڌ جو ڪين مٺيندو. تهڙيءَ ريت کُلچڻو ماڻهو پڻ جيڪڏهن ويس چڱو پهريندو، ته ٻه سنديس عادت ڪين ڦرندي: اهڙو لباسي مثل ٻڌ آهي:

از برُون چُون گور ظالم پُر حُلل،
باهران ظالم جي قبر وانگي ڪپڙن سان ڍڪيل،

اندرون قهر خُداي عزّ و جل.
اندر ڌڻي تعاليٰ جو قهر.

۵ - انڌي وجي ملتان لڌو.

ملتان جي هن ملڪ کان ٻه سا (۲۰۰) ڪن ڪوهه پنڌ آهي، تنهن ۾ انڌو ڪيئن پهتو: يعني پُڇندو ڏسُ ٻڌندو ويو. پر مطلب هي آهي، ته جو ماڻهو مرشد يا استاد کان پڇي ڏسُ وٺندو، سو پنهنجي ڳوليل کي پهچندو؛ جهڙو گرو نانڪ شاهه جو وچن آهي:

سڻ سڻ انڌي پاون راهه.
ٻُڌي ٻُڌي انڌو ٻه واٽ لهي.

۶ - اها ڪر، جو مينهن وسندي ڪم اچيئي.

مينهن وسندي، جو مطلب آهي ته گهرج مهل، يعني هلندي چلندي ۾ اهڙو خرچ ڪر، جو چاقائيءَ ناچاقائيءَ ۾ ٻک نه مرين. تنهن جو ارث هي آهي ته: ڪي ڪاءُ، ڪي بچاءِ. تنهن تي هڪڙي وڏي اشراف سردار جي زبانؤن هڪڙو ٽوٽڪو ٻڌو اٿم، ته ماڻهن جا لچڻ ٽن طرح جا آهن: هڪڙا نوراني، سي اُهي، جي پنهنجي ڪمائيءَ مان اڌ کان ٿورو خرچ ڪن، ۽ گهڻو بچائين: ٻيا انساني، جي اڌ کائين، اڌ بچائين: ٽيا حيواني، جي اڌ کان گهڻو ڪپائين، ٿورو رکن.

۷ - اُستاد جي مار سنوار آهي.

استاد جو مارينده، سو رڳو سيکارڻ لاءِ، تنهن کان پاسو ڪرڻ نه کپي: سو جو ته فائدي واري دوا گهڻو تڻو ڪؤڙي ٿيندي آهي. فارسي واري پڻ چيو آهي:

بادشاهي پسر بمڪتب داد،
راجا هڪڙو پُٽ اسڪول ۾ ڏنو،

لوح سيمينش در ڪنار نهاد،
فرحي روپي ڪچ ۾ ڏنائينس،

بر سر لوح او نوشت به زر:
ان جي فرحيءَ تي سون سان لکيائين:

"جور استاد به ز مهر پدر".
"استاد جو ظلم، پيءُ جي مهربانيءَ کان چڱو".

۸ - اَنّ پلي ذات پلي.

پَلي اَنّ رکڻ جي شيءِ آهي، جا ڀهراڙيءَ جا ماڻهو گهرن جي اڳيان جوڙي منجهس اَن رکن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو جنهن جي گهر ۾ اَن سان ڀريل پَلي آهي، تنهن کي وَهيون ڇاڻبو، ۽ وَهيون اڻ پُڇو مان وارو آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

زردار را بہ مجلس در تنگ جا دِهند؛ — دنيادار کي مجلس سوڙهيءَ ۾ بہ جاءِ ڏين؛
بي زر اگرچہ دور ولي دور تر کُنند. — نرڌن توڙي پري هئي تہ هيڪاري پري ڪنس.

## ٩ - اَڻُ گهُريو ماءُ بہ پٽ کي ببو نہ ڏئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڳالهائي بنا رڳيءَ ماٽ مان ڪو ڪم نہ ٿئي: تنهن لاءِ هندي پڻ شاهدي ٿو ڏئي:

مونتي ڪون سيَوتي *رهي، — ماٽ مان ڪير مطلب کي پهتو،
بن بولي کُلي گهر کو نہ ڪوارو. — ڳالهائي بنا پنهنجي گهر جو در بہ نہ پٽجي.

* سيوتي معنيٰ مطلب کي پهتل.

## ١٠ - اجاڻ کي مِصِري تهڙي ڦٽڪي.

جيتوڻي ڦٽڪيءَ جو رنگ پڻ مصريءَ جهڙو آهي، پر سَوادَ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ وڏو ڦير آهي. اَجاڻ ماڻهو سندن سواد کي نہ سمجهي، ٻنهي کي هڪجهڙو ڄاڻندو آهي، اهڙو مثل هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

اَن جانت کُون پارداس * مصري ڦٽڪي ايڪ. — اجاڻ کي مِصِري تهڙي ڦٽڪي

* پارداس، شاعر جو نالو.

## ١١ - اڻ سرنديءَ سيڪو ٿري، کرو کو سرنديءَ ٿري.

پهاڪي جو مطلب هي آهي: جو اڻ پُڄنديءَ وارو ٻاٽيهي بہ غريبيءَ سان هلندو، پر پڄنديءَ وارو جڏهن غريب تي هلي، تڏهن چڱو مڙس سڏجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

تواضع ز گردن فرازان نکو ست، — نياز وڏن ماڻهن کي چڱو آهي،
گداگر تواضع کند خوي است. — پينار جيڪڏهن نياز ڪندو تہ اها هن جي عادت آهي.

## ١٢ - اَهاري، وهنواري، ٽيون گهوٽ مُهاري، لڃا ڪري تہ هاري

اهارُ يعني کائڻ، وهنوار يعني ڏيتي ليتي. مهارو: گهوٽ پرٽيل جي ڀهرئين رات جي سمهڻ جي جاءِ.

مطلب هي آهي، جو سياڻا چوندا آهن تہ لڄ چڱي آهي، پر ان ٽن ڪمن ۾ لڄ ڪرڻ مرڳو گهاٽو آهي. تهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڏٽي جو ڳولو پڻ سنسار جا حجاب نہ پڄندو تہ ڏٽيءَ کي واصل نہ ٿيندو.

## ١٣ - آهِر ڪٽي اوبِٽي، رن وڃائي رَنبو.

آهِرُ جهنگلي ماڻهو، اوبٽي هڪڙي لوهه جي هلڪي شي دکو يہ تور آهي، جنهن تي زالو ست اوبين. رنبو، هڪڙو لوهه جو ڏو نِج آهي، جنهن سان گاهہ کوٽجي. مطلب آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو ٿورو ڪمائيندو، ۽ سنديس زال گهٽو وڃائيندي، يا خرچ ڪندي، تہ اهُو گهر ڪٿان وسندو. اهڙي ڳالهہ نمبر ۴۷۲ واري پهاڪي ۾ پڻ آهي.

## ۱۴ - انڌي اڳيان آهِري، ڪَرَ تئو تنگيو آهہ.

انڌي ماڻهوءَ جي اڳيان آرسي اهڙي آهي، جهڙو اجاڻ جي اڳيان ڪتاب، سو ڪو تہ نہ انڌي کي آرسيءَ جو قدر، نہ اجاڻ کي ڪتاب جو ماڻُ. ان لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

مورک ڪُون پوٿي دئي باچن ڪُون گُن گاٿ: اجاڻ کي ڳٽن جي ڳالهن پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيڻ اهڙو آهي،
جيسي نرمل آرسي ديئي انڌ ڪي هاٿ. جهڙي صفا آرسي انڌي جي هٿ ۾ ڏجي.

## ۱۵ - اَنڌ ڌُنڌ نگري، چَرِبَٽ راجا: ٽڪي سير ڀاجي، ٽڪي سير کاجا

ڀاجي يعني سائو ساڳ جو سستي وکري آهي، کاجا هڪڙو مهانگو ميوو آهي، سي ٻئي شيون هڪڙي اگهہ وڪامڻ بي ويچاري ڳالهہ آهي: تهڙيءَ ريت جنهن راڄ ۾ ڪُنياؤ هلي، تاتي لچ ۽ چڱي ماڻس جو قير ڪو نہ رهي. جهڙو هنديءَ واري بہ چيو آهي:

ٻلي بري جهان ايڪسي تهان نہ بسئي جاءِ: جاتي چڱو منو هڪجهڙا تاتي وڃي نہ رهجي:
جيون انياءِ پُر ۾ بڪي کڙُ ڳُڙُ ايڪي ڀاءِ. جهڙو ڪنياءِ واري شهر ۾ کڙُ ۽ ڳُڙُ هڪ اگهہ وڪامن.

## ۱٦ - اوهو سون بہ گهوريو، جو ڪن ڇني.

هن ملڪ جون عورتون سونهن لاءِ ڪنن ۾ سون جا ڳهہ پائينديون آهن، پر ڪنهن مهل ان مٽين جي بار سان سونهن بدران ڪن پچي يا ڇجي پوندا اٿن. اهڙي زيان واري سون پائڻ جي هي پهاڪو ڳلا ڪري ٿو. يعني جو ڪم فائدي واسطي ڪجي، تنهن مان مورڳو گهاٽو پوي، سو ڪَمُ گهوريو. هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

ڪريئِي سُکَ ڪُون، هوءِ ڏُک، يہ ڪهہ ڪون سيان؟ ڪجي سک لاءِ تئي ڏک، اها ڪهڙي سياڻپ آهي؟
وہ سوني ڪُون جارهيي جا سُون ٽوٽي ڪانُ. جنهن سونُ مان ڪن ڇڄن، تنهن کي ساڙي ڇڏجي.

## ۱۷ - اَڪن ڪان آما ڳُهري، ٻَٻُرن ڪان ٻير.

اَڪُ هڪڙو جهنگلي ٻجڙو وڻ آهي، ۽ ٻَبر هڪڙو ڪنڊن وارو وڻ آهي: تن مان آمان يعني انب، ۽ ٻير ڪٿان ملندا؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ڪم ٻجڙا ڪري ڦل چڱو گهرندو، تنهن کي ڇا حاصل ٿيندو! ان تي هنديءَ واري چيو آهي:

ڪري برائي سک چاهي ڪيسي پاوي ڪوءِ. ٻجڙائي ڪري سک گهرندو، سو ڪٿان لهندو،
روپي پيڙ ٻَبول ڪو انب ڪهان تي هوءِ؟ ٻبر جي وڻ پوکڻ مان، انب ڪٿان ٿيندو؟

١٨ - اتي ۾ لوڻ.

هن پهاڪي جي جوڙڻ واري جو مطلب هي آهي جو جيڪڏهن ڪنهن خير جي ڪم ڪرڻ لاءِ سچ سان ٿورو ڪوڙ گڏجي ته حرڪت نه آهي؛ جهڙو اتي ۾ ٿورو لوڻ، شيخ سعديءَ چيو آهي:

دروغ مصلحت آميز به از راستي فتنه انگيز. صلح گڏيل ڪوڙ جهيڙي جاڳائڻ واري سچ کان چڱو.

جيتوڻي ته ڪي ڪم شعر جوڙڻ جا ۽ ٻيا اهڙا آهن، جن ۾ ڪوڙ جي گهرج رهي ٿي، تنهنڪري پائنجي ٿو، جو اهڙين صورتن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ موڪل ڏني هونداءون، نه ته آءٌ پانيان ٿو ته جڏهن گهڻو ڪوڙ بڇڙو آهي، تڏهن ٿورو ڪوڙ پڻ چڱو نه آهي.

١٩ - آهر جي وڏائي، ڪُني پاٿ اُتي آئي.

آهر يعني جهنگلي ماڻهو، ڪُنو، پاٿ، نڪر جا باسڻ، جن ۾ غريب ماڻهو رنڌين ۽ کائن. مطلب هي آهي، جي جهنگلي غريب ماڻهوءَ کي ايترا وسلا گهر ۾ ٿيا ته به پاڻ کي هوند وارو ڄاڻندو؛ تهڙيءَ ريت ٿرڙي ماڻهوءَ کي ٿورڙي دولت هٿ لڳي ته پاڻ کي وڏو ماڻهو چوائيندو.

٢٠ - آمون، ڏهه ڳامون.

آمون يعني انب. هن پهاڪي مان ٻيو نرالو مطلب ڪو نه ٿو ڪري، مگر آرائين جو اصطلاح آهي، جو وڻ انب جو هڪڙو ٻئي کي ويجهو پوکجي ته وڏي هوندي سوڙهه جي سبب ڦر ٿورو ڪري؛ تنهن ڪري پري پري يعني ڏهن ڏهن وکن تي پوکڻ چڱو آهي.

٢١ - انڌو ڪڏ تي چڙهي هنگي، چي: مون کي ڪو نه ٿو ڏسي.

پلا جيڪو ڪڏ تي چڙهي اگهاڙو ٿيندو، تنهن کي ڪيئن نه گهڻا ماڻهو ڏسندا! تنهن وانگي ڪي ماڻهو پنهنجي بڇڙائيءَ کي لڪائين، پر لڪڻ بدران پڌري ٿي پوي. اهڙن ماڻهن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

٢٢ - اُٺ جي چاڙهيءَ کي به لعنت، لاهيءَ کي به لعنت.

اُٺ هڪڙو ڏکو ۽ بيڊؤلو وهٽ آهي، سو جڏهن چاڙهيءَ لاهيءَ تان چڙهي لهي، تڏهن سوار کي اهنجو لڳي؛ تنهنڪري پهاڪي واري ڳالا ڪئي آهي. مطلب هي آهي جو لوئي ماڻهوءَ جي دوستي توڙي دشمني ته اُٺ جي چاڙهيءَ لاهيءَ وانگي ڏکدائڪي آهي.

٢٣ - انڌن جي وهاڻ، منڊا نچن، ٽنڊا پاين ڦيريون.

انڌن جو وهاڻُ، منڊن جو نچڻ، ٽنڊن جون ڦيريون، هي سڀ ڳالهيون اڻ نهندڙ آهن. تنهن وانگي جاتي گهڻا لچ يا اجاڻ، يا ولها ڳڏ تي پنهنجي لل يا عقل هوند ڪان وڏو ڪم رٿن، ته ڪتان پوري پوي. اهڙن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

٢٤ - اُٽائي به ويئي ٽٽائي به ويئي، وري ڪپهه جي ڪپهه.

هي پهاڪو اصل هن طرح آيو آهي، جو آفيميءَ هڪڙي ڪي وات جي پرسان پيشاب ڪندي پنڪي لڳي ويئي. اوچتو ماڻهو اتان لنگهيو، تنهن سندس متي تان پڳڙي لاهي، ڪپهه جي پوٽي متس رکي. ذري ڪان پوءِ جڏهن پنڪي ڪليس، تڏهن پڳڙيءَ بدران پوٽي ڏسي، تپرس ڪائي هي پهاڪو چيائين: يعني ڪپهه ڪتجي ست ٿيو ۽ ستُ اُجي ڪپڙو ٿيو، سو پورهيو سڀ ويو؛ وري ڪپهه ٿي پيئي. جهڙو ڪي هڪڙو سرڪاري نوڪر ٿوري پگهار وارو چڱي نوڪري ڪري وڏي درجي کي پهچي، پر ڪنهن غفلت يا قصور جي سبب وري اڳوٽي ننڍي درجي واري پگهار تي وڃي.

## ٢٥ - اُٺ جي وات ۾ زيرو.

زيرو تمام سنهڙا داڻا آهي، ۽ اٺ جو وات وڏو، جو تلها گاهه چري؛ تنهن ۾ جي زيرو پوي ته جيڪر چبڻ ۾ به نه اچيس. تهڙيءَ ريت، جو ماڻهو سير ان جو ڪايارو هوندو، تنهن کي دڪي اَنّ مان ڪهڙو ڏِوَ ٿيندو؟

## ٢٦ - اُٺ پنيان گهنڊٽي.

گهنڊٽي جو آواز تمام ننڍو آهي، ۽ اُٺ وڏو سگهو وهٽ آهي، سو جيڪڏهين ڪو ماڻهو اُٺ کي ڊيجارڻ لاءِ پنيان هڪڙي گهنڊٽي وڄائيندو، ته اُٺ کي ڇا ڪندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم: هڪڙي چوڪر اُٺ تي چڙهي اُٺ جي ڊيجارڻ لاءِ تاڙيون وڄايون، تڏهن اُٺ چيس، جو مون تي نغارا وڄن ته به نه ڊڄان، تنهنجي تاڙي ڇا ڊيجاريندي؟ تهڙيءَ ريت هڪڙو نياڳو ماڻهو پنهنجي مطلب ڇنائڻ لاءِ ڪنهن بختاور کي دڙڪائيندو، ته بختاور جو ڪهڙو پنجهرُ پُرندو.

## ٢٧ - اَنڌن آندو ٻلن ڇنيو.

انڌو ماڻهو ڏونري يا ڪيهه جهڙي يا اهڙي ٻي ڪا شيءِ گهر ۾ آڻي اگهاڙي رکندو، ته جائي ٻلي ڇني ويندي، تڏهن ڇاٽبو، جو ناڻو اجايو ويو. تهڙي ريت هڪڙو ٽرڙو ماڻهو گهڻو ناڻو ڪمائي، پچاڙيءَ جي ڳڻتي نه ڪري، ٿوري ويرم ۾ اجايو خرچي وهندو، ته پوءِ گُهرج مهل ڏکيو ٿيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| ابلهي ڪه او روز روشن شمع ڪافوري نهد، | جو اياڻو ڏينهن ڏني ۾ ڪافوري شمع ٻاريندو، |
| زود بيني ڪه اش بشب روغن نباشد در چراغ. | سگهو ڏسندينس، جو رات جو ڏئي ۾ تيل نه هوندس. |

## ٢٨ - انڌي جي جوءِ جو واهي الله.

واهي الله، جنهن جو الله واهي هئي، تنهن کي ڪهڙو جوکو آهي؛ پر سنڌ ۾ هي اصطلاح آهي جو هڪڙو ٻئي ڪان گهري، اڳلو چويس جو الله ڏينديئي، ته ڄاٽبو جو ڪين ڏيندس. يا هڪڙو چوي جو فلاڻي جي گهر ۾ الله جو نالو آهي، ته ڄاٽبو جو ڪي ڪين آهي. تهڙيءَ ريت هن "واهي الله" جي لفظ جي معنيٰ هيءَ ڄاڻڻ گهرجي، جو واهي ڪو نه. پر مطلب هي آهي، جو جيڪو ماڻهو پنهنجي ذمي جي ڪم تي ڌيان نه ڪندو، ته جائي ڪم بگڙندو. تڏهن هي پهاڪو متس لاڳو ٿيندو.

## ٢٩ - اُيرندي تاڻ جنهن نه ڪيو، سو الهندي ڇا ڪندو؟

سج جڏهن اُڀرڻ ويل سوجهرو نہ ڪندو، تڏهن لهڻ مهل ڇا ڪندو؟ تهڙيءَ ريت جو ماڻهو ننڍپڻ ۾ للاٻِتو نہ هوندو، سو وڏپڻ ۾ ڇا ٻوٽو ٻاريندو. اهڙي ڳالهہ ١٢٨ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

٣٠ - اڃ چڏي سڃيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڃ بہ وڃي.
هيءُ پهاڪو قناعت ڪرڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري. هن ريت، جو ڏٽيءَ جي ڏني تي قناعت ڪري گذران ڪرڻ سياڻپ جو ڪم آهي. ڇا ڪان، تہ جو لالچ ڪري ٿورو ڇڏي گهڻي پنيان ڊوڙندو، تنهن کي ڇا حاصل ٿيندو؟ ويتر اڳوٽي کي جوکو ٿيندس.

٣١ - اڳر ڄاڻَن لهرُ ڄاڻي.
جڏهن اڳر لوهار جي هٿ آهن، تڏهن ساڙڻ يا بچائڻ لاءِ وَس وارو آهي؛ تهڙيءَ ريت هن انسان جا سڀ ڪم ڏٽيءَ جي اختيار ۾ آهن. جيئن وڻيس تيئن ڪري. پهاڪي واري جو مطلب هيءُ آهي، جو تون پڻ پنهنجا ڪم ڏٽيءَ کي سونپ، يعني توڪل ڪر.

٣٢ - انڌا رکن روزا، تڏهن ڏينهن بہ ٿين وڏا.
اگرچ پهاڪي وارو چوي ٿو تہ انڌن جي روزي رکڻ مهل ڏينهن وڏو ٿئي ٿو، پر اها ڳالهہ ٿيڻ جي نہ آهي، ان جو مطلب هيءُ آهي تہ نياڳو ماڻهو جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو، سو جيڪڏهن سَوَلو هوندو تہ بہ اَوَلو ٿي پوندو.

٣٣ - اُها زبان اُس ۾ وهاري، اُها زبان ڇانوَ ۾ وهاري.
ڇانوَ ۽ اُس، اشارو مان ۽ بي مانائيءَ جو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، تہ جو ماڻهوادب سان، يا مٺو، يا سچ ڳالهائيندڙ هوندو، سو آدَرُ پائيندو؛ ۽ بي ادبيءَ سان، يا ڪؤڙو، يا ڪوڙ ڳالهائيندو، سو بي مانو ٿيندو. هاڻي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ ٻن طرحن جي ڳالهائڻ لاءِ زبان هڪڙي، پر هڪڙيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو قل هڪڙو، ۽ ٻيءَ طرح جي ڳالهائڻ جو ٻيو قل. تڏهن پهاڪي واري جو خيال برابر آهي.

٣٤ - اڳي بہ اَنُ هو، پوءِ بہ ٿيو اَن. ڪانو ۽ پن، ويو وچون ئي نڪري.
ٻج جي پوک ۾ پوي، سو اَنُ آهي. جڏهن پوک پچي لُبي ۽ ڳاهجي وائرجي، تڏهن وري بہ اَنّ ٿي رهي؛ پوءِ ڪانا توڙي پن وينڊا رهيا. تنهن وانگي پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو انسان جو وجود اصلي خاڪ آهي، سو مرڻ پڄاڻا وري تہ خاڪ ٿي ويندو؛ پوءِ هن دنيا جا ڏنڌا ڪاتي ڪم ايندا. فارسي واري جو چوڻ آهي:

| | |
|---|---|
| اي برادر چون عاقبت خاک است، | اي ادا جڏهن نيٺ مٽي ٿيڻو آهين، |
| خاک شو پيش ازان خاک شوي. | تڏهن مٽي ٿيڻ کان اڳي مٽي ٿي رهہ. |

٣٥ - اڏارو ڏجي تنهن کي، جنهن کان گهرجي نہ، اڏارو ونجي تنهن کان، جو گُهري نہ.
اڏارو ڏيئي نہ گُهرڻ، يا اڏارو ڏيئي نہ گهرندو، هي ٻئي عجب جهڙيون ڳالهيون آهن. پر مطلب هي آهي، جو اهڙيءَ پت واري ماڻهوءَ کي اُڌارو ڏجي، جو گُهرڻ ڏاران پهچائي ۽ ونڻ مهل اهڙي ڏاول

ڪان ونجي، جو گھرڻ مهل ڏک نہ ڏئي ۽ پاڻ اونو رکي پهچائي. ڏسو اهڙي صورت ۾ پڻ ٻنهي ڌرين کي گهرڻ جو ضرور ڪتان رهندو. پر نج مطلب هي آهي جو پهاڪي وارو سُپت جو تاڪيد تو ڪري.

**٣٦ - اَن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس ڪري.**

هس، ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳرو مٽيو آهي، ۽ چلو آڱر جي پائڻ جو هلڪو ڳهہ آهي. پهاڪو اَن جي واپار جو حال تو ڏيکاري تہ منجهس واڌو بہ گهٽو، گهاٽو بہ وڌو. جهڙو فارسي مثل آهي:

يا گنج برگيري، يا در تلاطم امواج بميري. يا خزانو لهين، يا لهرن جي ڏکاون ۾ مرين.

سو ڪو، تہ ان جو اگهہ ڪڏهن ڏهہ رپيا خرار جا، ڪڏهن سؤ رپين خرار جو پڻ ٻڌڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي. پوءِ جنهن واپار جي اگهہ ۾ ايترو ڦير گهير ٿئي، تنهن لاءِ پهاڪي واري جو چوڻ سچو آهي.

**٣٧ - آرهڙ جي تتي ڏينهن، سانوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات، شال نہ ٿئي هنگڻ تات.**

هن پهاڪي مان بيو نرالو مطلب ڪو نہ تو نڪري، مگر هي ٿيئي، مهلون ٺوري تي وجڻ ڏاکڙو آهي: يعني ڪُمهلو ڪم سيڪو دقت ڏيندڙ آهي.

**٣٨ - اُٺ پوڙهو ٿيو، تہ بہ مُتڻ نہ سکيو.**

بيو سيڪو جانور پيشاب اڳتي ڪري، رڳو اُٺ اُبتڙ اُن جي پوءِ ڏي مُتي. تنهن لاءِ سياڻن هي پهاڪو چيو آهي: پر مطلب سندس هي آهي، تہ جو ماڻهو وڏتڻ تائين علم يا عقل نہ سکي، سو پڻ هن پهاڪي جو مُهاڏو آهي. جهڙو فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

گوسالہءِ ما پير شد و گاؤ نہ شد. ڳابو اسان جو پوڙهو، پر ڏاند نہ ٿيو.

**٣٩ - اُپ ۾ ٽڪ اچلائيندو، تنهن کي منهن ۾ پوندي.**

هن پهاڪي جي اکرن جي معنيٰ پڌري آهي: مگر مطلب سندس هي آهي تہ جيڪو پاٽان ڏاڍي سان وڙهندو، سو پاڻ کي مارائيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

هرڪ با بزرگان سِتيزد، خون خود بريزد. جيڪو ڏاڍن سان وڙهي، سو رت پنهنجو هاري.

ان ڳالھ تي هندي پهاڪو پڻ آهي.

سُر سنڌي آڪاس ڪُون، ڦر ماتي آوي. تير هٽي اُپ ۾ تہ وري متانس اچي.

**٤٠ - اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڍوئيندا.**

پريون ڍوئيندا، يعني مزوري ڪندا. اها ڳالھ پڌري آهي تہ پڙهيل ماڻهو نوڪريءَ يا واپار مان، يا ٻي ڪرت مان سو (١٠٠) ۽ هزار (١٠٠٠) ڪمائي سگهي، جنهن مان سکيو دم گذاري: ۽ اڻ پڙهيل کي مزوريءَ بنا ڪهڙي واھ؟ تنهن لاءِ هي پهاڪو علم پڙهڻ جو تاڪيد ڪري ٿو، ۽ چوي ٿو تہ علم ڏاران مزدوري ڪرڻي پوندي. تنهن لاءِ فارسي وارو پڻ چوي ٿو:

ميا موز جز علم گر عاقلي، نہ سک علم بنا جيڪڏهن سياڻو آهين،

ڪ بي علم بودن بود غافلي. چو تہ علم ري هئڻ غفلت آهي.

## ٤١ - اياڻو چوي سياڻو ويچائي.

جڏهن اِياڻو ماڻهو اهڙي ڳالهہ ڪري جا گمان جهڙي هئي، يا ويسہ جهڙي نہ هئي، تڏهن سياڻي ڪي ويچار ڪان پوءِ وسهڻ گهرجي. سو ڪوہ، تہ جيڪڏهين اياڻو بناڪ هٽي چوندو، جو هاتي ڪري پيو هو، تنهن ڪي ٻلي ڳِهري ويئي، تنهن تي سياڻو وسهندو، تہ سياڻپ ۾ قير اتس، تنهن لاءِ هندي وارو بہ چوندو آهي:

نادان بات ڪري، دانا قياس ڪري. اياڻو چوي سياڻو ويچائي.

## ٤٢ - اُنان مينهان دا ڪيها ميلا، او چرن پٽ، تہ او چرن ٻيلا.

اُٺ ۽ مينهون پاڻ ۾ هم جنس نہ آهن، هن جي جوءِ چرڻ جي پٽ، ۽ هن جي جوءِ ٻيلو، تنهنڪري پاڻ ۾ سنگت نٿي نهين. مطلب هي آهي تہ ناجنس جي صحبت ڪنهن ڪي بہ نٿي وڻي.

## ٤٣ - اُٺ جي وات ۾ لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، کنڊ وجهہ تہ بہ رڙي.

معنيٰ هن پهاڪي جي سپ ڪو جاڻي ٿو. مطلب هي آهي جو لچ ماڻهوءَ سان دوستيءَ مان زيان، ۽ دشمنيءَ مان بہ زيان: سياڻا چوندا آهن لچ جي صحبت ۽ ڪتو ڏارڻ هڪجهڙا آهن. هن ڪري، جو ڪتو خوش ٿئي تہ بوٽ چٽي، جي ڏمرجي تہ چنگهون ڦاڙي: جهڙو سمن شاعر هنديءَ ۾ چيو آهي:

سمن پريت سُوانَ ڪي دونون باتين دُکُ: ڪتي جي دوستيءَ مان ٻن طرح ڏک آهي،
ڪيجي تہ ڪاتي پاوڪُون، ريجهي تہ چاٽي مُک. ڏمرجي پير ڦاڙي، ريجهي تہ منهن چٽي.

## ٤٤ - اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وٽ ڪٽيو نہ ڪائجي.

وٽ ڪٽيو ڪائڻ يعني تور ۾ گهٽ ڏيڻ. مطلب پهاڪي جو هي آهي تہ واپار جي ڪم ۾ اگهہ مهانگو يا سهانگو وڪڻ واپارين جو ڌرم آهي. پر ڪي دولابي واپاري اگهہ سهانگو ٻولي وَٽ ڪوٽي وٽ سان توري ڏين. اهڙن دولابين کي ٽوڪي ٿو.

## ٤٥ - انبان ٻور، ڪلالان لاها.

لاها يعني ڪٽيو. هن پهاڪي مان نرالو مطلب ڪو نہ نڪري ٿو: مگر هيءَ ڳالهہ پڌري آهي تہ انب جي وڻ ۾ ڦهريائين ٻور گهڻو ڏسجي، پر نيٺ انب منجهس ڪي تورا رهن. تنهن وانگي ڪلال جي اُپت پڻ ڦهرين گهڻي ڏسجي، پر اوڌر سوڌر ۾ هارجي ويرجي توري رهي.

## ٤٦ - اڳياڙي تڏهين سُرهي، جڏهن پڇاڙي سُرهي.

مطلب هي آهي تہ، جڏهن ڪنهن سان دوستي رکجي، تڏهن گهرجي جو پڇاڙيءَ تائين نباهجي، ۽ جيڪڏهن اڳياڙيءَ ۾ دوستي رکي پڇاڙيءَ ۾ ڪُلال ٿبو، تہ اڳياڙيءَ جي چڱ-مڙسي پڻ ويندي رهندي. اُتلو بجڙائي تي ڪُٽبي. تنهن لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

پريت ڪري پاچي ڦري پاپي ڪهيئي سوءِ، دوستي رکي پوءِ ڦري، سو پاپي چئجي،
* ناڌا نيهن نہ جوڙيئي جا هوٽي سا هوءِ. ناڌا دوستي نہ ڇڏجي، پوءِ جا ٿيٽي هئي سا

تئي.

* ناڏاڍ شاعر جو نالو.

۴٧ - اَنڌ وَٿُ، منڍِ وَٿُ، پر نندي وَٿُ.

انڌ يعني انڌو وهٽ، منڍ يعني منڍو وهٽ. هي پهاڪي وارو انڌي ۽ منڍي وهٽ کان پڻ پوڙهي وهٽ جي وڏيڪ ڳِلا تو ڪري. سو اها ڳالهه وسهڻ جهڙي آهي. اهڙو ذڪر پهاڪي نمبر ٢٢٦ واري ۾ پڻ آيو آهي ۽ فارسي واري پڻ چيو آهي:

طرب نوجوان ز پير مجو، | جوان جي خوشي پوڙهي کان م ڳول،
ڪ دگر نايد آب رفتہ بہ جو، | جو گَتُ مان ويل پاڻي نہ موٽي.
زرع را چون رسيد وقت درؤ، | پوک کي جڏهن لاباري جي مهل اچي،
نخرامد چنانڪ سبز نوء. | تڏهن تازي سبزي گهاءِ ڪڏهن نہ تلي.

۴٨ - اُکرن ۾ متا وجهن، سي مُهرن کان نہ ڊجن.

اُکري هڪ ڪاٺ يا نکر جي پوري شي آهي، جنهن ۾ اَن چڙجي: مهري ڪاٺ جي ڊگهي شيءِ آهي، جنهن سان اُکريءَ وارو اَن ڪُٽجي. مطلب هي آهي، جو جيئن ڪو ماڻهو هرڻ جو شڪار ڪري، ۽ اس يا اچ کان ڊڄي، يا مچيءَ جي شڪار وارو ٻڏڻ کان ڊڄي، يا راجا جنگ کان ڊڄي، تيئن ڏٺيءَ جو ڳولو زماني جي ڏک ڏاڪڙي کان ڊڄي، مطلوب کي ڪتان پهچندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

فدائي ندارد ز مقصود چنگ، | عاشق پنهنجي گهربل کان هٿ نہ ڪيي،
اگر برسرش تيغ بارند و سنگ. | توڙي متس تراريون ۽ پاهڻ ڪري وسن.

۴٩ - اُٺ پنهنجي مٽ ۾ ترڪي.

اُٺ جا پير اهڙا ترڪٽا آهن، جو گهڻا پيرا سندس مٽ ۾ سندس پير ترڪندا ڏسڻ ۾ آيا آهن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪليڇٽو ماڻهو پنهنجي لڇڻ کان پاڻ بڇڙو ٿئي، تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

اگر زدستِ بلا بر فلک رود بدخو، | ڪليڇٽو بلا کان پڇي جي اپ ۾ وڃي،
ز دستِ خوءِ بدِ خويش در بلا افتد. | پنهنجي بڇڙن لڇڻن جي هٿان بلا ۾ پوي.

۵٠ - اٺ جي چوري پکي ۾ جا لڪندي؟

اُٺ وڏو وهٽ آهي، تنهن کي ڪو چورائي پکي ۾ لڪائيندو تہ ڪاٿي لڪندو. تنهن وانگي جا ڳالهه پڌري گهڻن ڪنن تي پيل هوندي، سا ڪئن ڪو لڪائي سگهندو؟ جهڙو فارسي واري چيو آهي:

نهان ڪَي ماند آن رازي، ڪز و سازند محفلها. | اهو ڳجهہ ڪتان لڪي، جنهن جون مجلسون ڪن.

۵١ - آئي ٽانڊي کي بورچاٽي تي ويني.

هن پهاڪي جي ظاهري معنيٰ هيءَ آهي، جو پرائي گهر ۾ توري ڪم لاءِ اچي، گهر جو دعويٰ دار ٿي وينو. جهڙو فارسي وارو پڻ چوي ٿو:

آمد براءِ اخگر چون مطبخ نشست. آئي ٽانڊي ڪي بورچاڻي ٿي ويني.

پر مطلب هي آهي، جو هيءَ دنيا پرائو گهر آهي، تنهن ۾ ماڻهو رڳو عبادت لاءِ آيو آهي: اهو ڪم ڇڏي پاڻ ڪي گهر جو ڏٽي چاٽي وينو آهي. ۽ فريد صاحب جي هن سلوڪ ڪي نٿو سمجهي:

چار گنوايا هنڊڪي، چار گنوايا سُمهه، چار پهر ڏنڌي ۾ وڃايئي، چار پهر ننڊ ۾ وڃايئي،
ليڪا ربُ مڱيسين، تون آيون ڪهڙي ڪم؟ حساب ڏٽي گهرنڊءِ، آئين ڪهڙي ڪم؟

## ۵۲ - اُٺ ڪي لاٽو، گهوڙي ڪي داٽو، مرد ڪي ناٽو، محبوب ڪي ماٽو.

لاٽو هڪڙو جهنگلي گاهه آهي جو اُٺ ڪي چڱو لڳي: ماٽو يعني ناز. هن پهاڪي مان ٻيو نرالو مطلب ڪو نہ ٿو نڪري، مگر جهڙيءَ طرح پهرين ٽن ڪي ٿي شيون چڱيون آهن، تهڙي ريت محبوب ڪي پڻ ناز چڱو آهي. خصوصاً فارسيءَ واري محبوب ۽ ناز ڪي ابجد جي ليکي هڪ ڪري ڏيکاريو آهي:

| محبوب | اکر | م | ح | ب | و | ب | کل تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ابجد/ انگ | ۴۰ | ۸ | ۲ | ٦ | ۲ | ۵۸ |
| ناز | اکر | ن | ا | ز | | | |
| | ابجد/ انگ | ۵۰ | ۱ | ۷ | | | ۵۸ |

## ۵۳ - اڱين پاٽي، پوين چڪ.

ڪنهن تلاوَ ۾ پاڻي ٿورو هجي، ۽ اُتاهون ڌڻ يا لشڪر گهڻو اُجايل لنگهي، تہ جيڪي اڳي هوندا سي پاڻي پيئندا، جيڪي پوءِ هوندا اهي چِڪ چٽيندا. پر مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو ڦڙتائيءَ جو سعيو ۽ آرس جي گلا ٿو ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

ڪہ آفتهاست در تاخير طالب را زيان دارد. تہ دير ۾ آفتون آهن، ڳوليندڙ ڪي چيهو آهي.

## ۵۴ - انڌو هاٿي لشڪر جو زيانُ.

لشڪر ۾ هاٿي هئڻ چڱو آهي، پر جي هاٿي انڌو هوندو تہ واهر بدران سندس لتڙ ۾ لشڪر لتاڙجي مرندو. تهڙيءَ ريت ڪنهن ماڻهوءَ ڪي ڪم سڌارڻ لاءِ ڏبو ۽ هو اجاڻ هوندو تہ سڌارڻ بدران بگاڙي ڇڏيندو.

## ۵۵ - آهُر جي آسري جهنگ نہ چنائون.

آهر، ڍڳا يا اُٺ ۽ ٻيا پاليل وهٽ جهنگ ۾ چرڻ وڃن، تن جي رات جي چرڻ لاءِ سندن ڏٽي ڌارو، يا ڪڙ، ڪتر تيار ڪري رکن، تنهن ڪي آهُر چئجي. پر جهنگ ۾ گاهه چرڻ وهٽ جي وس آهي. ۽ آهر جوڙي رکڻ ڏٽيس جي وس. جڏهن ڪو آهر جي لالچ دل ۾ رکي جهنگ ۾ گاهه نہ چرندو، ۽

بکائجي گهر ايندو، ۽ ڏٺيس به آهُر نه جوڙيو هوندو ته بک مرندو يا نه؟ تنهن وانگي جو ماڻهو پنهنجي وس وارو فائدي جو ڪم پرائي وس واري ڪم جي آسري تي سيڙائيندو، سو فائدو ڪٿان پائيندو؟

۵٦ - اُپ قاتي ڪي به ڪڏهن اگڙي پوي.

اگڙي پوڻ يعني ڪِنڊ پوڻ، اُپ قاتڻ يا اُپ قاتي گي ڪِنڊ وجهڻ نه ٿيڻ جي ڳالهه آهي. تڏهن پهاڪي جو مطلب هي سمجهڻ گُهرجي ته جنهن ڪم جو ٿيڻ يا جنهن ڪم ٿيڻ واري جو دفع ٿيڻ ناممڪن هئي، تنهن لاءِ ڳڻتي نه ڪائجي. تنهن لاءِ هڪڙو نقل ياد آيو آهي:

## نقل

هڪڙي ماريءَ جهرڪي قاسائي ان ڪي ڪُهڻ جو ارادو ڪيو، جهرڪيءَ چيس ته مون مان اڌ ڏڪو گوشت نڪرندو، تنهن مان ڪهڙو ڏِوُ ٿيندءِ؟ آءٌ توکي ٽي نصيحتون چونديس، پر هڪڙي تنهنجي هٿ ۾ چونديس، ٻي جڏهن ڇڏيندين تڏهن وڻ تي ويهي چونديسانءِ، ۽ ٽين وڻ تان اڏامڻ مهل. ماريءَ اها ڳالهه مڃي. جهرڪيءَ چيس: جو جيڪا ڳالهه ٻُڌِ ۽ عقل جي قياس کان ٻاهر هئي ته نه وِسهج. تڏهن ماريءَ ڇڏي ڏنس. جهرڪيءَ وڻ تي ويهي چيس ته جو ڪم هٿان نڪري وڃي ۽ وري هٿ اچڻ جو نه هجي ته ان لاءِ ارمان نه ڪائج: ايترو چئي جهرڪي روئڻ لڳي ۽ ماريءَ جي حال تي ارمان ڪائي چيائين ته منهنجي پيٽ ۾ به ڏڪا تور هيرو آهي: جيڪڏهن هٿ اچيئي ها ته جمار لاءِ ڏِوَ هجي ئي ها. اها ڳالهه ٻڌي ماريءَ هٿ مهٽي ارمان ڪاڙو. تڏهن پڪي اڏاڻو. تنهن کان باقي ٽين نصيحت پڇيائين، تنهن چيو جو ٻن ڳالهين توکي اثر ڪو نه ڪيو، هن ريت جو اڌ ڏکي تور پکيءَ جي پيٽ ۾ ٻن ڏڪن تور وارو هيرو ڪٿان ماپندو؟ تنهن تي وسيهه ڪيئي، پر جي هجا ها ته به اڏاڻي کان پوءِ وري هٿ اچڻ جو نه هوس، تنهن لاءِ ارمان ڪاڙُءِ: تنهن ڪري تو جهڙي ماڻهوءَ کي باقي نصيحت چوڻ ڪار نه آهي.

۵٧ - انبن جون سڪون به ڪي انبڙين مان لهن.

انب هڪڙو پڪو ميوو آهي: تنهن جو سواد انبڙيءَ مان چا ايندو، جا ڪٽي ۽ ڪچي؟ جهڙوڪ، ڪٽڪ سپ ڪٽڪ: پر جو سواد حلوي مان اچي سو سَٽُن ۾ ڪٽي اچي؟ تنهن وانگي جنهن کي ڏٽيءَ جي عبادت مان چش آئي هوندي، تنهن کي دنيا جا ڏنڌا چا وڻندا؟

۵٨ - اُٺ چڙهئي به ڪڏهن نانگ ڪائي.

جو ماڻهو اُٺ تي چڙهيل هوندو تنهن کي ڪٿان نانگ ڏنگيندو؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ٻيا سپ آسرا ڇڏي ڏٽيءَ جي آسري رهندو، تنهن کي دنيا جي ڏنڌن جو ڪهڙو ڊپ؟ جهڙو سڌني پيڱت جو وچن آهي:

شنگهه سرن ڪَتِ جائيئي جو جنپڪ گِراسي؟ شينهن جي سام چو وججي جاتي گدڙ ڪائي؟

۵٩ - آپ سڪي ته جڳ سڪي.

جو ماڻهو پاڻ سکي آهي تنهن جي ليکي سارو جهان سکي آهي. اهڙي وارداني نمبر ٢١٨ واري پهاڪي ۾ گهٽي وڌيڪ سان آئي آهي.

### ٦٠ - اڳهه ۽ ڳپ جي سڌ الله کي.

ڳپ يعني پيٽ وارو پار، معنيٰ هيءَ آهي جو جنس جو اڳهه سهانگو ٿيندو يا مهانگو، ۽ پيٽ وارو بار پٽ ڄمندو يا ڌيءَ، سا خدا کي ڪلّ. پر ان ڳالهه ۾ منهنجو چوڻ هي آهي، جو سڀ ڪم جو هاڻي ڪان پوءِ ٿيندو، تنهن جي سڌ ڏٺيءَ بنا ڪنهن کي ناهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

ڪسِ را وقوف نيست ڪہ انجام ڪار چيست
ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ اوڙڪ ڪم جو ڇا آهي.

### ٦١ - انڌو ۽ اڻ سونهون هڪجهڙا.

هن پهاڪي جي مطلب ۾ ذرو بہ ڦير نہ آهي: ڇا ڪان جو هن انسان جي اندر ۾ ذات پاڪ جو جو نور آهي. پر جڏهن اڻ سونهپ ڪان اُن کي نٿو ڄاڻي. تڏهن انڌو ڄاڻبس يا نہ؟ تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي.

آنچہ ما ڪرديم با خود هيچ نابينا نکرد،
درميان خانہ گم ڪرديم صاحب خانہ را.

جيڪي اسان پاڻ سان ڪيو، سو ڪنهن انڌي بہ نہ ڪيو،
گهر جي اندر، گهر ڌڻي کي وڃايوسون.

### ٦٢ - اُٺ پڊو تہ بہ بہ ڪنوات لهي.

ڪنوات يعني اُٺ ننڍو، نئون سکيل. يعني جيئن پڪو اُٺ بار کڻڻ ۾ ڪنوات کان واڌو آهي، تيئن پوڙهو ماڻهو سياڻو پڻ رِت پنهنجي ڪم ۾ جوان نئي سکيل کان وڌ ڄاڻبو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

آنچہ در آئينہ بيند جوان،
پير اندر خيشت بيند پيش زان.

جيڪي جوان آرسيءَ ۾ ڏسي،
سو پوڙهو تنهن کان اڳي سر ۾ ڏسي.

### ٦٣ - اجا مينهون جهنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رڃ.

رڃ يعني باسڻ: جڏهن مينهون جهنگ مان چري اچن، تڏهن سيڪو باسڻ ڏوئي ڪير ڏهي. ۽ اڳوات باسڻ ڏوئڻ اڳ ڪتيو ڪم ڪرڻ آهي، سا ڳالهه سياڻن کي نہ وڻي. تنهن لاءِ نمبر ٣٩٦ واري پهاڪي ۾ گهڻو ذڪر هليو آهي سو ڏسڻ گُهرجي.

## ب

### ٦۴ - بادشاهين پوندي معاملي جتي ڪير ويچاري؟

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي جو دنيا ۾ ڏک توڙي سک اهنجي توڙي سهنجي سيڪنهن تي هڪجهڙي بيني آهي. جهڙي راجا تي تهڙي پينار تي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

ڪيا رنڪ، ڪيا پُوپُ، دک سک سنگ سدا رهي،
ڇا راجا، ڇا غريب، ڏک سک سدا ساڻ رهيس؛
گهر ۾ ڪوه هئي، يا سج ۾، تہ دلي جي ڳچيءَ

گھر اُجاڙ جيون ڪوپ رهي؛ دوهون گهٽ ۾ نوڙي.
جيوڙي.

## ٦٥ - بکئي کي بصر سان روٽي رکيائي، سيري کان سواد ۾ ڏيڍي سوائي.

ڍائي ماڻهوءَ کي پلاءُ به اهڙو سواد نه ڏئي، جهڙي بکئي کي رُکي روٽي سواد ڏئي. تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

هڪڙي درويش جي پندار ۾ روٽيون پکيون: پر ڏٽيءَ جي حڪم سان تيوڻ ڪو نه هو، درويش جي هڪڙي ٻالڪي رُکي روٽي کائڻ جي نه ڪئي، درويش جي چوڻ سان اُن جي روٽي لڪائي رکيائون. گِچ کان پوءِ ٻالڪي کي بک لڳي، تڏهن ڦڪو تي اُها رُکي روٽي ڳولي لهي، مني ڪري کاڌائين؛ تڏهن درويش کلي، هي فارسي سٽ پڙهي:

ڪوفته را نان تِهي ڪوفته. تکي کي رکي روٽي ڪوفتو آهي.

## ٦٦ - بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي.

هي بندو گهڻو چاهي جو فلاڻو ڪم ڪريان، يا فلاڻي شي هٿ لڳيم: پر جيسين ڏٽيءَ کي نه وڻي، تيسين ڇا ڪري سگهندو؟ جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

همري من ڪڇ اور هئي، ڪرتار ڪي ڪِڇُ اور، منهنجي دل ۾ ڪا ٻي، ڏٽيءَ جي دل ۾ ڪا ٻي؛
همري ناٺي نٺ رهي، پرڀ ڪي ناٺي نور. منهنجي رٿي بيجاءِ ٿي، ڏٽيءَ جي رٿي ٻجاءِ.

## ٦٧ - بي عقل جي بلا دور.

دين جي ڪم ۾ هن ٻهاڪي جي ڪم آڻڻ جي گهرج نه آهي، مگر دنيا جي ڪم ۾ آهي. جيڪڏهن چئجي جو ننڍي ٻار وانگي بي عقل ٿي رهه، ته مائٽن جي نظر سان تنهنجي بلا ٻجي، ته به هڪڙي ڳالهه. جهڙو فارسيءَ وارو چوي:

هر چند عقل بيش، غم روز گار بيش، جيترو عقل گهڻو، اوترو زماني جي ڳڻتي گهڻي،
ديوانہ باش، تا غم تو ديگران خورند. چريو ٿي ته تنهنجي ڳڻتي ٻيا ڪائين.

پر ان ٻهاڪي لاءِ منهنجو مت هي آهي، جو بي عقل کان بلا دور يعني بي عقل جي سنگت کان ٻيو نه سيکو پڄي، پر بلا به. تنهن لاءِ فارسي بيت آيو آهي:

ترا ازدها گر بود يارِ غار، توکي جيڪڏهن اُرڙ هئي سڄڻ ڳُوڙهي،
زان به ڪ جاهل بود غمگسار. تنهن کان چڱو جو جاهل هئي ڏک اورينڊڙ.

## ٦٨ - بي عقل دوست کان داناءُ دشمن چڱو.

هن ٻهاڪي وارو بي عقل جي سنگت کان ٻچڻ جو ڏاڍو تاڪيد ٿو ڪري؛ ڇا ڪان جو بي عقل جي صحبت مان ساهه جو ڊپ آهي. ان تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي شخص جو باندر هڪڙي ٿي ويسهه ٻڌل هو، تنهن کي ڏهاڙي رات جو پنهنجي ڪٽ جو جاڳو وهاريندو هو. هڪڙي ڏهاڙي هو ننڊ ۾ هو، ءِ باندر ترار اگهاڙي ڪري مٿس واهي بيٺو هو. اوچتو چور هڪڙو چوريءَ لاءِ آيو، جنهن کي باندر ڪين ڏٺو. ان مهل ڪِرڙي هڪڙي گهر ڏٽيءَ

جي بت تي چڙهي، باندر ترار سنباهي تہ هٽي ڪِرڙي ڪي ماري. اهو حال ڏسي چور سمجهيو جو ترار سان ڪِرڙي تہ مرندي، پر گهر ڏٽي بہ ساٽس. تڏهن ٻوڙي باندر ڪي هٿ ڪان جهليائين: تنهن بڪيڙي تي گهر ڏٽي جاڳيو ۽ چور جي واتان سڄو حال ٻڌي، چوڻ لڳو جو فارسيءَ واري سچ چيو آهي:

اگر خصم جان تو عاقل بود، — جيڪڏهن سياڻو تنهجي ساهہ جو ويري هئي،
به از دوستداري ڪ جاهل بود. — تہ بہ هو ان سڄڻ کان چڱو جو جاهل هجي.

## ٦٩ - باسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهڻن ڪي ڏئي.

نڪر ڏيڻ يعني گلارو ڪرڻ، هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو گهڻن ماڻهن سنگتِين مان هڪڙو ڪنهن باسڻ جي چوري ڪري، تہ جيڪر گمان سيني ۾ پوي: يعني هڪڙو لونيو ماڻهو گهڻن اشرافن جي سنگت ۾ هوندو تہ سڀيءَ ڪي گلارو ڪندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

شنيد ستي ڪ گاوي در علف زار، — ٻڌو اٿي تہ ڏاندن مان هڪڙو ويءَ ۾ پوي،
بيالايد همه گاوان ده را. — تہ جهلائي سين ڏاندن ڳوٺ جي ڪي.

## ٧٠ - بک وچان اُگهڙ ياد نہ آهي.

ڪمائيءَ واري ماڻهوءَ ڪي سڀ ڪان اڳي پيٽ پاڙڻ کپي، تنهن ڪانپوءِ انگ ڍڪڻ. ٻيا سڀ ڪم ان ڪان پوءِ: جڏهين ڪنهن ڪي پيٽ پرڻ لاءِ پورت نہ هوندي، تڏهن اگهڙ يعني انگ ڍڪڻ ڪٿان ياد پوندس؟ مطلب هي آهي، جو اڻ هوندي واري ماڻهوءَ ڪي ڪو سک نہ ملندو. فارسيءَ واري چيو آهي:

فراغت بہ فاقہ نہ پيوندد، — بک ساڻ واندڪائيءَ جو لاڳاپو نہ آهي:
جمعيت در تنگدستي صورت نہ بندد. — اڻ هوند ۾ جمعيت حاصل نہ ٿئي.

اهڙو ذڪر نمبر ١٢٦ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

## ٧١ - بک بڇڙو تول، دانا ديوانا ڪري.

ڏٽي شال پيٽ جي بک ڪنهن ڪي نہ ڏئي! بک سڀ ڪان بڇڙي ڏُوار آهي، جهڙو ڪنهن ڪي مرض غالب پوي تہ حواس باختا تي وڃن، تنهن وانگي جنهن ڪي بک زور پوي، تنهن جو عقل هارجي رهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

پراگنده روزي پراگنده دل. — جنهن جو رزق پريشان تنهن جي دل پريشان.

## ٧٢ - بڇڙو ڪتو ڏٽي پٺائي.

ڏٽي پُٺائي يعني ڏٽيءَ ڪي گاريون ڏياري. ڪنهن مهل ڪُتا ماڻهن ڪي ڏاڙهن، تہ اُو ماڻهو ان جي ڏٽين ڪي گاريون ڏين. تنهن وانگي جو ماڻهو بڇڙي چال هلندو تہ پنهنجي مائٽن ڪي پڻ گلا ڏياريندو.

پ

٤٣ - ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.

ڪنهن مهل ٻلي گهٽو يا ڏاڍو ڪاچ ڪائي وڃي؛ پر جڏهن اهو ڪاچ پيٽ ۾ وڪڙ وجهيس، تڏهن ڏکي ٿئي. تنهن وانگي هڪڙا ماڻهو ڪنهن مهل ڪنهن جي وهانو وڏاٽي تي ڪائڻ وڃن، ته اڳلي جي حال ڏي ڏسي قناعت ته نه ڪن، پر مورڳو هيچ ڪري ڪائڻ جيترو ته ڪائن، پر ٻيو زيان پڻ ڪن. پر جڏهن وٽن شادي مرادي ٿئي، ۽ اهي ساڳيا ڪائڻ لاءِ اچن، ۽ اهڙي ساڳي هلت ڪن، تڏهن هن پهاڪي وارو حال ٿئين. پر مطلب هي آهي جو سيڪنهن ڪم ۾ اڳياڙيءَ مهل پڇاڙيءَ ڳڻڻ سياڻپ جو ڪم آهي.

٤٤ - ٻارهن ٻوڙي ٻانيٽي، چوڏهن ٻوڙي چمار، جي تون اهڙو ڪامي، ته ٻه گهر ڌوٻي جو ٽار.

هن پهاڪي جي عبارت جو مضمون هي آهي، جو ان ٽن قومن جي عورتن سان زناءُ ڪرڻ ڪري ٻارهن، چوڏهن پيڙهيون نرڳ ۾ ٻڌنديون، سو اها ڳالهه سچ آهي. پر جڏهين انهن قومن جو زنانءُ ٻوڙيندڙ آهي، تڏهين ٻين قومن جو زناءُ نه ٻوڙيندو ڇا؟ تنهنڪري منهنجو چوڻ آهي جو زناءُ سڀ ٻيڙو ۽ سڀو ڪندڙ آهي. زناءُ ڪندڙ جو ڪڏهن ڀاڻ نه لڳندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

زاني نه مالي، اشتداقي نه خالي. زناءُ وارو وهيون، سوير جاڳندڙ ولهو نه ٿئي.

٤٥ - ٻه ياڙ ٽيون ليکو.

هي پهاڪو وهنوار ۾ سوڏي هلڻ لاءِ سمجهائي ٿو، پوءِ توڙي سڳي ڀاءُ سان هجي، ته ٻه وهنوار کي ياڻ وانگي جاڻي ساڻس سولو هلجي. اهڙو پهاڪو فارسيءَ ۾ پڻ آيو آهي:

دو برادر سيوم حساب. ٻه ياڙ ٽيون ليکو.

٤٦ - ٻاهران چڪي مڪي، اندران ٻڙ ٻڙ ڏکي.

هڪڙا ماڻهو ٻاهران فاقيرو ويس پهري، اندر ۾ پاپ ۽ ڪپٽ رکن. تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

اهڙن کي گُرو نانڪ شاه پڻ نِنديو آهي:

ٻاهر گيان، ڌيان، اشنان، ظاهري ويچار، ۽ ڏٽيءَ ڏي دل، ۽ وهنجڻ،
انتر وِياپي لوڀ سُوانُ باطني ڪتي وانگي لالچ ۾ گهڙيل.

٤٧ - ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا.

هي پهاڪو ڏسي هي مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙي ماڻهوءَ کي گهڻن ماڻهن جو قرض ڏيڻو ٿيو. رت ڪيائين ته جيڪڏهن ڏيوالو ڪيندس، ته ٻه ڳلا ٽيندي، تڏهن هڪڙي سياڻي سان پهُ ڪيائين. تنهن چيس جو جيڪو قرض چڪيئي، تنهن کي چرين وانگي هيءَ ورندي ڏي؛ ”نچ“ حاصل ڳالهه جو، اهڙيون ورنديون ٻڌي لهڻي وارن اُن کي چريو سمجهي، قرض چڪڻ کان بس ڪئي. پر اُن سياڻي جو پڻ ڪي قرض مٿس هو، تنهن گهريس، تنهن کي پڻ چيائين ”نچ“ چي ڙي مون کي ٻه ”نچ“، چي؛ ”توکي ته توکي، پر تنهنجي پيءُ کي ٻه نچ“ حاصل ڳالهه جو، لچ کي چڳي مت ڏسڻ پاڻ لاءِ جنجل پرائڻ آهي.

٧٨ - ڀ گدرا هڪڙيءَ مٽ ۾ نہ ماپن.

مطلب هي آهي تہ جو ماڻهو ڏٽيءَ ڪي ڳولي، سو جڏهن دنيا جي ڏنڻ ڪان پاڻ آجو رکي، تڏهن ڏٽي ڏي مهاڙ ٿئيس. يعني دنيا جو ڏنڻو ۽ ڏٽيءَ جي يادگيري ڀ ڪم گڏ پورا ٿيڻ اٽانگو ڪم آهي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

اڦُر اوستابُنِ اکا نيند نہ آوي نئن؛ دل ايڪانت ڏاران اکين ۾ نند نہ اچي؛

بنان اڦر ڪيون پائيئي آتم سُک کي چئن؟ ري ايڪانت ڪئن پائجي ڏٽيءَ ملڻ جو سک؟

انهيءَ تي هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

راجا هڪڙي ڪامل هڪڙي جي خدمت ۾ ڏٽي ملڻ جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ وينتي ڪي. ۽ اُن مراد حاصل ڪرڻ لاءِ فقير پنهنجي بنگلي ۾ آٽي تڪايائين. هڪڙيءَ رات فقير بنگلي جي ڪڏ تي چڙهي هيڏي هوڏي تي نهاريو: تنهن کان راجا پڇيو. فقير چيو جو ”اُٺ وڃايو اٿم. سو ٿو ڳوليان.“ راجا چيو: ”جو اُٺ وِيلُ ڀ ڪڏهن ڪڏ تي ڳولجي؟“ فقير چيو: جو تڏهن ڏٽيءَ ملڻ جي واٽ راڄ جي تخت تي ڪئن ڳولجي؟ مطلب جو جاسين دنيا جي ڏنڻ کان پاڻ نہ ڇڏائبو، تاسين ڏٽيءَ جي ملڻ جي اُميد نہ رهندي، يعني ٻئي هاجون گڏ هٿ نہ ايندين.

٧٩ - ٻن ٻيڙين تي پير رکي، تنهن جون جنگهون ڦاٽن.

هن پهاڪي جي مطلب سمجهڻ لاءِ نمبر ٧٨ وارو پهاڪو ساڳيو آهي. تنهنڪري ٻيو نٿو لکان.

٨٠ - ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي.

هن پهاڪي جي مضمون جهڙو هڪڙو پهاڪو نمبر ٤٨٦ وارو آيو آهي، تنهن ۾ گهٽي وارداتي هلي آهي: تنهنڪري هت تفصيل نہ لکيل آهي.

٨١ - ٻڪري جنهن وڻ سان ٻَجهي، سو وڻ چَري.

هن پهاڪي جي اکرن جي معنيٰ اهڙي اهنجي نہ آهي، جنهن ۾ ڪو منجهي: ۽ سندس مطلب هي آهي جو لچ ماڻهوءَ کي جيڪو ايپچو ڪندو، تنهن کي اُهو لچ مورڳو گهاٽو وجهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

خبيث را چون تعهد کني و بنوازي، خبيث تي جيترو توهہ ۽ پالنا ڪندين،

بدولت تو نگه ميکند بہ انبازي. تنهنجي دولت تي ٻجڙائيءَ جي نظر ڪندو.

٨٢ - ٻليءَ کي خواب ۾ ٻہ ڇِچڙ.

ڇِچڙو هڪڙي ميري شي آهي، پر هميشه ٻليءَ جو ڪاڄ آهي. هن کي سُپني ۾ ٻڻ اُهو ميرو ڪاڄ نہ وسري. تنهن وانگي لچ ماڻهو جو لچائيءَ ۾ سدا رُڌو رهي، تنهن کان پلجي، سپني ۾ ٻڻ چگمزسيءَ جو ڪم نہ ٿيندو. جهڙو فارسيءَ جو بيت آهي:

ز ابليس هرگز نيايد سجود؛ شيطان کان ڪڏهن متو نايو نہ ٿئي،

نہ از بد گُهر نيکوئي در وجود. لچ کان ٻڻ موچارائي موجود نہ ٿئي.

٨٣ - ٻاٻُل آچاري، پر ڪو مجي.

ٻاٻل يعني مکي، يا پريو مڙس: آچاري يعني پورو نياءُ چوندڙ.
مطلب هي آهي تہ پريو مڙس گهٽو ئي سچ چوندڙ هئي، پر اڳيان مجيندڙ جو ڪو نہ هوندو! تنهن وانگي نصيحت ڪرڻ وارو هوندو، پر ٻڌڻ واري ۾ جو لل ڪو نہ هوندو تہ ڇا حاصل ٿيندو؟
جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| فهم سخن گر نکند مستمع | سمجھ ڳالھ جي جيڪڏهن نہ ڪري ٻڌڻ وارو، |
| قوت طبع از متکلم مَ جو. | زور طبع جو چوندڙ کان م ڳول. |

## پ

### ٨۴ - پڳو گهڙو ڏون ڏون ڪري.

جهڙو پڳو گهڙو، تهڙو اجاڻ ماڻهو، يعني هن جو ڪڙڪو ٻچڙو، تهڙو هن جو ڳالهوَ اجايو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| ان پوچي هي جانيئي موُڙ ديک من ماھ، | اڻ پڇي مورک جو حال دل ۾ ڄاڻي وٺجي، |
| چلکي اوچي نير پر، پوري چلکي نانھ. | پريل دلي جو پاڻي نہ ڇلڪي، ۽ اوٽي جو ڇُلڪي. |

اهڙي ڳالھ نمبر ١١٥ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

### ٨۵ - پڳيءَ سان ئي پير، جاسين رتو راس ٿئي.

هي پهاڪو پڻ قناعت جو تاڪيد ٿو ڪري، جو جاسين تو وٽ دولت گهٽي نہ آهي، تاسين سادي سودي تي سنجم ڪري دم لنگهاءِ. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| گر نبود بالِش آگنده پر، | جيڪڏهن وهاڻو ڪنين پريل نہ هئي، |
| خواب توان کرد حجر زير سر. | پاهڻ متي هيٺ ڏيئي ننڊ ڪري سگهجي. |

### ٨٦ - پنگڙي سلطان، هيري موتيان دي کاڻ، نہ جيوڻ ڪا آسرا، نہ مرڻ دي ڪاڻ.

هي پهاڪو نجو پنگ پيڻ وارن موالين جي چوڻ جو آهي، جي پنگ پيڻ مهل پنگ جي ساراه بابت چوندا آهن، ۽ منجهانس ٻيو مطلب ڪو نہ ٿو نڪري.

### ٨٧ - پنگان چيز ٻڌن، لنبي رووي ڪٽڪ ڪُون.

هي پهاڪو پڻ پنگ پيڻ وارن موالين جي چوڻ جو آهي، پر سندس ٻُڻ هن طرح آهي، جو هڪڙي هنڌ ڪٽڪ ۽ پنگ جي پوک هڪٻئي جي پرسان پيئون هيون. اوچتو برسات ڏاڍي ٿي، جنهنڪري ٻئي پوکون ٻڏڻ لڳيون. پوک ڏٺيءَ جي جوءِ زيان ٿيندو ڏسي ڪٽڪ جي ٻڏڻ جو ارمان ڪائي رُئڻ لڳي. اوچتو اتاهون موالي هڪڙو لنگهيو، تنهن هي پهاڪو چيو. پر مطلب هي، جو سيڪنهن ڪي پنهنجي مطلب واري ڳالھ، ۽ دل گهربل شي وڻي. پوءِ ٻئي ڪي وڻي تہ ڇا، نہ وڻي تہ ڇا.

### ٨٨ - پنگ جهنگ ۾ پاڻي، ملڪ ۾ آباداني.

هي پهاڪو پڻ پنگ گهوٽڻ ڪان پوءِ پنگ ۾ پاڻي وجهڻ مهل موالي چوندا آهن، هن مطلب تي، جو جڏهن جهنگ ۾ پاڻي اچي تڏهن آبادي ٿئي، تنهن وانگي پنگ ۾ پاڻي پوڻ ڪري به جاڻ موالين لاءِ وَسَندي ٿئي.

٨٩ - پاڙي ۾ مسواڙ جو ڪئت ڪو نه آهي.

ڪئت يعني قاعدو، يعني پاڙو ۾ مسواڙ ڪڏهين سهانگو ڪڏهن مهانگو. جيتوڻي پهاڪي وارو رڳو ان بن ڪمن جي اڳهه جي بيهڪ نه هئڻ جو بيان ڪري ٿو، پر سچ هيءُ ڳالهه آهي، جو دنيا جو ڪو به ڪم سدا هڪڙي حال ۾ نٿو رهي. تنهن تي اردوءِ واري چيو آهي:

جب گيا بلبل چمن ۾ ديک کي فصل خزان، رو کي هس کهني لگا گاهي چنين گاهي چنان.

جڏهن بلبل باغ ۾ ويئي جهولي جي مُند ڏسي، روئي کلي چيائين ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن.

٩٠ - پينر پنيوران جي پڳيون سي چتيون.

پنيور هڪڙو جبل ۾ ڳوٺ، جنهن ۾ سسئي تي لنگهي آهي، پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو سسئي جڏهن پنيور ڪان پڳي، تڏهن ڪَرَ چتي. تنهن وانگي جو ماڻهو دنيا جي ڳپتَن ڪان پچندو، سو ڏٽيءَ کي واصل ٿيندو.

٩١ - پنگي پائر به صوفي ست هزار، ماري مُتهرن سان ڏڙ ڪيائون ڏار، پيئي لوڪ پچار ته پڙُ پنگين ڪتيو.

صوفي يعني پنگ جو اڻ پياڪ. مُتهرو يعني پنگ گهوٽڻ جو ڏنڊو. هي پهاڪو رڳو پنگ پيئندڙن موالين جي کهبي جو آهي، جي پاڻ کي اهڙو سورهه تا ڄاڻن، جو ڪَرَ (٧٠٠٠) ستن هزارن صوفين کي، بن موالين ماري ورتو. سو جي اهڙا سورهه هئن ها، ته جيڪر حبش جي ويڙهه تي ڪُڏي وڃا؛ پر ڪوڙ جو مسئلو ڪوڙ.

٩٢ - پنگي دي جوءِ سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪئفي دي جوءِ اِپنوين آکي، ماريا هت نه هووي.

هن پهاڪي مان ڏار مطلب ڪو نه نڪري ٿو، رڳو نشي پيڻ وارن جا لڇڻ ڏيکاري ٿو. هن ريت، جو پنگ پيڻ وارو ماڻهو نشي جي مهل زبان توڙي دل ڪئنري رکندو آهي: تنهنڪري سنديس جوءِ ڪنانس سرهي رهي ۽ آفيمي ماڻهو نشي ۾ پنڪيون ڪائي: جنهنڪري ڪنهن مهل ضروري ڪم ڪان پڻ ڳُسي وڃي، تنهن ڪري جوٽس ارمان ڪائي: ۽ ڪئفي يعني شرابي نشي مهل ڪاوڙ گهڻي ڪري، ۽ زال سان اڻ وٽت رکي، تنهنڪري جوٽس پائني، جو نشي مهل شال گهر ۾ نه هئي.

٩٣ - پرئي اُت تان وڃٽي لٿي، ته به چڱي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۾ کي موڙهو ڪين آهي، جنهن جو بيان ڪجي، مگر مطلب سو هي آهي، جو جيڪڏهن هڪڙي ماڻهوءَ کي پنجاهه ڪوهه پنڌ ڪرڻو هئي، تنهن مان هڪڙو ڪوهه به ڪيائين

تہ بہ شڪر ڪرڻ ڪپيس: يا ڪنھن کي سؤ رپين قرض ڏيٺو ھئي تنھن مان ھڪڙو رپيو بہ لڌو، تہ بہ سرھو ٿيڻ گھرجيس، جو ٿورو توڙي گھڻو تہ گھٽ ٿيو، تنھن وانگي جيڪڏھن ڪو ماڻھو پاپ جھڙا ڪم گھڻا ڪندڙ ھئي، تن مان ھڪڙي ڪرڻ کان ڇٽو تہ بہ چڱو.

## ٩۴ - پڃ چريا مست آيئي.

ھن پھاڪي ۾ اھڙي مُعما ڪا نہ آھي، جنھن جي بيان ڪرڻ جي گھرج ھجي. رڳو ايترو آھي، جو نشئي ماڻھو چرئي کان بہ چريو چئجي، جو چرئي کي ڪنھن مھل رات ۽ ڏينھن جي ڦير جي سڌ رھي: نشئيءَ کي ايتري بہ نہ رھي. جھڙو ھڪڙو سنڌي ساڏ چوندو آھي: "پنگان پي پُٺ مانجھي، تہ پتيون ٿين سون جون، صبح منجھان سانجھي."

## ٩٥ - پڃندڙن جي اگ ۾ لڪندڙن جي پوءِ ۾.

ھي پھاڪو بچاپڙن ماڻھن جي حال تي آيو آھي، جن کي فارسيءَ ۾ خانہ برانداز چئجي، جيڪي ھڪڙي ھندان ٻڌي ٻئي ھند ٻڌائي ٻن دوستن جي وچ ۾ ڏقيڙ وجھن. اھڙن لاءِ فارسيءَ واري پڻ بيت چيو آھي:

مال داري را بگويد مال دار؛ — مال واري کي چوي مال سوگھو ڪر،

دزد را گويد کہ املاڪش برار. — چور کي چوي: وسلا چورائينس.

پر اھو ڪم لچن جو آھي: اشراف کي اھڙيءَ ھاج کان پاسو ڪرڻ ڪپي. ڏٽي اھڙيءَ سنگت ۽ اھڙن لچڻن کان رکيا ڪري.

## ٩٦ - پُلي ياڻ آئي، سا بہ نہ پلي.

ھن پھاڪي ۾ ڏنارن جي اصطلاح جا اکر آيا آھن: تہ جو ڍور پُلي يعني ڏڻ مان رلي ويو، ۽ وري ياڻ يعني وٿاڻ ۾ آيو، اُھو بہ ڪَرَ نہ پُلو. تنھن وانگي پاپ يا بُڇڙي ڪم کي جنھن ماڻھوءَ بچڙو جاڻي ڇڏيو، ۽ توبھ ڪئي، تنھن بہ جاڻ بچڙو ڪم نہ ڪيو. ويتر اھڙن پاپن کي ماڻھو ساراھيندا آھن. جھڙو فارسي مثل آيو آھي:

گنھگار توبہ ڪار بہ از عابد ناپرھيزگار. — بي ڪريائتي فقير کان توبہ وارو پاپي چڱو.

## ٩٧ - پِگڙن ڪاڏي ھٿ ڏوتا پيا آھن.

جنھن ڪاچ جي ڪائندي ڪاچ ۾ ھٿ پرجن، تنھن جي ڪاڏي ھٿ ڏوئڻ ضرور آھن: پر پِگڙن ڪاڏي نڪي ھٿ پرجن نڪي ڏوئجن. تنھن وانگي دنيا جي ڪنن ڪمن ۾ ھٿ وجھبو، تہ پچاڙيءَ جي گِٽِتي رھندي. نہ تہ ڪھڙو ڊپ؟ جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

تو پاڪ باش برادر، مدار از کس باک؛ — ادا، تون پاڪ رھ، پوءِ ڪنھن کان ڊپ نہ رک،

زنند جامہ ناپاک گاذران بر سنگ. — ڪتي/ڌوبي بہ پليت ڪپڙي کي پاھڻ تي سٽي.

## ٩٨ - پريءَ چنيءَ کان پيري چنو چڱو.

ھڪڙي ھنڌان ڪنھن مزور کي چار مڻ بار جا ڪٽي ڪاتي پھچائڻا ھئا، سو جيڪڏھن ھڪ پيري اھو سڀ پري ٻڌي ڪڻندو، تہ چيلھ يا ڳاٽو پچي پوندس. پر جي ھڪڙو مڻ چار پيرا ڪري ڪڻندو،

تہ جيتوڻيڪ پند گهڻو ٽيندس، پر زبان کو نہ پهچندس. تنهن وانگي جو ڪم هري هري سُڌرندو، سو تکڙ سان نہ ٿيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| بچشم خويش ديدم در بيابان، | پنهنجين اکين سان بر پٽ ۾ ڏٺم، |
| کہ آهستہ سبق برد از شتابان. | تہ هوري هلندڙ ڪٽيو ڊوڙندڙ کان. |
| سمند باد پا از تنگ فروماند، | گهوڙو تکو ڊوڙي تکي پيو، |
| شتربان همچنين آهستہ مي راند. | اوٺي هري هري هلندو رهيو. |

## ت

**٩٩ - توڙي وڃي رومر، تہ بہ هي نصيبان اڳرو، ڊوڊي مٿان تومر، لکيي لوح قلم ۾.**

ڊوڊو، جوار/ باجهريءَ جي ماني، تومر هکڙو ٻاجيءَ جو قسم آهي. هي ٻئي شيون سادو کاڄ غريبن جو آهي. پر جيڪڏهن کو ماڻهو اُچي کاڄ ملڻ لاءِ کنهن پرانهين ملک ۾ بہ ويندو، تہ بہ نصيب ۾ سادو لکيو ويو هوندس، تہ اُچو کٽان ملندس؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| رو مغرب، رو مشرق، رو، رو، رو، | الهندي وڃ! اُڀرندي وڃ! جاڏي وڃين وڃ! |
| هرچہ نصيب است از ان کم نشود جو. | جيڪي نصيب آهي تنهن مان جو بہ نہ گهٽبو. |

**١٠٠ - تکڙي کتي انڌا گُلِر ڄڻي.**

گُلِر يعني کتي جا ٻونگڙا. کتي توڙي کا ٻي ويامندڙ، پوري وقت کان اڳي ويامندي، تہ جائي ٻچو کچو ڄڻيندي، تنهن وانگي جيکو ماڻهو کم ۾ اجائي تکڙ کندو، تنهن جو کم رُلندو. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| کہ تعجيل کار شياطين بود. | جو تکڙ شيطان جو کم هئي. |

**١٠١ - تکڙو ماڻهو بہ پيرا هنگي.**

کنهن ماڻهوءَ کي کو تکڙو کم کرڻو هئي، ۽ ان مهل ۾ جهاڙو اچيس: پر تکڙو تي خطري متائڻ کان اڳي جهاڙي تان اُٿي اچي، ۽ کم کندي وري جهاڙي جو خطرو ٿئيس، تہ وري ٻيو پيرو پوئيءَ ۾ وڃڻو پويس. هاڻي ڏسو تہ ان تکڙ مان اُلٽو سيڙاپو ٿيو يا نہ؟ مطلب، جو هي پهاکو پڻ نمبر ١٠٠ واري پهاکي وانگي اجائي تکڙ کان جهلي ٿو.

**١٠٢ - تکيا سڀ تکيام، تو ري تکيو نانہ کو.**

تکيو يعني آسرو، تکيام معنيٰ ڳوليم: پهاکي واري جو مطلب هي آهي، جو سڀ آسرا ڳوليم، تہ ڏٺيءَ بنا ٻيو آسرو کو نہ آهي. سو ان ڳالهہ ۾ ڦير کو نہ آهي. ان تي فارسيءَ واري جي بہ شاهدي آهي:

| | |
|---|---|
| ندارم بجز تو پناهي دگر: | تو ڌاران پناهہ نہ رکان کا ٻي، |
| نہ غير از درت روءِ راهي دگر. | تنهنجي در ڌاران کنهن واٽ جو منهن نہ ڏسان. |

**١٠٣ - تنهن جي مرڻ جو ارمان کائجي، جنهن جي جيئڻ مان فائدو هئي.**

هيءَ ڳالھ پڌري آهي، جو ماڻھو مئي کي کو نہ رُئي، سيڪو پنھنجي سک کي رئي: يعني جنھن مان سک کو نہ هوندو، تنھن جي مرڻ جو ڏک کنھن کي ٿيندو؟ جھڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

هرکہ در زندگي نانش نخورند، | جنھن جي جيئندي هٿانس ماني نہ کائيندا،
چون بميرد نامش نہ برند. | جڏهن مرندو، نالو بہ نہ وٺندس.

١٠۴ - تاڙي هڪ هٿي نہ وڄي، ٻہ هٿي وڄي.

تاڙي هٿ هٿ تي هڻجي، تنھن مان نڪاءُ نڪري، تنھن نڪاءَ جو نالو. پھاڪي جو مطلب هي آهي، تہ دوستي توڙي وير جاسين هڪڙي دل ۾ هجي، تاسين پڌري نہ ٿئي. جڏهن ٻن ڌرين جي دل ۾ پوي، تڏهن اثر ڪري. هنديءَ واري پڻ اهڙو پھاڪو چيو آهي:

دو اُو چاهي ملن ڪون تون ملاپ نرذار، | ٻئي ملڻ پائين تڏهن گڏجاڻي ٿئي؛
ڪبھون نانھ باجئي ايڪ هاٿ سون تار. | ڪڏهن هڪ هٿ سان تاڙي نہ وڄي.

١٠۵ - تماڪُو تاڻي جنين وڏو جان ۾، انھن کي آڻي حُورون ڏيندا هنجن ۾.

هي پھاڪو تماڪ جي ساراہ جو آهي، جو تماڪ جا پياڪ گھڻو ڪري چوندا آهن. پر جي ري ڪل پڇو تہ هي پھاڪو سچ پچ هئن چوڻ کپي جو "طمع کي تاڻي، جنين ڪڍيو جان مان، انھن کي آڻي، حورون ڏيندا هنجن ۾."

يعني جو لالچ ڇڏيندو، سو سکي رهندو.

١٠٦ - تيل ساهنگو هو، تہ جيڪر گدڙن پچ مکيا.

سڀ ڪم جي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن مان هڪڙي شيءِ گھرجي، سي ڪھڙيون بہ؟ زر يا زور. پوءِ عقل تہ بہ زور، علم تہ بہ زور، ۽ جو ماڻھو اِن ڏاران ڪنھن ڪم جو سوس رکندو، سو گدڙ آهي، ۽ ڪم اڳيانس تيل آهي. تنھن تي فارسي مثل بہ آيو آهي:

ميخواستم کہ سک زنم تا بہ روم و شام، | پانيم تہ روم ۽ شام تائين پنھنجو سڪو هلايان؛
عقلم جواب داد کہ بي زر نميشود. | عقل جواب ڏنم تہ ناڻي ڏاران نٿو ٿئي.

١٠٧ - تَوَڻِ جو تڪرار سان، سڌ جنھن کي هوءِ. منجي اُتي جوءِ، وڃي تنھن کي وسري.

توڻ يعني رات ڏينھن جو ڪاڏو: هن پھاڪي جھڙو ذڪر نمبر ٢٩٠ واري پھاڪي ۾ پڻ آيو آهي. پر اُن ۾ بازار ۽ سرڪار جي قرض جي ڊپ بابت ڳالھ آهي. اُن ۾ هن ڳٽتيءَ جي وچ ۾ وڏو قير آهي. بازار جي قرض واري کي معافيءَ جي اُميد، نا تہ توري قيد جو پوَ، پر اُتي بہ ڪاڏي جي بک ڪا نہ رهنديس، ۽ تَوَڻ جو اُلڪو سڀ ڪان ڏاڍو آهي. ڏٺي اُن سيني ڳٽتين کان شال بچاءُ ڪري. اهڙي حال واري لاءِ فارسيءَ واري پڻ ارمان ڪائي چيو آهي:

شب پراگندہ خسپد آنکہ پديد، | رات جو پريشان سمھي اهو، جنھن کي پڌري،
نبود وجھ با مدادانش. | نہ هئي تَوَڻ صبحاڻي جي.

١٠٨ - تڪڙ ۾ طمع ڇا ڏجي؟

يعني ڪنهن ڪم جي طمع رکي، تنهن ۾ تکڙ ڪبي، تہ چا پرائبو؟ چا ڪان، جو طمع پاڻ هکڙي بچڙي بلا آهي. جنهن جي فارسيءَ وارو گلا تو ڪري:

بدوزد طمع ديده هوشمند، لالچ سياڻي جي اک سبي،
در آرد طمع مرغ و ماهي بہ بند. مڇيءَ ۽ پکيءَ کي لالچ ڦاهيءَ ۾ وجهي.

تنهن ۾ وري تکڙ بي بلا آهي. جنهن جي عربيءَ وارو گلا تو ڪري.

التعجيل فعل الشيطان. تکڙ شيطان جو ڪم آهي.

هاڻي ڪرڻ قياس گهرجي، تہ جاتي هکڙي بلا خراب ڪرڻ لاءِ گنج آهي، تاتي بہ بلائون گڏ هونديون تہ منجهان ڪتان سک ٿيندو؟

## ١٠٩ - ترَ جي گُٿي سوَ (١٠٠) چوٿون ڪائي.

ترِ هکڙو ان جو قسم جنهن جو تمام ننڍڙو داڻو آهي؛ پر سنڌ جي اصطلاح ۾ ٿوري کي چئجي. چوٿ يعني ڏکو. معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ٿوري تان بہ ڪنهن ڳالهہ ۾ جو ماٺهو گٿو، سو سَوَ (١٠٠) ڏکا ڪائيندو؛ يعني ڏکي ٿيندو. تنهن ڪري ڪپي تہ جيڪي ڳالهائجي، يا ڪم ڪجي سو سمجهي ويچاري ڪجي ۽ تکڙي بي ويچاري ڳالهائڻ يا ڪم ڪرڻ ڪان ويچار واري ماٺ پلي آهي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

تامّل ڪنان در خطا و صواب، ويچار ڪندڙ سڌائيءَ ۽ ڏنگائي ۾،
به از ژاژ گويان حاضر جواب. اجائي ڳالهائيندڙ حاضر جواب ڏيڻ واري ڪان چڱو.

ت

## ١١٠ - ٿوري ڪٿئي گهٽي برڪت.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ فير آهي. پلا ويچار ڪپي، جو ٿوريءَ اُپت ۾ بي برڪت ڪتان وهي پوندي؟ ۽ جيڪڏهن ائين هجي تہ گهٽي ڪٿئي لاءِ جيڪر ڪير رلي اُجهي؟ پر سندس پورو مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو قناعت کي تو ساراهي، تہ جنهن کي ڪمائي ٿوري بہ هئي ۽ خرچ اُپت آهر ڪري، تہ سُکيو رهي. تنهن لاءِ هي نقل ياد آيو اٿم:

هن حيدرآباد شهر ۾ آڳاتو، پائي مينگهراج هکڙو وڏو سائين لوڪ سدا ڏٽيءَ جي عبادت ۾ رهندو هو؛ ۽ ڪنهن ڪان گهرڻ يا ڪي ونڻ جي هير نہ هيس. مگر آڳاتا (١٠) ڏهہ (٢٠) ويهہ رپيا گڏ ڪيل صراف وٽ وياج تي رکيل هيس. تنهن جو جيڪي وياج ملندو هوس، تنهن مان وڏي سنجم يعني صرفي سان سڄي مهيني جي تَوَڻ ڪندو هو. مرڻ مهل اُهو ڏراوت وارو ناڻو ڌرم ڪري چڏيائين. ڏسو، جو اهڙيءَ نيت واري ماٺهوءَ کي ٿوري ڪٿئي ۾ برڪت پيئي يا نہ؟ ۽ مرڻ مهل سوڏو وهيون رهيو ڪو نہ؟ پر جيڪڏهن ڪو چوي، جو ڏهن ويهن رپين واري کي چا وهيون چئبو، تہ تنهن جو جواب فارسيءَ واري چئي چڏيو آهي:

اگر فرمان روائي ڪامران است، جيڪڏهن راجا مراد هلائيندڙ آهي،
و گر درويش حاجتمند نان است. ۽ جيڪڏهن فقير مانيءَ جو محتاج آهي،

دوران ساعت کہ خواهد این و آن مرد، جنهن مهل هي ۽ هو بئي مرندا،
نخواهند زین جهان پیش از کفن برد. هن جهان مان ڪفن ڪان واڌو نہ نيندا.

۱۱۱ - ٿوري ڳرهين ڳهٽو ڪائجي.

معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ننڍن ڳرهن ڪاڏي ڪاچ ڳهٽو ڪائي وڃجي؛ جهڙيءَ ريت، وڏين منزلن وارو پانڌيڙو سگهو ٿڪجي، ۽ ننڍين منزلن وارو چرڪو: جئن تہ فارسيءَ واري چيو آهي:

اي بسا اسپ تيز رو کہ بماند، گهڻا ڀيرا گهوڙو تکو هلندر رهي ويو،
کہ خرلنگ جان بہ منزل برد. جو منڊي ڳڏه ساهي منزل تي وڃي پٽي.

پر آءٌ ڀانيان ٿو، جو هن پهاڪي ۾ قناعت جي ساره آهي. جو ماڻهو ٿورو ڪائيندڙ هوندو، تنهن جو سدائين هٿُ سجو رهندو، ۽ هٿ سجي وارو ماڻهو گهڻا ڏهاڙا جيئندو ۽ ڪائيندو، ۽ گهڻ ڪائڪ هوندو، تہ هڪڙي پاسي ڳلا؛ ٻي پاسي طبع ۾ ڪَسُ. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

چوکم خوردن طبیعت شد کسي را، جڏهن ٿورو ڪائڻ ڪنهن جي عادت ٿي،
چو سختي پيشش آید سهل گیرد، جڏهن اهنجي اڳيانس اچي تہ سنهنجي لڳيس،
و گر تن پرور است اندر فراخي؛ جيڪڏهن بت پاليندڙ آهي سنهنجائيءَ ۾،
چو تنگي بیند از سختي بہ میرد. جڏهن اهنجي ڏسي تہ ڏک ۾ مري.

۱۱۲ - ٽڏو گهڙو پاڻ کي چانوَ ۾ رکائي.

جنهن دلي ۾ پاٽي سِگهو يا گهٽو نري، تنهن کي سيڪو پاٽيهي چانوَ ۾ رکي. تنهن وانگي، جو ماڻهو اشراف، يا ايمان، يا وفاداريءَ، يا نمک حلاليءَ سان هلندو، تنهن کي سيڪو آڌر ڏيندو؛ يعني پنهنجو مان سيڪنهن کي پنهنجي وس آهي.

۱۱۳- ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي.

مطلب هي آهي، جو سک ۽ ڏک ۾ سرهو يا ارهو نہ رهي ۽ اهو سڀ ڏٽيءَ جي پاران ڄاڻي ۽ شکر ڪري، تہ ڏٽي ان ڳالهہ ۾ راضي رهندو آهي. ان ڳالهہ لاءِ فارسيءَ وارو شاهد آهي:

اگر عزّ و جاه است ور ذِلّ قید، جيڪڏهن وڏائي ۽ مان آهي يا قيد جي پيندي آهي،
من از حق شناسم نہ از عمرو زید. آءٌ ڏٽيءَ کان ڄاڻان نہ فلاڻي فلاڻي کان.

ٿ

۱۱۴ - ٿنونءَ کي ٿارو، ٿازيءَ کي اِشارو.

ٿنون يعني ڍلو گهوڙو، ٿارو يعني لڪڻ. هن پهاڪي وارو چوي ٿو، جو جيترو پنڌ ٿنون لڪڻ هڻڻ سان هلي، ڀلو گهوڙو اشاري سان اوترو هلي. تنهن وانگي جو ڪم سياڻو ماڻهو اشاري سان ڪري، اهو ڪم اياڻو ماڻهو ڦٽ لعنت سان بہ مس ڪري.

ٿ

١١٥ - نلهو چڙو وجي گهٽو.

چڙو يعني گهنڊ يا گهنڊٽي. گهنڊٽي جڏهن پوري آهي، تڏهن ڪڙڪو ٿي ڪري، پر جي نهري هئي ته جيڪر ڪتان وجي؟ تنهن وانگي ماڻهو پڻ جو سچو هوندو، سو گهٽي بڪواد ڪندو، ۽ سائو ٿورو ڳالهائيندو. اهڙو ذڪر نمبر ٨۴ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

١١٦ - نڙِ ڪَجي نڪاءُ ڪجي، اڳلو نہ پڄي تہ پاڻ پڄجي.

يعني جهيڙي جي مهل ڪڙڪو ڪري جهيڙو ٽارجي، پر جي اُن نڙڪي تي بہ ڊر نہ ٽري، تہ پاڻ ٽري پاسو ڪجي. مطلب جو جيئن تيئن ڪانڊ ڪرڻ چڱو ڪم آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| چو پرخاش بيني تحمل بيار؛ | جڏهن جهڳڙو، ڏسين تڏهين ڪانڊ ڪر؛ |
| کہ نرمي بہ بندد درِ ڪارِ زار. | تہ ڪونئرائي جهيڙي جو در بنڌي. |

١١٧ - نونٽ لڳي ساهيڙي پڳي.

نونٽ ٻانهن جي اڏ واري سنڌي جو نالو، ساهيڙي يعني دوستي. مطلب هي آهي، جو دوستي هڪڙي چڱي وٿ آهي، تنهن کي غنيمت ڄاڻ. ۽ جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهہ تي دوستيءَ جهڙي نازڪ جواهر کي نہ ڀڃ. فارسيءَ واري پڻ هڪڙو اهڙو مثل چيو آهي:

| | |
|---|---|
| سنگي بچند سال شود لعل پاره، | پاهڻ ڪيترن ورهين ڪان پوءِ جواهر ٿئي، |
| زنهار تابہ يک نفسش نشکني بہ سنگ. | سنپال تہ توريءَ ويرم ۾ پاهڻ سان نہ پڃي سگهندين. |

## پ

١١٨ - پرائيءَ ڏيءَ تان ڪارڪ بہ چڱي.

هن پهاڪي جي پاڙ هن طرح آهي، جو هڪڙو ماڻهو پاڙوسيءَ جي ڏيءُ جي وهانو تي ويو، جڏهن وري آيو، تڏهن ياٽس پڇيو تہ ڇا مليُئي؟ چي ڪارڪ. چي بس؟ تڏهن هي پهاڪو چئي ٻڌايائينس. مطلب جو جيڪي اونهيئين ري ڪيٽ ملي، پوءِ توڙي ٿورو هجي، تہ بہ چڱو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| مفت را چہ بايد گفت. | مفت ملي تنهن کي ڇا پڇبو. |

١١٩ - پڇندڙ نہ منجهندڙ.

هن پهاڪي وارو پڻ نمبر ۵ واري پهاڪي چوندڙ وانگي مرشد ڪان واٽ پڇي ونڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري، ۽ چوي ٿو تہ پڇندين تہ واٽ ملندئي، ۽ منجهندين ڪين. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

| | |
|---|---|
| جوينده يابنده. | ڳوليندڙ سو لهندڙ. |

١٢٠ - پنهنجي ڪئي جو نڪو ويچ، نڪو طبيب.

هن پهاڪي مان بيو نرالو مطلب ڪو نه ٿو نڪري، رڳو ايترو آهي، ته جو ماڻهو پاڻ پنهنجو زيان ڪندو، تنهن جو علاج ڪير ڪندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

خود ڪرده را علاجي نيست — پنهنجي ڪئي جو نڪو ويج، نڪو طبيب

## ١٢١ - پاٽي ۾ باھ ٽورا نه چاڙجن.

اڪري هن پهاڪي جي معنيٰ تورڙي مطلب هي آهي، جو باھ ٿورڙي هڪڙي چڻنگ به هئي ته به ٿوري نه چئجي، ڇا ڪان جو وڌندي ويرم نه ڪري؛ ۽ پاٽي ته به ان طرح جو هڪڙي واهه ۾ ننڍو پاٽي هئي، تنهن ۾ ڪو بيخوف ٿي گهڙي، پر جي اُن ۾ هڪڙي ڪڏ هئي ته ٻڏي يا نه؟ تنهن ڪري ٻنهي کي ٿورو نه چاڙجي؛ ۽ ڏجڻ گهرجي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

آب و آتش به چشم ڪم ديدن، — پاٽي ۽ باھ اکين سان ٿورا ڏسڻ،

ڪار داناءِ دوربين نه بُود — ڪم ڏاهي پڇاڙي-ڏٺيندڙ جو نه هئي.

## ١٢٢ - پاٽيءَ کان اڳي ڪپڙا نه لاهجن.

ڪنهن واهه جو پاٽي لنگهڻو هجي، ته پاٽيءَ وٽ اچي سيڪو ڪپڙا لاهي، پر واهه تي پهچڻ کان اڳي ڪپڙا لاهڻ اهو ڪم آهي، جهڙو حجامت جوڙائڻ واري ڏينهن حجام اڃا آيو ئي نه هجي، اڳيئي متو اگهاڙو ڪري پسائي ويهجي، يعني اڳ ڪتيءَ ڳالهه لاءِ فڪر ڪرڻ سياڻپ نه آهي.

## ١٢٣ - پيادي مان هسوار، هسوارن مان پيادا.

دنيا جو معاملو سدائين ڪنهن سان هڪجهڙو نٿو رهي: هڪ سجن مان ساوا ٻيا ساون مان سجا ٿين. تنهن تي هي هڪڙو مثل آهي:

بادشاهه هڪڙي ڪامل کان پڇيو: جو ڏٽي کهڙا ڪم ڪري؟ ڪامل چيس: جو گهوڙي تي چڙهي جهنگ ڏي هل، ته ورندي ڏيانءِ. تنهن موجب ڪامل پنڌڙيو ۽ بادشاهه گهوڙي تي چڙهيل جهنگ ۾ ويا. تڏهن بادشاهه ڪامل جي چوڻ پٽاندر گهوڙي تان لهي پنڌ ٿيو، ۽ ڪامل گهوڙي تي بادشاهه کي سوال جي ورندي ڏني، ته ڏٽي هي ڪم ڪري، جهڙو مون کي پيادي مان سوار ڪيائين، ۽ توکي سوار مان پيادو. ان تي گورو نانڪ شاهه پڻ چيو آهي:

ريتي پري، پري سڪناوي، يه تانڪو وهنوار. — نلها پري، پريا نلها اهو سندس ڏنٿو.

## ١٢٤ - پنهنجي ڏنئري کي ڪتو ڪو نه چوي.

هن پهاڪي جي اڪرن جي معنيٰ پڌري آهي: مگر مطلب هي آهي، جو پنهنجي وٽ جي ڳالا ڪو به ڪو نه ڪري. ويتر سيڪو سارا هي، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

تا سمند زمين در يورش است، — جاسين ڏرتيءَ جو گهوڙو ڊوڙندڙ آهي،

ڪس نگويد ڪه دوغ من ترش است، — ڪو ماڻهو نه چوي ته منهنجو ڏڌ ڪٽو آهي.

## ١٢٥ - پرڻ چوي ڏونگهي کي وچ ڍِ ٿُنگا.

پرڻ، هڪڙو اتي چاڙهڻ جو باسڻ آهي، جنهن کي گهٽا تنگ تين؛ ڏونگهو مٽ مان پاٽي ڪڍڻ جي شيءِ آهي، جنهن کي تي تنگ آهن. مطلب هي آهي جو گهٽڻ ويڪُن وارو تورن وِڏُن وارن کي مهٽو ڏئي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

آپ نہ ديئي چُلون پر پاني؛ پاڻ کنهن کي چرونءَ جيترو پاٽي بہ نہ ڏئي؛
تن نندي جن گنگا آني. تن جي گلا ڪري جن گنگا آندي.

پر فارسيءَ وارو اهڙين ڳالهين ڳالهائڻ وارن کي منع تو ڪري، ۽ چوي ٿو:

چو بد ناپسند آيدت خود مکن؛ جي بچڙائي نہ وٽيئي تہ پهريائين پاڻ نہ ڪر،
پس آنکہ بہ همسايہ گو بد مکن. پوءِ پاڙي واري کي چئو تہ بچڙائي نہ ڪر.

## ١٢٦ - پنڻ وچان پڙهڻ ياد نہ آهي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، تہ جنهن کي بک هوندي تنهن کي پڙهڻ يا عبادت يا ٻيو ڪم ڪٿان ياد پوندو؟ جهڙو ڪبير صاحب جو وچن آهي:

بُکي ڀڳت نہ ڪيجي، يہ وچن مالها اپني ليجي بک ۾ ڀڳت نہ ٿئي، هيءَ ارٿ مالها پنهنجي وٺ

۽ ان تي هڪڙو نقل پڻ آيو آهي:

هڪڙو غريب ماڻهو ڏهاڙي هڪڙي پڙهيل وٽ پڙهڻ ويندو هو؛ ۽ هڪڙو ڀاڳوان اُن غريب کي ڏهاڙي روٽي ڪارائيندو هو. هڪڙيءَ مهل او ڀاڳوان مسافريءَ تي ويو؛ تنهن ڪري غريب کي پيٽ پرڻ لاءِ پنٽو پيو، ۽ پڙهڻ جي واندڪائي نہ رهيس. هڪڙي ڏهاڙي اُو پڙهيل واٽ تي مليس، ۽ پڙهڻ لاءِ نہ اچڻ جو سبب پڇيائينس، تنهن تي چيائين جو پنڻ کان واندو ڪين آهيان، پڙهان ڪئن؟ مطلب جو اڻ هوند واري کي سڀ ڪم اهنجو آهي. اهڙو مذڪور نمبر ٧٠ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

## ١٢٧ - پيٽ پريو تہ منهن ڪارو سهي.

ڪميني ماڻهوءَ کي دولت ڳڏ ڪرڻ جي ڳِتني گهڻي رهي، ۽ مان جو فڪر تورو بہ نہ رکي؛ ۽ مان کان ماني پياري جاٽي، ۽ چوي:

بخدمت منه دست برپاي من، خذمت سان منهنجي پيرن تي هٿ نہ رک؛
مرا نان ده و ڪفش بر سر بزن. مون کي ماني ڏي ۽ پادر مٿي تي هڻ.

پر اهو لچڻ ڪميڻ جو آهي؛ ۽ اشراف کي اها ڳالهہ نہ وٽي؛ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

اگر آبحيات را بر آبروءِ فروشند، دانا نخرد. جيڪڏهن انبرت آبروءَ تي وڪامي تہ بہ سياڻو نہ گنهي.

۽ اهڙو ذڪر نمبر ١٦١ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

## ١٢٨ - پُٽ ڪُپُٽ پينگهي ۾ پڌرو.

هن پهاڪي جي اکري ارٿ ۾ ڪي اهنجو نہ آهي، جنهن جو بيان ڪجي؛ مگر مطلب سندس هي آهي، جو سلڇڻو ۽ ڪلڇڻو ماڻهو آريڪٽن ۾ پڌرو. جهڙو هندي وارو چوندو آهي:

ڪل سُپوت جانيو پري لک سپ لڇڻ گات؛ ذاتي سُپُتَ بُتَ جي لڇڻ ڏسڻ مان سڄاپي،
هون هار بروان ڪي هوت چڪني پات. پلي ٽيڻ وارو بروان * جا پن ئي سٽيا ٿئن.
۽ اهڙو ذڪر نمبر ٢٩ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

* "بروان" وڻ جو نالو.

## ١٢٩ - پاڻُ نہ پلي سسئي، لوڪان متيون ڏئي.

هي پهاڪو اهڙن ماڻهن جي نصيحت لاءِ آيو آهي، جي ٻين کي جنهن ڪان جهلن سو ساڳيو ڪم پاڻ ڪن. تنهن لاءِ گرو نانڪ شاهه پڻ چيو آهي:

اوران أپديسي آپ نہ ڪري، ٻين کي نصيحت ڪري، ۽ پاڻ أئين نہ ڪري،
آوت جاوت جنمي مري. أهو اچي وڃي ۽ ڄاپي ۽ مري.

۽ اهڙن لاءِ هنديءَ واري چيو آهي:

آپ کهي ناهن ڪري تانڪو هي يه هيت، چوي ۽ پاڻ نہ ڪري تنهن جو حال هي آهي،
آپُ نجاوي ساسُري اوران ڪُون مت ديت. جا عورت پاڻ ساهري نہ وڃي، ۽ ٻين کي صلاح ڏئي.

۽ فارسيءَ واري پڻ اهڙن لاءِ چيو آهي:

ترک دنيا بہ مردم آموزند، دنيا جو ڇڏڻ ماڻهن کي سيکارين،
خويشتن سيم و غلہ اندوزند. پاڻ چاندي ۽ اَنُ گڏ ڪن.

پر جڏهن اهڙي ماڻهوءَ جي هي سڀ اڻ وڻندي تا ڏيکارين تڏهن ديندار ماڻهوءَ کي ان هلت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

## ١٣٠ - پاڻي پي نہ ذات پڇجي.

ڪي ماڻهو هڪڙين ذاتين وارن ماڻهن جي هٿ جو پاڻي نہ پين: پر جڏهن ڪنهن ذات واري جو پاڻي پي پوءِ ذات پڇندو، ۽ اُن ذات واري جو پاڻي پيتو نہ هوندس، تہ ارمان ڪائيندو. پر مطلب هي آهي، جو جنهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ ارمان ڪاڏي بہ پرائجي سو پهريائين جاچي چو نہ ڪجي؟ تنهن تي هنديءَ واري بہ چيو آهي:

جو ڪرئي سو ڪيجيي پهلي ڪر نر ذار؛ جيڪي ڪرڻو هئي سو پهريائين ويچار ڪري ڪجي: اڳ ۾ پاڻي پي پوءِ گهر پڇڻ چڱو
پاني پي گهر پوڇنا ناهن پلو ويچار. ويچار نہ آهي.

## ١٣١ - پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو تو هٽي.

سيڪنهن ماڻهوءَ کي ٻجڙي ۽ چڱي ڪم جي قير جي سُڌ آهي. توڙي هڪڙو جهنگلي ماڻهو هوندو، تہ بہ حلال ۽ حرام ڪائڻ جو قير سمجهندو، تڏهين جو ماڻهو جاڻي ٻجڙو ڪم ڪندو، سو ڪر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هٽندو. تنهن وانگي سيڪو جاڻي تو جو دنيا دوياري آهي: پر جو ماڻهو ائين جاڻي دنيا جي لوپ تي دين ٻوڙيندو، تنهن سان هي پهاڪو لاڳو آهي. جهڙو شيخ فريد صاحب فرمايو آهي:

دين گوايو دُني سين، دني نہ چلي ساٿ؛ دنيا لاءِ دين وڃايئي دنيا بہ ساڻ نہ هلي؛

پاءِ کھاڙا ماريا غافل اپني هاٿ. موڳي پنهنجي پير تي پاڻ کھاڙو هنيون.

**۱۳۲ - پلاءُ رحمت الله عليه، جي هکيو حاضر هوءِ. ريڙهي هٽجي پيٽ ۾، مر پيٽ ڦاٽي پوءِ.**

پلاءُ هکڙي چڱي کاڄ جو نالو آهي، جو چانورن، گوشت ۽ گهٽي گيهہ، مصالح سان جڙي. مطلب جو جن کي ڏٽيءَ جو ڏنو آهي، تن کي ڏهاڙي اهڙا کاڄ کائڻ لاءِ هکيا آهن: ۽ جن کي ڏٽي سنجم يعني قناعت بخشي آهي، سي پنهنجي لچ پت جي رب کي پلاوَ کان پڻ واڌو ڄاڻن. مگر جي حريص وات جا چٽا آهن، تن مان کنهن هي پهاڪو چيو آهي، جي پرائو ان ڏسي، پيٽ بہ پرائو ڄاڻي پرن، تن کي نيٺ زيان ٿئي. پر سُگهڙ ماڻهوءَ کي اهڙي هلت نہ گهرجي.

**۱۳۳ - پرائي دهلين احمق نچي.**

پنهنجي گهر جي شاديءَ جي دهلن تي سيکو نچي، جو هکڙن قومن جي ريت آهي: پر پرائي شاديءَ جي دهلن تي کنهن جو ڇا واسطو؟ جهڙو کي هکڙي جي گهر ۾ پلاءُ رجهي، تہ پاڙي واري توڙي ٻئي کي کهڙو سواد ايندو؟ ۽ تهان سواءِ جو پراوا دهل وڄندا ڏسي نچندو، سو پنهنجو کم سيڙائيندو. پوءِ اُن کي احمق ڄاڻبو کي نہ؟ تنهن کري سياڻي کي گُهرجي جو اهڙي پهاکي جو مهاڏو ڻي، پنهنجي کم ۾ رڌو رهي. اهڙو بيان نمبر ۱۳۴ ۾ پڻ آيو آهي.

**۱۳۴ - پرائي پٽ کي چمئي، ڳِگ پرجي وات.**

پنهنجي پٽ کي چمي ڏيڻ مان، سيکنهن کي سواد اچي، ۽ پرائي پٽ چمڻ مان مورڳو کراهت. هن پهاکي مان پڻ نمبر ۱۳۳ واري پهاکي جهڙو مطلب نکري ٿو.

**۱۳۵ - پلا چڏي پاپي، کو کُتل کڳا کائي.**

پلو مني درياءَ جي هکڙي سوادي مڇي آهي، کڳو هکڙي سادي مڇي. مطلب هي آهي جو جيکڏهن ڏٽي گيهہ مليدو کائڻ لاءِ ڏئي تہ بصر سان روٽي کير کائي؟ ۽ جي کيمخاب اطلس پهرڻ لاءِ ڏئي تہ کتو کير ڍکي؟

**۱۳۶ - پاڻ نہ پاري کتا ڏاري.**

بعضي ماڻهو ٿوريءَ پڄنديءَ وارا خرچ گهٽو کن. هي پهاکو انهن لاءِ چوي ٿو، ۽ قناعت لاءِ سمجهائين ٿو. هن ريت، جو ماڻهوءَ کي پيٽ پرڻ ۽ انگ ڍکڻ سڀ کان ضرور آهي، ٻيا ورتڻ جا کم سڀ کان پوءِ: پر جو ماڻهو اهڙن ضروري کمن کي پاسي رکي پهريائين ٻين کمن جي ڳِٽتي کندو، تنهن کي هي پهاکو لاڳو ٿيندو.

**۱۳۷ - پَٽ نُهَن تي پاٽي آهي.**

پانيءَ جو ڦڙو نهن تي رکجي ۽ نهن ٿورو ئي لڏي تہ هارجي پوي. تنهن وانگي پٽ جو کم پڻ نازک کان نازک آهي، جو جيکڏهن ٿوري بہ منجهس حرکت پوي، تہ وري هٿ اچڻ اَولي آهي.

**۱۳۸ - پاهڻ کنئرا هئا تہ هوند گدڙن کائي چڏيا.**

پاھڻ ھڪڙي ڏاڍي شيءِ آھي، تنھن ڪي گدڙ جھڙو گانڊو مرون چا ڪائي سگھندو؟ تنھن وانگي نڌر ماڻھو سنر ڪم ۾ ھٿ وجھندو تہ ڪٿان ڪري سگھندو؟ اھڙو مثل نمبر ١٠٦ واري پھاڪي ۾ پڻ آيو آھي.

١٣٩ - پيٽُ پَرِ، پني لَڏِ.

ھن پھاڪي جو مطلب ھي آھي، جو وھٽ ڪي گاہ داڻو ڏيئي پيٽ پر، تہ پنيءَ تي بار ڪٽي. تنھن وانگي نوڪر يا مزدور ڪي پڻ قوت ڏي تہ پورھيو ڪري. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| زر بده مرد سپاھي را تا سر بدھد: | ناڻو سپاھيءَ مڙس ڪي ڏي تہ سِرُ ڏيئي؛ |
| و گرش زر ندھي سر نھد در عالم. | جيڪڏھن زر نہ ڏيندينس تہ ڀڄي ويندو. |

١٤٠ - پير ڪان بہ ويساہ پلو آھي.

مطلب ھي آھي، جو پِير گھڻو پلو ھئي پر منجھس ويساھ رکبو تہ مراد پوري ڪندو، نہ تہ نہ. تنھنڪري چا سمجھڻ کپي تہ ويساھ وڏو آھي يا نہ؟ جھڙو فارسي مثل آھي:

| | |
|---|---|
| محفل خدا پرستان ھمچو کلبه بزازان ست: | مجلس ڪاملن جي بزازن جي گھر جھڙي آھي، |
| آنجا تا نقدي نہ دھي، بضاعتي نَستائي؛ | هُت جاسين روڪڙ نہ ڏين، وٿ نہ مليئي، |
| اينجا تا ارادتي نياري، سعادتي نہ بَري. | هِت جاسين ويساھ نہ آڻين، مراد نہ وٺين. |

١٤١ - پٽيندي ئي پيٽ ڪي ويو چمارو چٽ، ھو جو متي ڪٽ سو پڻ پٽي پيٽ ڪي.

چٽ معنيٰ جھنگلي يا غريب، ھو جو متي ڪٽ يعني ھو جو وھيون، پھاڪي جو مطلب ھي آھي، جو غريب توڙي دنيادار، تہ سدائين پيٽ ڪي پٽيندو رھي ٿو، يعني پيٽ پرڻ لاءِ رُلي ٿو. اِن ڳالھ ۾ ڦير ڪو نہ آھي. تنھن تي شيخ سعديءَ پڻ چيو آھي:

| | |
|---|---|
| اگر جور شکم نبودي، مرغي در دام نيفتادي، | اگر پيٽ جو ظلم نہ ھجي ھا، پکي ڦاھيءَ ۾ نہ |
| بلکہ صياد خود دام نہ نھادي. | پوي ھا، |
| | ويتر ماري ڦاھي نہ پکيڙي ھا. |

١٤٢ - پٽ پراڻو تہ ڪو جند جو نائو.

جند جو نائو، اٿو پينھي پچاڙيءَ ۾ ھڪڙي پراڻي اڳڙيءَ سان جند تان اٿو اکھي لاھين، تنھن اڳڙيءَ جو نالو. معنيٰ ھيءَ آھي، جو پٽ کھڙو بہ پراڻو ھجي تہ بہ جند اکھڻ جي لائق نہ ڄاڻبو. پر مطلب ھي آھي جو ھڪڙو اشراف وڏو وئل پئجي سُجو ٿئي، تہ بہ ان جي قدامت تي ڌيان نہ رکي، ان تي نالائق ڪم رکڻ نہ کپي، چا ڪان جو اٺ ھوند ڪري ھن جو مان اڏامي ڪين ويندو. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| جوھر اگر در خلاب افتد ھمان نفيس است: | جواھر جيڪڏھن گپ ۾ پوي تہ بہ نازڪ آھي؛ |
| غبار اگر بر آسمان پرد ھمان خسيس است. | لٽ جيڪڏھن اُڀ ۾ اڏامي تہ بہ ھلڪي آھي. |

١٤٣ - پنھنجي ٿوري، گڏھ ڪي بہ پيرين پئجي.

ڳڏهه ڪي پيرين پوڻ جو مطلب هي آهي جو ڪنهن مهل ڪميڻي ماڻهوءَ ۾ ڪم پوي ته سياڻو ماڻهو نياز ڪري ڪڍي وٺي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

نا سزائي را چو بيني بخت يار، نالائق ماڻهوءَ سان جڏهن ڏسين بخت ساٿي،
عاقلان تسليم کردند اختيار. سياڻن سلام ڪرڻ کي اختيار ڪيو آهي.

### ١۴۴ - پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو پُنگو نه ڊاهجي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۾ لڪو ڪين آهي جو پڌرو ڪري ڏيکارجي. مگر مطلب سندس هي آهي، جو ڪي ماڻهو ترڙا، وِلها، وهين جو ڪاڏو ۽ پهرڻ ڏسي ريس ڪري، پاڻ به اُها هلت ڪرڻ پائين: پر دولت بنا اُها چال ڪٿان هلي؟ مورڳو جيڪو وسلو هئين، سو پڻ تورن ڏهاڙن ۾ چٽ ڪري وهن. اهڙن ماڻهن کي هي پهاڪو ٽوڪي ٿو، ۽ چوي ٿو جو پنهنجي سادي سودي تي شڪر ڪري گذار. تنهن لاءِ فريد صاحب پڻ چيو آهي:

رُڪا سُڪا کائڪي ٺنڊا پاڻي پيءُ، رُکي سُکي روٽي کائي ٿڌو پاڻي پيءُ؛
ديک پرائي چوپڙي نا ترسائو جيءُ. پرائي سٽيي ماني ڏسي دل نه سڪاءِ.

### ١۴۵ - پريو مڙس پَي نه ڪجي، وجائجي نه وهي.

پَي معنيٰ مڙس، جنهن سان زال پرڻجي. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي جو جا زال جوان، مڙس پوڙهي سان پرڻي: تنهن جاڻ پنهنجي وهي وجائي: ڇا ڪان جو هن کي اُن مڙس جي سنگت ڪان ڏاڍي بڇان لڳندي، جهڙو فارسي مثل آهي:

زن جوان را تير در پهلو، جوان زال کي پوڙهو مڙس بغل ۾،
به ڪہ پير در پهلو. تنهن کان ڪُڪِ ۾ ڪان چڱو.

پر سندس نج مطلب هي آهي، جو نا جنس سنگت ڪنهن کي نه وٽي. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

پارسا را بس اين قدر زندان، پرهيزگار فقير کي ايترو ئي قيد گهڻو آهي،
ڪہ بود هم طويلۂ رندان. جو مست فقير سان هئي گڏ.

### ١۴٦ - پنهنجي گهر ۾ ٻلي به شينهن/ پنهنجي ڏر تي ڳدڙ به شينهن.

هنن ٻنهي پهاڪن جو مطلب هي آهي جو غريب، توڙي دنيادار، نِڌرُ جي سِڌُر، ته پنهنجي گهر ۾ ڄڻ راجا آهي.

تنهن تي هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

سڪنانو گهر اپني، دکيا تو پرديس. سک ته پنهنجي گهر ۾، ڏک ته پرڏيهه ۾.

### ١۴٧ - پاپ جي مايا پراڇت ۾ وڃي.

پراڇت معنيٰ گنگهاريءَ جو ڏنڊ: يعني جا دولت پاپ ڪري ڪو گڏ ڪندو تنهن جي اُها دولت پاپ جي گنگهاريءَ ۾ ويندي. جهڙو هڪڙو ماڻهو دلبو ڪري ڪٿان پنج رپيا هٿ ڪري، سي قبي وجنس: تنهن چوس تي وري اُن طرح دولاب ڪري بيا پنج رپيا ڪمائي، سا ڳالهه سرڪار ۾ پڌري ٿي پوي، تنهن بدران ڏهه رپيا ڏند پري، اڳين پوئين ڪسر ڏيئي اچي، ته هي پهاڪو مٿس لاڳو

ٿئي يا نہ؟ تنهنڪري گهرجي، جو ست ڌرم جي ڪمائيءَ مان حلال جي دولت هٿ آڻجي، جنهن ڪي اڳي پوءِ لهر نہ لوڏو.

۱۴۸ - پلو سيري ڪان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ، پلو گوڏا ڪوڙي ڪاءُ.

پلو هڪڙي مڇيءَ جي چڱي ذات آهي، ماٺهو سندس سواد جي ساراه ڪندا آهن؛ سيرو هڪڙيءَ طرح جو منو حلوي جهڙو کاڄ آهي؛ پر پلن جا ڪايارا ماٺهو پلي کي سيري کان پڻ واڌو ڄاڻي هي پهاڪو چوندا آهن؛ ٻيو نرالو مطلب منجهانس ڪو نہ ٿو نڪري.

۱۴۹ - پائجي تہ وڏي ڍيران پائجي.

يعني ڌوڙ نہ پائجي، پر جي پائجي تہ وڏي ڍير مان. مطلب سندس هي آهي جو ڪنهن جو ٿورو نہ ڪڍجي؛ جي ڪڍجي تہ وڏي لل پرئي جو ڪڍجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

مدد از مردمي ڪريم طلب؛ خاڪ از توده ڪلان بردار. واهر ڏاتار ماٺهوءَ ڪان گهر؛ ڌوڙ وڏي ڍير مان ڪڻ.

۱۵۰ - پوءِ ڏائي ڪان قرض نہ ڪڍجي، توڙي لک لُٽائي.

قرض ڪنهن ڪان بہ ڪڍڻ چڱو نہ آهي؛ پر هن پهاڪي وارو پوءِ ڏائي، يعني ڪميٽي نئين ڏاول ڪان اُڌاري ونڻ جي ڏاڍي منع ٿو ڪري. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

هر چہ از دُونان بہ منت خواستي، جيڪي ڪميٽن ڪان منت سان گهريئي،

در تن افزودي، و از جان ڪاشتي. بت ۾ وڌايئي؛ ساهہ ۾ گهٽايئي.

۱۵۱ - پرائي آس؛ ڪني جي لاس.

لاس معنيٰ تيوڻ جي رسُ. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي جو پرائو آسرو اهڙو آهي، جهڙوڪي رڳيءَ رس ڪاڏي ڏہُ ٿئي؛ يعني ڏءُ نہ ٿئي. پر مطلب هي آهي، جو ڏٺيءَ ڏاران ٻئي جي آس رکڻ اهڙي آهي، جهڙي ڪُني جي رس ۾ آسرو رکڻ؛ ڇا ڪان، جو ديڳڙي ۾ رڌل تيوڻ جي رس لٽي ڪان پوءِ ڇرڪي سُڪي، ۽ ڪني واري جي سِڱهي. پر جيڪي پرائي آس رکن، تن لاءِ فارسيءَ واري چڱو بيت چيو آهي:

چہ دلتنگ خفت آن فرومايہ دوش، ڇا ڪوماٺل ستو اُهو اڄاڻ ڪلهہ رات،

ڪہ بر سفره ديگران داشت ڪوش. جنهن پرائي خونچي ۾ اک رکي.

۱۵۲ - پَهَيرُ چور ٿئي، تہ واهي ڪيترو وهي.

پهير يا لوڙهو ٻنيءَ جي چوڌاري ٻيل ڪان بچاوَ لاءِ ڏيندا آهن، واهي يعني نگهبان. مطلب هي آهي، جو حاڪم رعيت لاءِ اهڙو آهي جهڙو پوک ڪاڻ پهير؛ پر جڏهن ڪو رعيت جو مَٽَ-گُهرو ٿيو؛ تڏهن رکڻ وارو ڪير ٿيندو؟ تنهن تي فارسي واري چيو آهي:

نڪند جور پيشہ سلطاني، ڪہ نايد زگرگ چوباني. ظالم بادشاهي نہ ڪري؛ بگهڙ ڪان ڌنارپي نہ ٿئي.

١٥٣ - پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري، ننڍي هوندي نہ سکيو، وڏي خواري.

هي چار ڪم ننڍپڻ ۾ سکڻ سولا آهن ۽ اُن مهل جا سکيا وسرڻ جا نہ آهن. وڏپڻ ۾ اهي ڪين سکي سگهجن. سياڻا چوندا آهن، جو ننڍي ٻار جي دل اهڙي آهي جهڙو ڪورو ڪاڳر. تنهن تي وٽي سو لکجي، پر جڏهن وڏو ٿيو تڏهن لکيل ڪاڳر تي لکبو؟

١٥٤ - پراٽي ڳوتري، بربلا تکا.

بربلا تکا، يعني تلها يا ڳرا ڏوڪڙ. پراٽي ڳوتريءَ ۾ تلها ڏوڪڙ پوندا تہ ضرور ڦاٽنديءَ تنهن وانگي ڪميڻي ماڻهوءَ کي دولت هٿ لڳندي تہ مستي ڪندو، ۽ موچڙا ڪائيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| سفلہ چو جاہ آمد سيم و زرش؛ | ڪميڻي کي جڏهن وڏائي ۽ دولت ملي، |
| سيلي خواهد بہ ضرورت سرش. | ضرور سندس مٿو ڌڪ گهري. |

١٥٥ - ٻُٽ تي گذار تہ سکهو ئي پيءُ ٿيندين.

معنيٰ هن پهاڪي جي پڌري آهي، ۽ مطلب سندس هي آهي، جو نياز ڪري ادب سان هلندين تہ سگهو وڏائي پائيندين؛ ۽ بيا تو اڳيان نياز ڪندا، پر جڏهن اصلي وڏائيءَ جو دم هڻندين تہ ڇا پرائيندين؟ فارسي مثل آهي:

| | |
|---|---|
| بلنديت بايد تواضع گُزين؛ | وڏائي گهرجيئي تہ نياز هٿ ڪر؛ |
| کہ اين بام را نيست سُلمي جز اين. | تہ اِن ماڙيءَ کي اِن ڏاران چڙهڻي نہ آهي. |

١٥٦ - پيٽ بہ ٻانهون چنتا ناهين.

جنهن ماڻهوءَ کي کائڻ لاءِ هڪڙو پيٽ ۽ ڪمائڻ لاءِ ٻانهون بہ، تنهن کي ڳڻتي ڪهڙي؟ پر مطلب هي آهي، تہ ماڻهو دنيا جا سڀ ڏنڌا ڇڏي آجو رهندو، تنهن کي ڪنهن ڳالهہ جو فڪر ڪو نہ ٿيندو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| سات گانٺ ڪوپين ۾ تہ او نہ آني سنڪ، | لانگوٽيءَ ۾ ست ڳنڍيون تہ بہ فڪر ڪو نہ ڪن. |
| رام عمل ماتي ڦرين ڳِنهہ اندرُ ڪُون رنُڪ. | ڏٽيءَ جي نشي ۾ مست وتن، اِندرُ* کي ولهو سمجهن. |

* اندر – سرڳ جو راجا.

١٥٧ - پنئين مڱئين گهر هلي تہ ڪهہ اُڏاري واٽ.

بعضي آرسي ماڻهو پورهئي کان پڄن، ۽ چون جو پن مان گذر ٿئي تہ اُڏارو پڻ نہ ونجي. هي پهاڪو اهڙن ڏي ميڇ تو ڏئي؛ پر لڄ واري کي ان جي ابتڙ ڪرڻ ڪپي. هن ريت جو حلال جي ڪمائيءَ مان پاڻ بہ پالي، ۽ پڄنديءَ آهر مسڪين محتاج جي بہ پالنا ڪري، فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| بچنگ آر، با ديگران نوش ڪن؛ | هٿ آڻ، ۽ ٻين سان ونڊي کاءُ؛ |
| نہ بر فضلۂ ديگران ڪوش ڪن. | ٻين جي اوبر کائڻ جو سعيو نہ ڪر. |

١٥٨ - پڙهي پاڻ نہ جاڻي ماري ڪتابي.

ڪتابي يعني شاگرد. سياڻا چوندا آهن جو استاد جي مار سنوار آهي، پر جڏهن استاد پاڻ پڙهيل نہ هوندو تڏهن شاگرد سندس مار مان ڇا پرائيندو؟ تنهن وانگي جو درويش پاڻ ڏنيءَ جي واٽ جو سونهون نہ هوندو، سو ٻئي کي ڪٿان واٽ ڏيکاريندو؟ جهڙو:

خفتہء را خفتہء ڪي ڪند بيدار؟ ستل کي ستل ڪٿان جاڳائيندو؟

## ق

١٥٩ - قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ.

هن پهاڪي مان بيو مطلب ڪو نہ نڪري ٿو، مگر ايترو آهي، جو ٿورو ٿورو گڏ ڪبو وڃبو، تہ سمي پاڻي گهڻو ٿي پوندو. جهڙوڪي پاين مان پيسا، پيسن مان رپيا، اهڙو هڪڙو مثل فارسيءَ ۾ پڻ آيو آهي:

اندڪ اندڪ همي شود بسيار: ٿورو ٿورو گهڻو ٿي پوي؛
دانہ دانہ است غلّہ در انبار. انبارن ۾ ان داڻو داڻو آهي.

١٦٠ - قرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هي هڪ.

گاندن جي ڳالهہ ڪڏهن قائم نہ رهي، سدا قرندي گهرندي رهي. مردن جي ڳالهہ تي سا تي، ڪڏهن ڪين قري، جهڙي پاهڻ تي ليڪ. اهڙو بيان نمبر ٢٦٤ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

١٦١ - قِٽ بجو ڪج، پر گيهہ ذرو ڏج.

هي پهاڪو پڻ بي لجي ماڻهوءَ جي شان ۾ آيو آهي جنهن کي آبروءَ کان پيٽ پيارو لڳي. اهڙن لاءِ هڪڙي سنڌيءَ پڻ چيو آهي، جو "مرد گهري مانَ کي، گاندو گُهري نان کي". اهڙو مضمون نمبر ١٢٧ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

١٦٢ - قرَ کان اڳي جَرَ نہ ڪيجي.

جر کي "اور" پڻ چئجي. جڏهن ڪا ٻَہَن واري مادي ويامڻ لڳي، تڏهن پهريائين قر جڻي، پوءِ جر ڇڏي. پر مطلب هي آهي، جو بعضي ماڻهو ڪنهن ڪم حاصل ڪرڻ لاءِ اجائي تڪڙ ڪن. جهڙو هڪڙو طبيب ڪنهن بيمار جي دوا شروع ڪري، پر اُن جي ڇٽڻ کان اڳي انعام وٺي، تہ ڄاڻ قر کان اڳي جر ڪڍيائين. يا هڪڙو دلال ٻن شاهوڪارن جي وچ ۾ سودي جي ڳالهہ ٻولهہ ڪري، پر سودي ناهڻ کان اڳي دلالي گُهري، تہ ڄاڻ هن پهاڪي جو مهاڳو آهي. پر ويچار وارو ماڻهو اهڙي ڳالهہ نہ ڪري. اهڙي ڳالهہ لاءِ نمبر ٤٤٤ وارو پهاڪو پڻ آيو آهي.

١٦٣ - قورو نہ قولهي، شال سنئين پوي صراف کي.

قورو: زالون سُٺُ ڪتي اوبي قورا ڪن تنهن جو نالو، صراف جيتوڙي تہ روڪڙ جي واپاريءَ جو صفاتي نالو آهي، پر هت سُٺَ جي خريدار کي ٿو چوي. معنيٰ هي آهي، جو بعضي عورتون ست

جا ڦورا بازار ۾ وڪڻن، هي ڀهاڪو اُنهن جي پاران چوي ٿو ته منهنجو سٽ چڱو آهي، يا ٻچڙو، پر شال خريدار ان جي حال کي کولي نه ڏسي. مطلب هي آهي، جو ڏٽي شل هن انسان جي لڇڻن ڏي نه نهاري، پنهنجو رحم ڪري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

من نگويم ڪه طاعتم به پذير، — نٿو چوان عبادت منهنجي قبول ڪر،
قلم عفو بر گناهم ڪش. — منهنجي پاپن تي معافي جو قلم وهاءِ.

## ١٦۴ - ڦُلهِيرَ ۾ تو ڦوڪون ڏئي.

ٽانڊي کي ڦوڪ ڏجي، ته ٻاه ٻري، جنهن مان ڪو ڪم ڪري ونجي. پر جيڪڏهن ڦلهير يعني رک کي ڦوڪ ڏبي، ته منجهانس ڪم ته ڪو نه سرندو، پر اُلٽو اڏامي منهن ۾ پوندي. تنهن وانگي لونئي ماڻهوءَ کي سيڪارڻ مان ڪي ڪين پرائٽو آهي. جهڙو فارسي مثل آهي:

هيچ صيقل * نکو نخواهد ڪرد، — ڪو ڪڙو موچارو ڪري نه سگهندو،
آهني را ڪه بد گهر باشد. — اُن لوه کي جو ٻجڙي بنياد وارو هوندو.

* ترار ملڻ جو اوزار.

## ١٦٥ - ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهه ڏئي.

اوجهه ڏئي يعني مري پيٽ ڦاڙائي. شڪار ڪندڙ ماڻهو ساوا گاهه يا شيون جهنگ يا ٻيلي ۾ رکي اچن، تنهن جي ڪائڻ تي ڦاڙها يا ٻيا مرون هرن. هو وجهه وني انهن کي ماري ونن. مطلب هي آهي جو لالچ اُنهن جانورن کي اُتي آٽي تي مارائي. تنهن وانگي انسان کي پڻ طمع مارائيندڙ آهي. جيئن ميجيءَ کي ڳاهُ ۽ پکيءَ کي چوڳو.

## ج

## ١٦٦- جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي.

چڱائي توڙي ٻچڙائي، ته جو ڪندو، سو لوڙيندو. اِن لاءِ گورو نانڪ شاه جو وچن آهي:

جيسا بيجي سو لٽي، ڪرما ايهو کيتُ. — جهڙي پوکي تهڙي لٽي، اها ڪرمن جي پوک.

۽ فارسيءَ واري پڻ هڪڙو مثل چيو آهي:

از مڪافات جهان ايمن مشوَ: — جهان جي پاڙي جهاڙي کان بي پَو نه ره:
گندم از گندم برويد، جو ز جو. — ڪڻڪ مان ڪڻڪ جاپي، جَوَن مان جَوَ.

## ١٦٧ - جنهن ساس ڏنو آهي سو گراس به ڏيندو.

گراس يعني کائڻ جو گرهه. سچ جنهن ڏٽيءَ هن انسان کي اُپايو آهي، سو تر ۾، توڙي بر ۾، توڙي چير ۾ قوت پهچائڻ وارو آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بي مگس هرگز نمانه عنڪبوت، — مک ڏاران ڪوريئڙو نه گذاري سگهي.
رزق را روزي رسان پر ميدهد. — رزق کي رزق پهچائيندڙ ڪنبي تو ڏئي.

## ١٦٨ - جڏهن ٻورا تي سبيا، تڏهن اُنن تي رنو.

يعني اُنَ چاتو، جو نيٺ اُهي ٻورا ڪين ڪٽڻا پوندا، تنهنڪري پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو سيڪنهن ڪم ۾ پڇاڙيءَ جي ڳڻتي ڪرڻ چڱي آهي. اهڙي ڪم لاءِ مولانا نظام الدين پڻ چيو آهي:

آخر هر گريهءَ ما خنده ايست:
مرد آخر بين مبارڪ بنده ايست.

اسان جي روئڻ جو اوڙڪ کلڻ آهي،
اوڙڪ نهارڻ وارو برڪت وارو آهي.

## ١٦٩ - جو واءُ جبل اڏائين، تنهن جي اڳيان ڪپهه ڇا آهي؟

هن پهاڪي جي اکري معنيٰ پڌري آهي، پر مطلب سندس هي آهي، ته جنهن ڏاڍي ڪان سيرو پڻ ڏجي، تنهن جي اڳيان ايرو ڇا ڏاڍهي آهي. اهڙي ڳالهه لاءِ گسائينءَ تلسي داس پڻ چيو آهي:

جنهن مارت ڳرمير اُڏاهين،
ڪهو تول ڪنهن ليکي ماهين؟

جو واءُ جبل اڏائين،
تنهن جي اڳيان ڪپهه ڇا آهي؟

## ١٧٠ - جيڪي هوندو پاڳ ۾، سو وهي پوندو پاڳ ۾.

هن ملڪ جا واپاري گهڻو ڪري پڳڙيون وڌيون ٻڌن، تن کي هلندي ڪو رپيو پيسو اوڌر سوڌر مان پڙ پي ته پڳ ۾ وجهن. پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته جيڪي نصيب ۾ لکيل هوندو اوترو ئي ملندو، جهڙو نمبر ٩٩ واري پهاڪي ۾ ذڪر هليو آهي.

## ١٧١ - جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهه مقام.

عيد هڪڙو خوشيءَ جو ڏهاڙو ۽ مقام ۾ وڃڻ، موت وارو ڏهاڙو آهي: پر جيڪي ڏٽيءَ جا نيهي آهن، تن کي اُهي ٻئي ڏهاڙا هڪجهڙا ڏسڻ ۾ اچن. چاڪاڻ جو اُنهن کي دنيا جو سک توڙي ڏک، ۽ سون توڙي مٽي، چاندي توڙي پتر سَرڪا جاڻڻ ۾ اچن. اهڙن ڪاڻ گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

تَسيا سو ورنُ تَيسي اُس ماتي،
تَسيا انبرت، تَيسي بِکُ ڪاتي.

اُن کي جهڙو سون تهڙي مٽي،
جهڙو انبرت پيڻ، تهڙو وه کائڻ.

## ١٧٢ - جنهن ڪاڻ اڳي هلي بيهجي، تنهن سان گڏيو چو نه وڃجي.

هي پهاڪو پڻ پڇاڙيءَ ڳڻڻ جو سعيو تو ڪري، جيئن ته عمر ۽ زيد گڏجي پنڌ پون، ۽ ڪي ناٿو ٻنهي جي پائيواريءَ جو عمر جي بيٺ ۾ ٻڌل هجي ۽ زيد تکڙو پنڌ ڪري کوه ڪن عمر کان اڳي وڃي وڃي، اتي عمر جي پڄي يا لکي وڃڻ جي ڳڻتي اچيس، ۽ ان جي اچڻ لاءِ سيڙي بيهي، ته ان جو سيڙاپو ۽ تڪڙو پنڌ اجايو ويو ڪي نه؟ تيئن پهاڪي وارو چوي ٿو، جو جنهن ڪم مان نيٺ پڇتاءُ جو ڊپ هئي، سو پهريائين سمجهي چو نه ڪجي؟ تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

چرا عاقل کند کاري ڪه باز آيد پشيماني؟

جو سياڻو اُهو ڪم ڪري، جنهن مان نيٺ
پڇتائي؟

## ١٧٣ - جنهن جي ويلا تنهن جي رکيا.

ويلا ۾ رکيا هي بئي اکر هندن جي اصطلاح جا آهن. يعني جنهن جو وقت تنهن جي پناهه. جهڙوڪ جنهن جي سلطنت تنهن جي شرع، يا جنهن جو راڄ تنهن جو رگليشن. جهڙيءَ ريت مير صاحبن جي راڄ ۾ چورن لاءِ ڦاهو انگ ينگ هو؛ هاڻي ان جي منع آهي. پر مطلب هي آهي جو سياڻي ماڻهوءَ کي گهرجي، جو جهڙو سلطنت جو رواج ڏسي، اهڙي چلت رکي.

### ١٢٤ - جنهين سندي مَنهين، تنهين جو آچار.

مَنهين يعني اوتارو يا اوطاق، جنهن ۾ ڳوٺ جو وڏيرو وهي، ۽ وٽس ڪچهري لڳي، آچار ويچار نبري. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو جنهن جي اوتاري ۾ ڪو آچار نبرندو، سو ان جي ئي مرضيءَ سان نبرندو. پر سندس نج مطلب ساڳيو نمبر ١٢٣ واري پهاڪي جهڙو آهي.

### ١٢٥ - جاڏي وجي واڳهو، تاڏي پاڻي تانگهو.

واڳهو پاڻيءَ ۾ رهڻ وارو وڏو جانور آهي، جو تانگي پاڻيءَ ۾ ڏکيو گذاري. ۽ پهاڪي جي مطلب ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو مثال لکان ٿو:

هڪڙو ماڻهو اُجايل، ڏوري ۽ لوٽو کڻي پاڻيءَ پرڻ لاءِ کوهه تي ويو، تہ کوهہ ۾ پاڻي سُڪي ويو هو: تڏهن ٻئي کوهه تي تنهن ۾ پاڻي هو، پر ڏوري ننڍي ٿي پيئي، ۽ پاڻيءَ کي نہ پهتي: تڏهن ٻيوس ٽي ٽئين کوهه تي وجي لوٽو گهيڙيائين تہ ڏوري هٿ مان کسڪي ويس، پاڻيءَ بدران لوٽو کوهه ۾ ڪِري پيس. تڏهن ڪان هي پهاڪو پڙهيائين: پر هن پهاڪي جو خاص مطلب هي آهي جو نياڳو ماڻهو جاتي ويندو، تاتي سک ڪين لهندو.

### ١٢٦ - جُڙيءَ کي جَسُ.

جس يعني شاباس. مطلب هي آهي، جو جيڪو ڏٺيءَ جي پاران جُڙي اچي تنهن کي شاباس چئو، يعني شڪر ڪري کاءُ. جهڙو سنسڪرت واري چيو آهي:

يتا لاڀُ سنتشٹُ. — جيڪي ملي تنهن تي خوش.

۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بخور هرچہ آيد ز دستِ حبيب، — جيڪي سجڻ هٿان ملي سو کاءُ،
نہ بيمار دانا تر است از طبيب. — طبيب کان بيمار سياڻو نہ آهي.

اِن لاءِ هنديءَ واري پڻ چيو آهي.

آئي ڪون روچي جان، — جيڪي اچي تنهن کي رزق جاڻ،
گئي ڪون بلا. — جيڪي وجي تنهن کي بلا.

### ١٢٧ - جنهين جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿي، تنهين تي ٻيهار، سچيءَ ساک نہ وسهان.

جو ماڻهو هيڪر ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پڌرو ٿيندو، تنهن تي وري ڪير وسهندو؟ جهڙو هڪڙو انگريزي ڪتاب جو نقل ٻڌو اٿم:

هڪڙي ڳنوار چوڪر جهنگ ۾ دانهن ڪري چيو: شينهن ڙي شينهن! تنهن تي پاسي اوسي وارا هاري ناري ڊوڙي آيا، تڏهن چيائين تہ: ڪوڙ ٿي ڪيم. اوچتو هڪڙي ڏهاڙي سچ شينهن اچي ڏڻ

۾ پيس، تڏهن دانهون ڪري تڪو، پر ماڻهن اڳي وانگي ڪوڙ سمجهيو ۽ ڪو نه آيا، پوءِ ڍور گهٽا شينهن ماري ڇڏيا. مطلب جو ڪوڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو بي اعتبار رهندو.

### ١٧٨ - جيڪي لکيو منجهه ازل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.

هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب کي سيڪو جاڻي ٿو، تنهنڪري گهڻو بيان ڪرڻ ضرور نه آهي، مگر ايترو بس آهي جو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

گر رود بر نگردد سر نوشت. جيڪڏهن مٿو وڃي ته به نصيب نه ڦري.

### ١٧٩ - جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ به نه پڇجي.

يعني جنهن ڪم ۾ پنهنجو پروجن نه هجي، تنهن جي ڳالهه ڪرڻ يا ان ۾ هٿ گڏڻ پنهنجي مطلب واري ڪم ۾ سيڙاپو وجهڻ آهي. ان لاءِ هنديءَ واري به چيو آهي:

بنا پروجن پول هُون نٺئي ناه ناٿُ؛ مطلب ڏاران پلجي به ڪا رٿ نه رٿجي؛
جانو نهين جا نگر ۾ تانکي پوچ نه باتِ. جنهن شهر ۾ وڃڻو نه هئي تنهن جي واٽ نه پڇ.

### ١٨٠ - جاسين ڊائو مٿو ڪنهي، تاسين بکئي جو مٿو وڃي.

مٿو وڃي يعني مري، هن پهاڪي جي ورجائڻ لاءِ هڪڙو مثل لکان ٿو: جهڙوڪ، هڪڙي ماڻهوءَ کي اوچتي اهڙي ڏوار ٿئي جو چڙچوت دوا تيڻ ڏاران مرڻ جو ڊپ هئيس. ۽ طبيب ڏي ماڻهو وڃي سو بي پروائيءَ کان اچڻ ۾ ويرم لائي يا اهڙي دوا چوي جا ڏهن ويهن ڪوهن پنڌ کان اوري نه ليي، ته اُن بيمار جو حال هن پهاڪي جي مضمون وانگي ٿئي. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

تا ترياق از عراق آورده شود، جاسين ترياق عراق مان آڻجي،
مارِ گزيده مرده شود. تاسين نانگ ڏنگيل مري.

### ١٨١ - جاسين للو لٽ ڪٽي، تاسين ڪره وساڻي.

للو مثلاً هڪڙي جو نالو، ڪره يعني جهيڙو. هن پهاڪي جي نرواري لاءِ مثل ٿو لکان:
للي جي پاڙ سان هڪڙي ماڻهوءَ جهيڙو ڪيو، اها ڳالهه ٻڌي للو اُٿيو ۽ پاڙ جي واهر لاءِ لٽ ڪٽي هليو: پر آرس مرندي لٽ ڳولڻ ۾ ايتري ويرم لڳس، جيتري ۾ هو شخص پاڙس کي مار ڏيئي ويندو رهيو. پر مطلب هي آهي، جو هي پهاڪو آرسي ماڻهوءَ تي ٺوڪ ٿو ڪري. تنهن تي هي نقل ياد آيو اٿم.

هڪڙو شخص پٽ ساڻ ڪيو واٽ وٺيو ٿي ويو. هڪڙي هنڌ مقام جي پر ۾ وڻراه ۽ ٽڏي چانوَ ڏنائين، سا وٺيس. پٽ کي چيائين: جو جڏهن آءٌ مران، تڏهن منهنجو ميٽ هن ٽڪار ۾ پورج. ٿورن ڏهاڙن کان پوءِ اهو پٽس وري اُتاهون لنگهيو، ۽ اُن هنڌ پيو ميٽ پوربو ڏنائين. اها ڳالهه ۽ پٽس وارو چوڻ پنهنجي ماءُ کي ٻڌايائين، تنهن چيس: اڙي ابا! مُنا ئي پڻهين جي آرس آهيون، جو قبر به پياري واري ويس: ڏسو جڏهن زال کي پنهنجي مڙس جو آرس نٿو وڻي، تڏهن ٻئي کي ڪتان وڻندو.

۱۸۲ - جن جي پليءَ ۾ داڻا، سي چريا ئي سياڻا.
پلي اَن رکڻ جي جاءِ ٿوئن ۽ پَچرن سان ٺنين ڳونن ۾ جوڙيندا آهن تنهن جو نالو، داڻا يعني اَن. هن پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو جنهن جي گهر ۾ کائڻ لاءِ اَن موجود آهي سو چريو، تہ بہ سياڻو ليکجي؛ ۽ مطلب هي آهي جو دولت وارو ماڻهو جهڙو جي تهڙو تہ وڏو ماڻهو ڳڻبو. اهو مطلب نمبر ٨ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

۱۸۳ - جوا جي هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو، ۽ کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.
جوا هڪڙو بڇڙو ڪم آهي، تنهن لاءِ پهاڪي واري جو خيال هي آهي، جو جيڪو جوا ۾ هاريندو، سو ڏپ جو ماريو جوا خاني ۾ وري ٿورو ويندو؛ تنهن ڪري ٿوري لعنت تو وجهيس ۽ جيڪو کٽندو سو وري وري ڪيڏندو، تنهنڪري سڄي لعنت تو ڪريس. پر ان ۾ منهنجو رايو هي آهي، تہ جڏهن جوا ڪيائين، پوءِ هاري توڙي کٽي، تہ ڪارو مُنهُس، نيرا پيرس: جهڙوڪ بہ خوني هئن، تن مان هڪڙي کي ڇانوَ ۾ ڦاهي چاڙهن، ٻئي کي اُس ۾، پوءِ ڪهڙي کي چڱو مڙس چاٽبو؟ پر اجان پهاڪي واري ڪان هڪڙي ڳالهہ وسري آهي، جو جڏهن جوا جي کٽڻ ۽ هارڻ واري جو حال اهو، تڏهن جوا خاني جوڙڻ ۽ نال اُڳاڙڻ واري جو ڪهڙو حال؟ تنهن لاءِ چوڻ گهربو هوس، تہ ان جي مائٽن جو پڻ منهن ڪارو! اهڙي ڳالهہ پهاڪي نمبر ۱۹۵ ۾ پڻ هلي آهي.

۱۸۴ - جيڏي رات، تيڏو سپنو.
سيڪنهن ڪم ۾ جُڳائيندي ويرم لائڻ پوري ڳالهہ آهي، پر جڏهن ڪنهن کي اَنن پهرن ۾ هڪڙو پيرو ڪاچ ڪاٽو هئي، ۽ اهي اٺ ئي پهر ڪاچ جوڙڻ تي لائي، تہ پوءِ ٻيا ڏنڌا ڪڏهن ڪندو؟ اهڙن کي ٿوري ويرم ٿيڻ لاءِ هي پهاڪو سمجهائي ٿو.

۱۸۵ - جاڏي پوي جهار، تاڏي ڳوڙهو نہ هٽي.
هارين جي ريت آهي جو پوک ۾ جاتي جهار يعني پکي وينا ڏسن، اوڏانهن ڳوڙهو يعني ڳُليلو هٽي جهار اُتارين: پر جي هاري اُن جي اُبتڙ جاڏي جهار هئي، اوڏاهين جو فڪر نہ رکي، ٻئي پاسي ڳوڙهو هڻن، تن جي لاءِ هي پهاڪو آهي. جهڙو هڪڙي کي پير ۾ ڪرهن ٿئي، تنهن لاءِ ڪياڙي ڪنهي، تنهن کي ڇا چئبو؟ ان لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:
هڪڙي شخص کي واٽ تي چورن ڦري رڳيءَ ڪانچ ۾ ڇڏيو؛ سو جڏهن ڳوٺ جي ٻاهران آيو، تڏهن مٽي اُگهاڙو ڳوٺ ۾ اچڻ مناسب نہ جاڻي ڪانچ لاهي مٿي تي ٻڌائين. اهڙو پوک، جو سڄي اُگهاڙي ٿيڻ کان پڻ مٿي اگهاڙي ٿيڻ جو فڪر واڌو رکي، سو هن پهاڪي جو مهاڳو آهي يا نہ، پر مطلب هي آهي جو جڳائيندي ۽ اڻ جڳائيندي ڪم ۾ ڦير رکڻ سياڻپ آهي.

۱۸۶ - جنهن کي ساهہ ڪنئين ڪل ڪا نہ پوي، تنهن کي سور ڪيهو سلجي؟ جو سنڌي سمجهي ڪين ڪي، تنهن سان هندي ڇو هلجي؟

هي پهاڪو سڄاڻ ماڻهوءَ ڏاران ٻئي سان حال ڳرهڻ جي منع تو ڪري؛ چاڪاڻ جو رمز-دان ماڻهو اهڙو آهي جهڙو نبض سڃاڻندڙ طبيب. جئن طبيب رڳو نبض ڏسي مرض سڃاڻي دوا ڪري، تئن رمز-دان ماڻهو پڻ رمز مان حال سمجهي علاج ڪري.

**١٨٧ - جنهن جو ڪم اُهو ڪري، ٻيو ڪري ته گهاٽو پري.**

هي پهاڪو پڌرو چوي ٿو، ته جنهن جو ڪيل يعني آزمايل ڪم هوندو، سو ڪندو، ته پورو اُتاريندو، ۽ ٻيو يعني اڻ آزمايل ڪندو، ته بگاڙيندو، يا پاڻ کي زيان پهچائيندو؛ جهڙو سوناري جو ڪم واڍو ڪري، يا واڍي جو ڪم ڪنيار ڪري.

**١٨٨ - جر نئيس، پر جيڏي نه نئيس.**

هي پهاڪو اصل ڪان هن طرح آيو آهي، جو هڪڙي عورت دريا جي پر تان هڪڙو مڇيءَ جو ڏنيرو لڌو. اوچتو پريان ٻي عورت اچي سهڙي، تنهن اُن ڪرڙي تي پنهنجي دعوا ڪئي؛ تڏهن ان عورت اُهو ڏنيرو دريا ۾ اُڇلائي هي پهاڪو چيو. پر مطلب هي آهي، جو هي پهاڪو رڳو تڪرار وارن جي چوڻ جو آهي، جي ٻڌو سهن، ڏنو نه سهسائن.

**١٨٩ - جي پوندا سوڙهين، تن لڳندا سيلهه.**

سيلهه يعني ڪنڊا، پهاڪي جي اکرن جي معنيٰ هي آهي ته جو سوڙهيءَ واٽ گهڙندو، تنهن کي ڪنڊا ٻه لڳندا؛ پر مطلب هي آهي، جو جيڪي سفر ڪندا، ڏاڪڙا ڏسندا؛ يا جي ڏنڌا ڪندا، سي ڪنهن مهل گهاٽا ٻه پريندا، پر سياڻي کي ان ڏاکڙن ۽ گهاٽن کان ڊڄڻ نه گهرجي، سو ڪو ته جاسين ڏک نه ڏسندو تاسين سک ڪٿان پائيندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

تا رنج نخوري گنج بر نداري؛ — جاسين ڏک نه پائيندين تاسين خزانو نه ملندءِ؛

تا جان در خطر نه نهي بر دشمن ظفر نيابي. — جاسين ساهه ڊپ ۾ نه وجهندين تاسين دشمن کي نه جيتيندين.

**١٩٠ - جاتي وڻ ناهي، تاتي ڪانديرو ٻه درخت.**

هن پهاڪي جي اکري معنيٰ پڌري آهي، ۽ مطلب هي آهي، جو دولتمند کي جا دولت توري ڏسڻ ۾ اچي، اڻ هوند واري کي اُها توري پڻ گهڻي ڏيکاري ڏئي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

هر ڪ را دستگاه قدرت نيست، — جنهن کي طاقت ۽ هوند نه آهي،

شلغم پخته مرغ برِيسان ست. — تنهن کي گوگڙو پڪل جاڻ ته پکي پڳل آهي.

**١٩١ - جَو ڍيري، گڏهه رکوال.**

جَوَ گڏهه جي خوراڪ آهن، سو جڏهن گڏهه جوَن جو رکوال ٿيندو، تڏهن ڪٿڻ ڏاران ڪاتي رهندو. تنهن وانگي امانت جهڙو ڪم جو خيانت واري ماڻهوءَ جي حوالي رهندو، تنهن ڪم ۾ سلامت رهڻ جو ڪهڙو پروسو؟ تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

ملحد گرسنه، در خانهٔ خالي بر خوان، — بيدين بکيو، ڪاچ پريل سڃي گهر ۾،

عقل باور نکند کز رمضان انديشد. — عقل نه وسهي ته ڪي رمضان کان ڊڄندو.

## ١٩٢ - جيڪي ڏسي جار، سو جي ڏسي ميو ته ڦاتي مري.

ميو يعني مڇيءَ مارڻ وارو، يعني جار پاڻيءَ ۾ پوي ۽ مڇيون ڦاسن، ته مڇيءَ ڏسي؛ پر تن مان توريون گهٽيون ڏسي، پر تن مان توريون ڦاسن، سي مهاڻو ڏسي؛ ۽ سڀ مڇيون ڪين ڏسي، پر جي ڏسي ته جيڪر حرص ڪان چريو ٿي پوي. مطلب هي آهي، جو توريءَ گجيءَ وارو ماڻهو جيڪڏهن ڪو گهڻو مال ڏسي، ته سانڍي نه سگهي، يا ڪا وڏي ڳالهه ٻڌي ته دل ۾ رکي نه سگهي؛ سو ڪو ته توريءَ گجيءَ وارو ماڻهو اهڙو آهي، جهڙو ننڍو باسڻ؛ جي ننڍي باسڻ ۾ گهڻو پاڻي وجهبو، ته جائي هاربو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

چوٽي نر ڪي پيٽ ۾ رهي نه موتي بات؛ ننڍي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ وڏي ڳالهه نه ماپي؛
اڌ سير ڪي پاترِ ۾ ڪيسي سير سمات؟ اڌ سير جي باسڻ ۾ ڪٿي سير ماپندو؟

## ١٩٣ - جاتي پاڻي، تاتي پاڻ.

پهاڪي جي معنيٰ هي آهي، جو جتي پاڻي آهي، تتي ڪر ڏٺي پاڻ آهي. مطلب جو جنهن ڌرتيءَ تي پاڻي آهي، تنهن تي وسندي آهي؛ پاڻي بنا سڃ آهي. ان لاءِ هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙي بادشاهه پنهنجي ٻن اميرن تي ڏار تڪليف رکي، ته سيني شين جو ٻج آڻي ڏيو. تنهن موجب هڪڙو شين جي ٻج ڳولڻ لاءِ وتيو ملڪ گهمندو؛ ايتري ۾ ٻئي پاڻيءَ جو ڪٽورو ڀري اڳيانس رکيو، يعني جاتائين ته پاڻي سڀ جو ٻج آهي؛ تنهن جي عقل کي بادشاهه پسند ڪيو. حاصل ڳالهه جو هي، ته پهاڪي وارو پاڻيءَ کي ساراهي ٿو، جو سڄيءَ دنيا جو جيئاپو پاڻيءَ تي آهي.

## ١٩٤ - جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمندا ڪن.

لمندا ڪن يعني ڏگها ڪن. جيتوري ڏگها ڪن ٻڪري کي وڏي ويڪ نه آهي، پر هڪڙو تورو اُهڃاڻ وِڏ جو ڏيکاري ٿو. پر مطلب هي آهي، جو هڪڙو نوڪر رکجي، تنهن کي ننڍ جي عادت گهٽي هئي ۽ اُن جي بدران ٻيو رکجي، پر اُن جو حال پڻ اهڙو ئي هئي، ته اُهي نوڪر هن پهاڪي جا مخاطب ڄاڻجن.

## ١٩٥ - جواريءَ ميني هار.

پهاڪي وارو چوي ٿو، جو جواري جئن هاريندو، تيئن راند مني لڳنديس، ۽ وري وري ڪٽڻ جي لالچ تي ڪيڏندو. پر يقين آهي جو کٽندو ته به ڪارو مُنهنُس، جي هاريندو ته به مُنهنُس ڪارو. جهڙو نمبر ١٨٣ واري پهاڪي ۾ لکيو آهي.

## ١٩٦ - جاتي کير تاتي کنڊ، جاتي جهڙ تاتي لوڻ.

معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو جن وٽ کير اُچي شيءِ ڪائڻ لاءِ آهي، تن کي مناڻ پڻ عمدي وٽ ڳڏڻ لاءِ ملي ٿي؛ ۽ جن کي جهڙ سادي وکري آهي، تن وٽ اُن ۾ وجهڻ لاءِ لوڻ به مس ٿو ليي. پر مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو ڏٺيءَ جي وڏائي ۽ بي پروائي ٿو ڏيکاري، جو هڪڙن وٽ دولت به گهڻي ۽ اولاد به صالح، هڪڙا ولها، تن جو اولاد نٻالو. تنهن تي بجيدي ساڌ چيو آهي:

اڪنا دي گهر پُٽ پُٽان دي پوتي، هڪڙن جي گهر ۾ پُٽ پُٽن جا پوٽا؛

اڪنان دي گهر ٺُهان ٺُهان دي دوتِي،  هڪڙن جي گهر ٺُهَرُ ٺُهَرن جا ڏوهتا؛
اڪنان دي گهر اڪ سو بي جاءِ مَر،  هڪڙن جي گهر ۾ هڪڙو پٽ اوهو بہ مري،
بجيدا ڪون آکِي صاحب نون يون نان يون ڪر.  ڪير چوي ڏٽيءَ کي هئن نہ هئن ڪر؟

١٩٧ - جڏهن ڏند هئا تڏهن حلوو نہ هو. جڏهن حلوو آهي، تڏهن ڏند نہ آهن.

حلوو جيتوڙي ڪُنئري شيءِ آهي، ڏندن بنا پڻ ڪائي سگهجي پر چبڻ ڏاران ڪا بہ شيءِ ساءُ نہ ڏئي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جڏهن جواني هئي ۽ محنت تي سگهي تي، تڏهن موت ياد نہ هو، ۽ ڏٽيءَ جي عبادت ڪري نہ سگهيو، ۽ ڏندن ۾ وهاٽي؛ هاڻي جڏهن موت اکين سان ڏسجي ٿو، تڏهن جواني ناهي جو محنت ڪري سگهجي، تنهن جو ارمان ٿو ڪري. تنهن لاءِ سائين لوڪ چيو آهي:

پنچ پهر ڏنڌي گئي، تين گواهي سوءِ،  پنج پهر ڏنڌي ۾ ويا، ٽي پهر ننڊ ۾ وڃايئي،
ايڪ گهڙي هر نا پجو، ڪُسل ڪهان تي هوءِ؟  هڪڙي گهڙي بہ ڏٽي ياد نہ ڪيئي، خيرُ ڪٿان تيندءِ؟

١٩٨ - جبل سان متو هنئين نيٽ متو پجي.

مطلب هي آهي، تہ جو پاٽان ڏاڍي سان وڙهندو، تنهن ڪر جبل سان متو هنيو، سو پنهنجو متو پجائيندو. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

زود بيني شڪستہ پيشاني،  سگهو پنهنجو نرڙ پڳل ڏسندين،
تو ڪہ بازي بسر ڪني با قوچ.  تون جو ڏُنبي سان ٽڪري راند ڪندين.

١٩٩ - جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن کٽي، ڪن هاري.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ مطلب هڪڙو آهي. جو هي دنيا جوا بازي آهي؛ تنهن ۾ جن چڱا ڪم ڪيا ۽ ڏٽيءَ کي ياد ڪيو، تن کٽيو، ۽ جن بڇڙا ڪم ڪيا ۽ ڏٽي وساريو، تن هاريو.

٢٠٠ - جي وسي چيٽ، تہ ان نہ ماپي ڪيٽ.

چيٽ يعني چيٽ جو فصل، ڪيٽ يعني پوڪ. هي پهاڪو سنڌ ملڪ جو اصطلاحي آهي: هن طرح جو چيٽ جي پوڪ گهڻو ڪري بوسي ٿيندي آهي، جنهن کي واهہ جو پاڻي نہ رسي. تنهن تي جيڪڏهن مينهن وسي تہ اَن گهڻو ڪري.

٢٠١ - جند بہ وار، بٽ بہ وار.

اڪرن جي معنيٰ هي آهي، جو جيڪڏهن گهٽيون زالون هڪڙي جند تي اٽو پيهڻ وينديون هيون، تہ جيڪا اڳي ويندي، سا اڳي پيهندي، جيڪا پوءِ ويندي سا پوءِ. تنهن وانگر بٽ تي ڦُلا پُجائڻ واري تي اڳين اڳي، پوئين پوءِ پُجائي. پر مطلب هي آهي، جو دنيا مان وهيون، توڙي وِلهو، سيڪو ڏينهن پُني هليو ويندو. تنهن تي خواجہ حافظ چيو آهي:

دَورِ مجنون گذشت و نوبت ماست،  مجنونءَ جو وارو لنگهيو، اسان جو وارو آهي،
هر ڪسي پنج روزه نوبت اوست.  سڀ ڪنهن کي پنجن ڏهاڙن جو وارو آهي.

### ٢٠٢ - جيئرو ته ڪک جو، مئو ته لک جو.

هي پهاڪو عام ماڻهو ائين چوندا آهن. هن مطلب تي، جو هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن کان گهوڙو اڌارو ورتو، جو توري ملهه وارو هو: پر قضا سان مري پيو. تڏهن متس مالڪ جي دعوا گهٽي ناٽي جي تي هلندي. ڇا ڪان جو جيئرو نه آهي. جنهن کي ڏسي ڪو ملهه ڪتيندو. پر چڱو سو هن طرح آهي:

جيئرو ته لک جو مئو ته ڪک جو.

يعني هي ماڻهو جاسين جيئرو آهي، تاسين هزار توڙي لک ڪمائي وٺي، ۽ مئي کان پوءِ ڪک جو مان پڻ نه اٿس.

### ٢٠٣ - جي نه وڄجي پاڻ، ته نينهن نياپي نه ٿئي.

نينهن يعني عشق، معنيٰ پهاڪي جي هيءُ آهي، جو پاڻ وڃڻ ڌاران نياپن سان عشق نٿو ٿئي پر، مطلب هيءُ آهي ته جو رڳي زبان سان چوندو، ته ڏٺيءَ کي ياد ڪريان تو، يا ڪندس ته ڇا پرائيندو، جاسين دل لائي نه ڪندو. جهڙو گورو نانڪ شاهه جو وچن آهي:

مُکون هر هر سيکو ڪهي، ورلي هردي وسايا، | وات سان ڏٺيءَ جو نالو سيکو چوي، پر دل ۾ ڪو ورلي
نانڪ جنکي هردي وسيا، موک مُکت تن پايا. | وهاري. گرو تو چوي جن جي دل ۾ وسيو، سي ڇٽي ويا.

### ٢٠٤ - جي هيئي ناٽو ته گهر لاڙڪاٽو، جي نه هيئي ناٽو ته وت ويڳاٽو.

هن پهاڪي وارو رڳو لاڙڪاڻي شهر جو نالو وٺي چوي ٿو، جو ناٽي بنا منجهس ويڳاٽو يعني وائڙو ٿيندين. پر مطلب هي آهي، جو دولت وارو جاتي ڪاتي مان مُهُت پائيندو، ۽ دولت ڌاران گهر ۾ ويڳاٽو آهي. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

آنرا ڪ بر مُراد جهان نيست دسترس، | جنهن کي جهان جي مراد تي پڄندي نه آهي،
در زاد بوم خويش غريب است ناشناس. | پنهنجي وطن ۾ پڻ مسافر اڻ سڃاتل آهي.

### ٢٠٥ - جي جڏهن ڀڳا، سي تڏهن ڇتا.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو بڇڙن ڪمن کي جڏهن بڇڙو ڄاڻي ڪو ڇڏيندو، تڏهن ڇٽل ڄاڻبو، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

ڪسي گر چه بد ڪرده هم بد نه ڪرد، | جنهن شخص بڇڙي کي تنهن به ڄاڻ بڇڙي نه ڪي،
چو سر را بزانوءِ توبه بُبرد. | جو متي کي توبه جي مونن تي رکيائين.

### ٢٠٦ - جهڙي پت، تهڙو چٽ.

جي پت لسي آهي، ته متس چٽ به چڱو ٿيندو، نه ته نه. تنهن وانگي جي اِرادو چڱو هوندو. ته ڦل به چڱو ملندو.

جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

ارادت نياري سعادت مجوءِ، | ويساه نه آڻين ته سپاڳائي نه ڳول:

بچوگان خذمت توان برد گوءِ.　　　　　خذمت جي ذڪر سان مطلب جي اِتي ڪجهي سگهي.

## ٢٠٧ - جهڙي نيت، تهڙي مراد.

نيت چڱي هوندي، تہ مراد پرائبي. اهڙو فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي:

نيت خاص، مراد حاصل.　　　　　چڱي نيت سان مطلب پرائبو.

اهڙي وارداني نمبر ٢٠٦ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي:

## ٢٠٨ - جيڪي ڪوهہ ۾ هوندو، سو آهَہ ۾ پوندو.

آهہ، ڪوهہ جي پرسان ڍورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ جوڙيندا آهن. معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي. جو ڪوهہ ۾ پاڻي منو هوندو توڙي کارو، تہ اهو آهہ ۾ پوندو. تهڙيءَ ريت جي ڪم چڱا ڪبا، توڙي بڇڙا، تہ اهڙو قل اڳيان ملندو. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

ڪسي دانہءِ نيڪمردي نہ ڪاشت،　　　　　ڪنهن چڱمڙسيءَ جو ٻج نہ پوکيو،
کزو خرمن عافيت بر نداشت،　　　　　جو ان مان پلائيءَ جو ڦر نہ کنيائين.
نہ هرگز شنيديم در عمرِ خويش،　　　　　پنهنجي جمار ۾ ڪڏهن نہ ٻڌوسون،
ڪہ بد مرد را نيڪي آمد بہ پيش.　　　　　جو بڇڙي ماڻهوءَ کي چڱائي آڏو آئي.

## ٢٠٩ - جيڪي کُنيءَ ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.

يعني کُنيءَ ۾ پلاءُ رڌل هوندو تہ پلاءُ، جي رٻ رڌل هوندي تہ رٻ پاٽ ۾ پرچبي. پر مطلب سندس اهڙو آهي جهڙو پهاڪي نمبر ٢٠٨ واري ۾ لکيل آهي.

## ٢١٠ - جهڙا روح، تهڙا ختما.

هي پهاڪو مسلماني اصطلاح جو آهي، جو مئن جي روحن نيت ڪاڄ جوڙي ختما ڏيارين: پر وڏن ماڻهن جي روحن لاءِ اُچا ڪاڄ، ۽ غريبن لاءِ سادا. مگر مطلب هي آهي جو سڀ هڪجهڙا لياقت وارا نہ آهن. هڪڙا اهڙا، جن مان شاباس چوڻ سان ڪم ڇٽي، ۽ هڪڙن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڦٽ لعنت جو ضرور ٿئي. جهڙو فارسي بيت آهي:

نہ هر ڪس سزاوار باشد بمال،　　　　　سيڪو مال وٺڻ جو جوڳو نہ هُئي،
يڪي مال خواهد دگر گوشمال.　　　　　هڪڙو مال گُهري ٻيو ڪَنَ مهٽ.

## ٢١١ - جهڙا ڪانوَ، تهڙا ٻچا.

ڪانءُ هڪڙو بڇڙي مهانڊي وارو پکي آهي، پر پکين ۾ سياڻو پکي تو سڏجي. سو جڏهن پاڻ سياڻو، تڏهن سندس ٻچا پڻ سياڻا ٿيبا. تنهن وانگي سگهڙ ماڻهوءَ جو اولاد پڻ سگهڙ ٿاٻو.

جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

ڪسي را ڪہ بابا فلاطون بود،　　　　　جنهن جو پيءُ فلاطون * هُئي،
ازان پُر هنر بي هنر چون بود؟　　　　　اهڙي هنر واري مان اجاڻ پُٽ ڪئن ٿئي؟

* ناليري حڪيم جو نالو.

### ٢١٢ - جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

اُٺ وڏي قد وارو وهٽ آهي: تنهنڪري سواريءَ ۾ سندس لوڏو پڻ وڏو ٿئي. گڏهه ننيو وهٽ آهي، تہ سندس آهي: تہ مٿس ڳٽيون ۽ معاملا پڻ وڏا آهن: فقير غريب آهي، تہ چنتا پڻ رڳي روٽيءَ جي اٿس. ان لاءِ هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

فقير هڪڙو نصيب جي زور سان، ڪاٿي وڃي راجا ٿيو. هڪڙي ٻئي فقير، جو سندس آڳاٿو سڃاڻو هو، اِهو حال ڏسي واڌائي ڏنيس، تنهن کي فارسيءَ ۾ چيائين:

| | |
|---|---|
| تعزيت کن، تهنيت مده، | * پرچاڻي ڪر، واڌائي نہ ڏي، |
| پيشتر غم ناني داشتم، حالا غم جهاني. | اڳي مانيءَ جي ڳڻتي هيم، هاڻي جهان جو ڏک اٿم. |

* مئي جي وارثن سان ڳالهائڻ.

هي بيت پڻ ٻڌو اٿم:

| | |
|---|---|
| گدا را چو حاصل شود نانِ شام، | پينار کي سانجهيءَ جي ماني جڏهن پڙ پي، |
| چنان خوش بخسپد کہ سلطانِ شام. | اهڙو سڪالو سمهي، جهڙو شام ولايت جو راجا. |

### ٢١٣ - جي جڏهن چڙهيا، سي تڏهن سوار.

هڪڙو ماڻهو ولهو هُئي، ۽ ڏٺيءَ جي توهَ سان ياڳُ لڳس، ۽ وهيون ٿئي، تہ اُهو وهيون چاڻبو: جهڙو نادر شاهہ بادشاهہ ۽ تيمورلنگ بادشاهہ، جي اصل غريب هئا، سي بادشاهي ملڻ کان پوءِ بادشاهہ سڏيا ويا. پهاڪي وارو سچو آهي ڪ نہ؟

### ٢١۴ - جيڏو پٽ، تيڏي بکيا.

پٽُ: دريائي ناريل جي کل جو اڌ، جنهن کي پَٽ بہ چون ۽ ڪشتي پڻ: تنهن ۾ فقير بکيا يعني پن وٺن. معنيٰ هيءَ آهي، جو وڏي پَٽ واري فقير کي گهڻي بکيا ملي ۽ ننڍي پٽ واري کي ٿوري. مطلب هي آهي، جو ڏٺي پنهنجي قدرت سان سيڪنهن کي قدر سارُو رزق ٿو پهچائي، جهڙو هاٿيءَ کي مڻ، ڪيليءَ کي ڪڻ. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

| | |
|---|---|
| گدا را کند يک دِرم سيم سَير، | پينار کي هڪڙو دُڪو رپي جو ڍاپائي، |
| فريدون بملکِ عجم نيم سير. | فريدون * عجم جي ملڪ هوندي اڌ ڍاول. |

* وڏي راجا جو نالو.

### ٢١۵ - جهڙي سٽ، تهڙيون ٿي ويهون.

هي پهاڪو ڏٺن جي ٻي سمجهيءَ ڏيکارڻ لاءِ آيو آهي: جهڙوڪي هڪڙي جٽ کي سٺ رپيا اُٺ جو ملهہ چئجي، ۽ هو ناراض ٿي ٿي ويهون گُهري. اُن ۾ رڳي جٽ جي اجاٽائي، يا ڪو ڦير؟ اِن تي هڪڙي ڳالهہ ياد آئي اٿم:

## ڳالهہ

سال ١٨۵٧ع ۾ ڪپري جو مختيارڪار هوس ۽ سرڪاري حڪم سان اُنن جي ڳڻهڻ لاءِ تر ۾ ويس. اُتي هڪڙو ماڻهو ذات جو پلي اُٺ ويڪو وٺي آيو، ۽ سو رپين ملهہ چيائين: تنهن کي ڪميٽيءَ

جي صلاح سان ستر رپيا ڇيم، تہ راضي نہ ٿيو. چيائين جو جيڪڏھن ڏھن مٿي سٺ رپيا ڏيو، تہ اُٺ ڏيان. اھا ڳالھہ ٻڌي سڀ مجلس وارا کلي کلي کيرا ٿياسين.
پر مطلب ھي آھي، جو اھڙن ڏڏن جي سنگت کان پاسي رھڻ چڱو آھي. اُميد نہ آھي جو اھڙو ڏڏ عقل واري کان ڪي سکندو، ويتر جيڪڏھن سياڻي کي اھڙيءَ سنگت مان ڪرڻ جو ڊپ آھي. جھڙو فارسيءَ ۾ لکي ٿو:

| | |
|---|---|
| طلب کردم ز دانایان یکي پند، | سياڻن کان ھڪڙي نصيحت گھُريم، |
| مرا گفتند: با نادان میپوندَ، | مون کي چيائون، اجاڻ سان نہ گڏ ٿيءُ، |
| کہ گر داناءِ دھري، خر نباشي، | جو جيڪڏھن زماني جو سياڻو آھين تہ گڏھ نہ ٿين، |
| وگر ناداني، اِبلہ تر نباشي. | ۽ جيڪڏھن اِياڻو آھين تہ ھيڪاري ڏڏ نہ ٿين. |

۲۱٦ - جا مڙسي مڙسن ۾، سا مارئِي ۾ ناھي.
ماريو، ھي اکر ھن ملڪ جي زالن جي چوڻ جو آھي، جو ڪاوڙ جي مھل مڙسن يا ڇوڪرن کي چون. ھن پھاڪي وارو ڪنھن گانڊوءَ ڏي اِشارو ڪري چوي ٿو، جو مڙسن واري مڙسي منجھس ناھي. پر مطلب ڇا آھي، جو مڙسي اُھا، جنھن سان ڏٽيءَ کي پھچي. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| مردانِ خدا خدا نباشند، لیکن ز خدا جُدا نباشند. | ڏٽيءَ جا مرد ڏٽي نہ آھن؛ پر ڏٽيءَ کان ڌار نہ آھن. |

۽ جنھن ۾ اُھا مڙسي نہ آھي، رڳو دنيا جو گھورو آھي، تنھن کي مڙس نہ چئبو. بلڪ ڪدڙو ڄاڻبو. جھڙو عربيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| طَالِبُ المَولِيٰ مُذَكّراً، طَالِبُ الدّنيا مخنّثاً | ڏٽيءَ جو ڳولو مڙس، دنيا جو ڳولو ڪدڙو. |

تڏھن جنھن ۾ اُھا مڙسي نہ ھُئي، سو پاڻ کي مڙسن جي قطار ۾ نہ ڳڻي. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| محاسن چو مردان نداري بدست، | مڙسن واريون چڱايون جي پاڻ نہ سارين، |
| نہ مردي بود پیش مردان نشست. | تہ مڙسن وٽ وھڻ مڙسي نہ آھي. |

۲۱۷ - جاتي پڇي نہ سگھجي، تاتي پڇڻ ڪم وريام جو.
وريام معنيٰ سورھيہ، يعني پاڻان ڏاڍي سان جھيڙو ھئي ۽ پھچي نہ سگھي، تہ پڇڻ بہ سورھيائي آھي. جھڙو فارسي بيت آھي:

| | |
|---|---|
| ز خورشيد پنھان شود بوم کور، | سجَ کان چبَ انڌي لڪي رھي، |
| کہ جھل است با آھنين پنجہ زور. | جو لوھي چنبي واري سان زور لائڻ ڏڏائي آھي. |

تنھن وانگي جيڪڏھن زمانو تنھنجي مرضيءَ موجب نہ ھلي تہ ساڻس زور نہ ھلاءِ، ۽ تون سندس مرضيءَ تي ھل.
جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| گر زمانہ با تو نسازد، تو با زمانہ بساز. | جيڪڏھن زمانو تو سان نہ نھي، تہ تون ساڻس |

ٿيھ.

٢١٨ - جيءُ خوش، تہ جھان خوش.

يعني ماڻھو پاڻ سکي آھي، تنھن جي ليکي سجو عالم سکي آھي؛ ۽ ٻئي جي ڏک جي ھن کي کھڙي سُڌ. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

کسي قيمتِ تندرستي شناخت، چڱيلائيءَ جو ملھ اھو سڃاڻندو،
کہ يکچند بيچاره در تپ گذاشت. جو ڪي ڏھاڙا ويچارو تپ ۾ گذاريندو.

۽ اِن لاءِ ھڪڙو نقل آھي:

ھڪڙي حجام پنج ڏھ مُھرون گڏ ڪري پانيءَ ۾ ڏريون ھيون. ھڪڙي ڏھاڙي ملڪ جي حاڪم وٽ حجامت جوڙڻ لاءِ ويو، تنھن ملڪ جو سماچار پڇيس. تنھن کي چيائين تہ ملڪ سکي وسي ٿو. پر حاڪم کي پانيءَ وارين مھرُن جي سڌ پئجي ويئي، تنھن کو ڊول ڪري اھي مھرون ڪڍائي ورتيس. وري ھڪڙي ڏھاڙي سيرب جي مِنھن سڏائي ملڪ جو حال پڇانس. تڏھن چيائين تہ ملڪ پينگ ٿيو پيو آھي. ھاڻي ويچار ڪرڻ گھرجي، تہ پھاڪي واري سچ چيو آھي يانہ. اھڙي مطلب لاءِ نمبر ٥٩ وارو پھاڪو پڻ آيو آھي.

٢١٩ - جا بندي کي بارُ، سا صاحب کي سُتري.

سچ، جو ڪم ھن بندي کي اھنجو لڳي، سو ڏٽيءَ جي اڳيان سنھنجو آھي، تنھن ڪري انسان کي گھرجي، جو جڏھن کا سوڙھ پويس، تڏھن ان مشڪل ڪشا کي ياد ڪري، تہ سولي ٿئيس. ان باب ۾ اردوءَ واري چيو آھي:

اي دل تو فکر مت کر، تيرا خدا يي ھي، اڙي ھيا! تون ڳٽتي نہ ڪر، تنھنجو ڏٽي آھي،
مشڪل پڑا تو کيا ھي، مشکل کشا يي ھي. اَوکي پيئي تہ چا ٿيو؟ آسان ڪندڙ بہ آھي.

## ج

٢٢٠ - جگر ۽ چار، اگھہ مڙيئي ھڪڙي.

جگر يعني ڄاڱوري ٻير؛ جنھن جي ڪاني ڏاڍي ۽ ملھہ واري آھي. چار جنھن جو ڦر پيرون، جنھن جي ڪاني ھيٺي ۽ ٿوري ملھہ واري ٿئي؛ يعني ھنن ٻنھي ذاتين جون ڪانيون ھڪ اگھہ وڪامن. مطلب ھي آھي جو ھي پھاڪو ڪُنياوَ واري راڄ جو نشان ٿو ڏيکاري، جنھن ۾ اشراف ۽ ڪميڻي جو ھڪ جيترو مانُ. جھڙو ھن ڪتاب جي نمبر ١٥ واري پھاڪي ۾ لکيو ويو آھي.

٢٢١ - جٽ بکيو موري ڪائي، موري بک گھٽيري لائي.

موري جيتوڻيڪ تہ پاڻ چرڪي ھضم ٿئي، پر ٻئي ڪاڏل ڪاچ کي سگھو پچائي ۽ بک لائي. ان پھاڪي مان مطلب ھي تو نڪري، جو بعضي ماڻھو پنھنجي اجاٽائي ڪان فائدي لاءِ اھو ڪم ڪن، جنھن مان مورڳو گھاٽي ٿئي، تنھنکري سياڻي کي کپي تہ جو ڪم ڪري، تنھنجو آڳو پيڇو ڳٽي ڪري.

۲۲۲ - ڄٽ جي ڄمار، اڍائي ڪتا.

اڍائي ڪتا، ھي ڪھڙي جھڙو اکر آھي: پر معنيٰ سنديس ھيءَ، جو ڄٽ يعني مورک ھڪڙو ڪتو ڄوڙي پورو ڪندو ۽ ٻيو پڻ ڄوڙيندو، ٽيون جاسين اڌوراڻو ڪندو، تاسين ڄمار پوري ٿينديس، پر مطلب ھي آھي جو انسان کي دنيا ۾ اچي وڏو ڪم ھي ڪرڻو آھي، جو ڏٽيءَ کي ياد ڪري ساڻس واصل ٿئي، يا پڙھيل ناليرو، يا ڪاريگر پڙرو، يا سياڻو مشھور يا سخي، يا سورھ تي نالو پڙرو ڪري. پر جڏھين اھڙن ڪمن کان پري رھيو، تڏھن سمجھبو جو ڄمار اجائي وڃايائين ۽ اجايو جائو. جھڙو ھنديءَ واري چيو آھي:

جنني جني، تہ ھرجن جني، ڪان داتا، ڪان سور، ماءُ ڄڻي تہ ڀڳت ڄڻي، يا سخي، يا سورھ ڄڻي،
تينون جني نا جني، تہ اور جنن سپ ڪوڙ. جي اھي ٽي نہ ڄڻي؛ تہ ٻيو ڄڻڻ ڪوڙو آھي.

۲۲۳ - ڄاٽي وڃونءَ جون منڊ بہ نہ، ھٿ وجھي نانگن ۾.

بعضي اياڻا ماڻھو پاڻ کي سياڻو ڄاڻي پنھنجي سياڻپ ۽ وت کان وڏي ڪم ۾ ھٿ وجھن. جنھن کي سنوارڻ بدران ڪارين؛ يا پاڻ کي گھاٽو وجھن. اھڙن کي ھي پھاڪو چينبو ٿو ڪري. ان لاءِ ھنديءَ واري چيو آھي:

داري ھاٿ سانپ مين، نہ جاني منتر بيچن ڪو: وجھي سپ ۾ ھٿ، منڊ وڇون جو پڻ نہ ڄاڻي،
ائيسو موڍ مت ڪھو: ڪھان سک پاءِ ھي. اھڙو اڄاڻ ڪٿان سک پائيندو؟

۲۲۴ - ڄڀ جي ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آھي.

ڄڀ جو ترڪڻ يعني اجايو ڳالھائڻ، پير سان ترڪيل ماڻھو تورو گھٽو ڏک ڪائيندو، جو توريءَ گھڙيءَ ٻڪيءَ ڦڪي سان ڇٽي پوندو. ۽ زبان مان اجائي اکر نڪرڻ مان وڏو ڊپ آھي، جو اُھو ڳالھو وري وات ۾ نہ پوندو. مطلب جو ھي پھاڪو زبان جي قناعت جو تاڪيد ٿو ڪري، تہ سمجھ سارو ڳالھاءِ. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

صرافِ سخن باش، سخن پيش مگو؛ ڳالھو جو صرفو ڪر، ڳالھو اڳي نہ ڳالھائي؛
تا از تو نپرسند تو از خويش مگو؛ جاسين توکان نہ پڇن، تاسين پاڻان نہ ڳالھائي،
گوش تو دو دادند، زبان تو يکي؛ توکي ڏٽيءَ ڪن بہ ڏنا ۽ ڄڀ ھڪڙي،
بهر آنکہ دو بشو، زيکي بيش مگو. ھن لاءِ جو ٻڌ بہ، ڳالھاءِ ھڪڙي کان واڌو نہ.

۲۲۵ - ڄٽ جي ڄمار، ملوڪ جي رات.

ڄٽ يعني جنگلي يا اڄاڻ. ملوڪ يعني اشراف يا وڏوماڻھو. ھي پھاڪو اصل ڪنھن ميري ڪم جي باب ۾ آيو آھي سو بيان ڪرڻ صلاح نٿو اچي: مون کي منجھانس مطلب ڪيڏو آھي، پوءِ پھاڪو ميرو ھوندو تہ ڇا ڪندو؟ جھڙو سياڻا چوندا آھن، جو سون گپ ۾ ھئي تہ بہ ڪٽي ونجي. سو مطلب ھي آھي جو ٻي ڌرم ماڻھوءَ جي سنگت ۾ جيڪڏھن سڄي ڄمار وڃائبي، تہ بہ پرائبو ڪين؛ ۽ ڌرميءَ جي ھڪ گھڙيءَ جي صحبت پل گھڻو ڦل ڏيندي، جھڙي لوھ کي پارس جي سنگت.

## جھ

**٢٢٦ - جھونا ڪپڙا ٻوڙا ڏور، تسڪا ناٽا لي گيا چور.**

هي پهاڪو جيتوڙي هنديءَ ٻوليءَ وانگي چوڻ ۾ اچي ٿو، پر سنڌ ۾ رواجي آهي. معنيٰ سنديس هيءَ آهي، جو ڪپڙو پراڻو ٿيو ته ڪر ملھ چور ٿيو؛ تنھن وانگي ڏور پڻ پوڙهو ٿيو ته ڪم ڪان نبريو. پر جيڪڏهن سچ ڪري پڇو، ته ماڻهو پوڙهو پڻ اِن قطار ۾ ڳڻڻ ڪپي. فارسيءَ وارو چوندو آهي:

پيري صد عيب، چنين گفته اند. سياڻن چيو آهي جو ٻڍاپڻ سو ويڪون.

اهڙو ذڪر نمبر ٤٧ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

## چ

**٢٢٧ - چيريءَ آهر پير ڊگهيرجي.**

چيري يعني رات کي مٿي تي پائڻ جو ڪپڙو يعني سوڙ. سياري ۾ مٿان سوڙ ننڍي هوندي ۽ پير ڪانئس ڊگها پکيڙبا، ته سيءُ ۾ ڏڪندا؛ تنھن وانگي جو ماڻهو پنھنجي ڪمائيءَ کان واڌو خرچ رکندو، تنھن جون سکھو تنگون لڳنديون يعني ڪاپاربو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

اپني پهچ وچارکي ڪرتب ڪرئي دور، پنھنجي پڄندي ساري ڪم ڊوڙي ڪجي،

تتي پير پسارئي جتني لنبي سوڙ. ايترو پير ڊگهارجن، جيتري ڊگهي سوڙ.

**٢٢٨ - چڱو جن لکيو، مندو سي نہ پسن، توڙي رڻ رهن، تہ بہ ڪنڊون ڪائئ ڪير سان.**

هي پهاڪو بخت جي ساراھ تو ڪري، يعني بختاور کي سڄ ۾ پڻ وسندي، توٽي مان واڌو، نياڳ مان سياڳ. اهڙيءَ طرح فارسيءَ واري پڻ بخت کي ساراهيو آهي:

فروغ بخت طلب، سايئہ هما مطلب؛ ياڳ جو سوجهرو گُهر، هما (١) جو پاڇو نہ گهر؛

چو بخت يار شود چغد هم هما گردد. جڏهن بخت ساٿي ٿئي، چغد (٢) پڻ هما ٿئي.

(١) سياڳو پکي. (٢) نياڳو پکي.

**٢٢٩ - چاڪر، چياڪر.**

چاڪر يعني چياڪر، چيو مڃيندڙ. مطلب هي آهي جو نوڪر پنھنجي مالڪ جو چيو مڃيندڙ هوندو، سو مان لهندو؛ جهڙو گورو نانڪ شاھ جو وچن آهي:

چاڪر لڳي چاڪري جي چلي خس ۾ پاءِ. نوڪر نوڪريءَ ۾ لڳي جي مالڪ جي وٽنديءَ تي هلي،

حرمت اُسنون اگلي، وجھ بہ دوٽا ڪاءِ. مان وڌو ملندس، مواجب پڻ ٻيٽو ڪائيندو.

**٢٣٠ - چرئي ڪان پڇيائون: ڪي چڱو آهين؟ چي: ويران وير وڌ.**

ويران وير وڌ، هي رواجي چوڻ آهي، جهڙو ڏينھان ڏينھن واڌو، معنيٰ هيءَ آهي، جو ذاتي چريو هوندو، سو گهٽيءَ تربيت ڪان پوءِ بہ سڌريل نہ ڏسبو، ويتر اڳي ڪان واڌو چريو ٿيندو. تنھن

وانگي لانداري ماڻهوءَ کي توڙي گهڻي تعليم ڪبي، ته به پنهنجي پراڻي هير نه مٽيندو. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

ڪانگ پڙهايا پيجري، پڙهه گيا چارون بيد؛
سمجهايا سمجهي نهين، ڪوڙا ڊيد ڪا ڊيد.

ڪانءُ پيجري ۾ ويهي چار ئي بيد پڙهي؛
سمجهائڻ سان به نه سمجهي، ڪوڙو پليت جو پليت.

۽ ان لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

شمشير نيک ز آهنِ بد چون کند کسي،
ناکس به تربيت نشود اي حڪيم کس.

بڇڙي لوهه مان ڪير ترار موچاري جوڙي سگهي،
نا ماڻهو سيکارڻ سان ماڻهو نه ٿئي.

## ٢٣١ - چريا چرين گڏيا، ادا عيد مبارڪ.

عيد مبارڪ، هي مسلماني اصطلاح آهي، جو عيد ڏهاڙي خوش ٿي هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏين؛ پر پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو چرين کي سنگت پڻ چرين جي وڻي. جيترو ڪي چرئي جي سنگت سياڻي کي وڻي، سياڻي جي سنگت پڻ چرئي کي اوتري وڻندي. جهڙو ڪير ڪنڌ سان نهي، ۽ جهَڻ لوڻ سان: پر جي لوڻ کير ۾ پوي، يا ڪنڌ جهڻ ۾، ته اتلو ساهُ مٿائي. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

اُتم سون اُتم ملي، ملي نيچ سون نيچ،
پاني سون پاني ملي، ملي ڪيچ سون ڪيچ.

چڱي سان چڱو گڏجي، ڪميڻي، ڪميڻي سان ڪميڻو،
پاڻيءَ پاڻي سان ملي، ۽ گپ گپ سان گڏجي.

## ٢٣٢ - چرين ڪهڙا چت، مئن ڪهڙا معاملا.

چت يعني دل، پر مطلب چنتا يا فڪر. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جيئن مئو ماڻهو دنيا جي ڏيتي ليتيءَ کان پري ٿيو، تيئن چريو ماڻهو دل جي چتونائن، توڙي دنيا جي ڏنڊن کان ڇٽل آهي. پر جڏهن ڪو ڪامل دنيا کي ڪوڙو سمجهي گرهانس پيچي ويس متايو وتي، ته ان کي دنيا جا ماڻهو چريو سمجهن. پر هو پاڻ کي دل جي اڻ تڻ، توڙي دنيا جي اُلڪن کان بي پرواهه ڄاڻيو، رنگ ۾ رتو رهي، ۽ ماڻهن جي اجائي سجائي ڳالهائڻ جو سانگو به نه رکي. جهڙو هڪڙي ڪامل جو وچن آهي:

جيون املي سنگ امل لُپانا،
ميرا من رامهن لپٽانا،
رام نام ميري هردي بسي،
نهين چوڏؤن چاهي ڪو هسي.

جئن آفيمي آفيم سان لوپيل،
منهنجي دل ڏٽيءَ سان ڳنديل؛
ڏٽيءَ جو نالو منهنجي دل ۾ ٽڪي،
توڙي ڪو کلي، ته به ڪين چڏيندس.

## ٢٣٣ - چريءَ جو چوڙو، ڪڏهن ٽنگ ۾، ڪڏهن ٻانهن ۾.

چوڙو سيڪا زال ٻانهن ۾ پائي، جنگهه ۾ ڪا ئي ڪا نه پائي، پر هي پهاڪو چريءَ رن جو اهڃاڻ ڏيکاري ٿو. تنهن وانگي چريو ماڻهو سدائين ڪڏهن ڪهڙي، ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ رهي.

## ٢٣٤ - چري ڦٽ ۾ به خوش.

ڦٽ يعني لعنت. مطلب هي آهي، جو بيوقوف ماڻهو هڪڙو چريائيءَ جهڙو ڪم ڪري، تنهن کي ڏسي سياڻو ماڻهو ساراهه جي لباس ۾ گلا ڪري، ۽ اڻڄاڻ ان کي سچ پچ ساراهه سمجهي ٿيڳرجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

سگي را چون کُلوخش بر سر آيد، | ڪتي کي جڏهن پٿر مٿي تي لڳي،
ز شادي بر جهد کين استخوانست. | خوشيءَ کان هڏو سمجهي ٽپي.

## ٢٣٥ - چوري نہ موري، موري تہ بہ گهوري.

اڪرن جي معنيٰ هيءَ آهي، جو چوري وارو سائو نہ ٿيندو، پر جي سائو ٿئي، تہ چڱو نہ آهي. ۽ مطلب هي آهي، پهاڪي وارو چوريءَ کي بڇڙو ڄاڻي منع ڪري ٿو.

## ٢٣٦ - چڱو ڪر، چڱو ٿيئي.

هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو جيڪا ڪنهن سان ڀلائي ڪبي، سا ڄاڻ پاڻ لاءِ فائدو آهي، ان لاءِ هڪڙو سنڌي بيت آهي:

نيڪيءَ منجهان نيٺ، چوڏاري چڱو ٿئي؛
بري پائي بيٺ، چڱي چوري ڪو نہ ڪو.

## ٢٣٧ - چوٽو نہ اُوٽو.

چوٽو يعني رزق، اُوٽو يعني گهٽ. مطلب هي آهي، جو رزق جيڪي نصيب ۾ لکيل آهي، سو ڪڏهن گهٽ وڌ نہ ٿيندو. تنهن لاءِ هڪڙو پهاڪو آهي:

دو چيز محال عقل است و خلاف نقل، | ٻہ شيون عقل کان اهنجون ۽ آڪاٽيءَ کان ابتڙ آهن:
خوردن کم بيش از رزق مقسوم، | نصيب واري رزق کان وڌ گهٽ کائڻ،
و مردن پس پيش از اجل معلوم. | موت واري ڏينهن کان اڳي پوءِ مرڻ.

## ٢٣٨ - چاڪريءَ چور، نيوالي حاضر.

نيوالو، يعني ڪاچ جو گره، فارسي نواله. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، تہ جو نوڪر ڪم مهل چورن گهاءِ لڪي وڃي، ۽ کائڻ مهل حاضر، اهڙي لوڻ چور لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. پر مطلب هي آهي، جو هي بت ۽ دولت سڀ ڏٽيءَ جا ڏنل آهن، جيڪو اُها نعمت هندائي ڏٽيءَ جي عبادت نہ ڪندو، سو پڻ هن پهاڪي جو مهاڏو آهي.

## ٢٣٩ - چڱا سي، جن جا پويان چڱا.

جو شخص چڱو مڙس هئي ۽ سندس اولاد سلڇڻو ٿئي، تہ ڄاڻبو، جو اُن جي چڱ مڙسيءَ جو نالو ڪو ڏهاڙو ڏرتيءَ تي رهندو؛ ۽ جي اولاد نبالو ٿيس تہ سندس چڱ مڙسيءَ جو نالو اڏامي ويندو. تنهنڪري اولاد کي کُهرجي جو وڏڙن جي نالي رهڻ لاءِ سعيو ڪن. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

نام نيکو رفتگان ضايع مکن، | نالو موچارو وين جو اجايو نہ ڪر،

تا بماند نام نيڪت پايدار. | تہ تنهنجو نالو موچارو سدا رهي.

۲۴۰ - چاڪيءَ ڏاند وڄايو، گهمي گهاٽي ڏاري.

پلا ڏاند وڄايل گهاٽي جي چوڏاري ڦوليندو، سو ڪٿان لهندو: پر جيڪڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ڦوليندو، تہ شايد هٿ اچي سهڙندس. تنهن وانگي هنر وارو يا عقل وارو ماڻهو پنهنجي ڳڻ کي پڌرو ڪرڻ پائي، تہ هيڏي هوڏي گهمي پنهنجي سياڻپ ڏيکاري، نہ تہ گهر ۾ گمنام رهندو. جهڙو باز هڪڙو پکي آهي، پر هيڏي هوڏي جا شڪار ماري پنهنجي ڳڻ تو ڏيکاري، تہ وڏي مان ۽ مهت سان بادشاهن ۽ سردارن جي هٿن تي ويهڻ جي جاءِ تو پائي. ۽ چپ پڻ اُڏامندڙ پکي آهي، پر سدائين کوه ۾ يا انڌاريءَ ڪند ۾ تي رهي، تہ سندس پاڇي کان بہ ماڻهو پڇن. ان تي هڪڙو فارسي بيت پڻ آيو آهي:

| | |
|---|---|
| نيست صائب در وطن اهلِ سخن را آبرو، | سياڻي ماڻهوءَ کي وطن ۾ مان نہ آهي، |
| آبرو گوهر نباشد تا کہ باشد در صدف. | موتي جاسين سپ ۾ آهي تاسين مان نہ اٿس. |

## ڄ

۲۴۱ - ڄتي ڪتي جي دوا پتر.

هن پهاڪي جي معنيٰ پڌري آهي، جا سڀ کي سُجهي ٿي: مگر مطلب ڏيکارڻ ڪپي، سو هي آهي، جو لچ ماڻهو موچڙي ڏاران نہ سمجهي، ان لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي: ۽ نمبر ۳۰۲ واري پهاڪي ۾ پڻ اهڙو ذڪر هليو آهي.

| | |
|---|---|
| سگِ ديوانہ را دارو ڪلوخ است. | ڄتي ڪتي جي دوا پتر. |

۲۴۲ - ڄڏ مندو واريءَ ۾.

مندو ماڻهو واريءَ ۾ تکو هلي نہ سگهي، تڏهن سندس سنگتي جو ڪاڏي سگهو وڃڻو هوندو، سو سندس لالنگهري لڳي سيڙبو يا نہ؟ تنهنڪري پهاڪي وارو چوي ٿو، تہ جو سنگتي اهڙو ڦڙت نہ آڻي، جو ڊوڙي تو کي واهر ڏئي، تنهن کي پڄي ڄڏ. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| چو بيني کہ ياران نباشند يار، | جڏهن ڏسين، جو سنگتي واهرو نہ آهن، |
| هزيمت ز ميدان غنيمت شمار. | ميدان مان پڄڻ، غنيمت ڄاڻ. |

## ح

۲۴۳ - حمائتڻ ڳڏهہ عراقيءَ کي لتون هڻي.

عراقي، گهوڙن جي چڱيءَ ذات جو نالو آهي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو ڪميني ماڻهوءَ کي حمايت جو زور ملي وڃي، تہ اشراف وڏي ماڻهوءَ سان جهڳڙيندي ويرم نہ ڪري. جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| نبل سبل کي پکئي تي سبلن سُون انکات: | هيڻو حمايت جي زور تي ڏاڍي سان وڙهي |

ديت حمايت کي گڏي ماري عراقي کون لات. | پوي.
حمائتڻ گڏھ عراقيءَ کي لتون هڻي.

# خ

## ٢٤٤ - خون کتوري ڳجها نہ رهن.

هن پهاڪي لاءِ ايترو ئي چوڻ بس آهي، جو کتوريءَ کي کو ڳهٽو ئي لڪائي، پر سندس خوشبوءِ نہ لڪي: تنهن وانگي خون پڻ. اهڙي طرح فارسي پهاڪو پڻ آهي:

خوش است اين نقط از خردان بگفتن، | سياڻن جي چوڻ جو هي چڱو نقطو آهي،
کہ عشق و مشک را نتوان نهفتن. | جو عشق ۽ کتوريءَ کي لڪائي نہ سگهجي.

# د

## ٢٤٥ - دريا پر تي جوکر کڏي، اچ نہ بڏي سيان بڏي.

درياءَ جي پر ڊپ واري جاءِ آهي، تاتي جوکر کيڏندو، سو هڪڙي نہ بئي ڏهاڙي بڏندو. تنهن وانگي جو چوريءَ يا نڱيءَ يا اهڙي بيءَ کنهن هاج سان وهنوار رکندو، سو کڏهن نہ کڏهن کاپاربو ۽ موچڙا کائيندو. جهڙو هڪڙي کان پڇيائون تہ: نالو چا اٿئي؟ چي: بچو. چي: کم کهڙا کرين؟ چي: نانگن جي برن ۾ هٿ وجهان. چي: تون بہ نہ بچين.

## ٢٤٦ - دم درميان، الله مهربان.

هي پهاڪو سختيءَ پيلن کي دلاسو ڏيڻ لاءِ آيو آهي، جو جنهن سختيءَ ۾ کي ويرم هئي، تنهن کان بہ نہ ڊڄجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

خداوندان کام و نيک بختي، | وڏي ڀاڳ وارا صاحب مراد مند،
چرا سختي کشتد از پيش سختي؟ | سختيءَ کان اڳي چو پريشان ٿين؟
برو شادي کن اي يار دل افروز، | وڃ اي يار دل ٺار خوشي کر،
غم فردا نبايد خورد امروز. | سڀاڻي جو غم اڄ کائڻ نہ کپي.

## ٢٤٧ - دال روٽيءَ کاڏي ڏن کٽي، تہ کٽڻ ڏي.

دال روٽي کائڻ قناعت جو آريکڻ آهي، تنهن جي کاڏي ماٺهو ولهو کين ٿئي: پر جي ولهو ٿئي، تہ بہ ترڙائيءَ جو نالو متس نہ پوندو. پر مطلب هي آهي، جو پهاڪي وارو قناعت لاءِ تاکيد تو کري. تنهن لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آهي:

تونگري بقناعت بہ از تونگري بہ بضاعت. | قناعت واري شاهوکاري، هٿ-ڦاڙ شاهوکاريءَ کان ڀلي

## ٢٤٨ - دل کوٽي تہ عذر گهڻا.

اهڙو فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي.

| | |
|---|---|
| دل ناخوار را عذر است بسيار. | دل ڪوتي تہ عذر گھڻا |

تنھن جو مضمون ساڳيو سنڌيءَ وارو آھي: مطلب سندن ھي آھي، جو جڏھن دل ۾ ڪوٽ ھوندو، تڏھن گسائڻ لاءِ مِنھن گھڻا.

## ٢٤٩ - دائيءَ کان ڪو پيٽ ڳجھو آھي.

دائي، جا زال کي ويارائي ٿي، تنھن کان پيٽ ڳجھو نہ آھي، تڏھن ڏٽيءَ جو ھن ماڻھوءَ جو اُپاٽڦار ۽ پالڻ وارو آھي، تنھن کان سندس ڪھڙو حال ڳجھو ھوندو؟ تنھن تي ھڪڙو مثال آيو آھي:

ٻني ڄڻا گڏجي ھڪڙي ڪامل وٽ مريد ٿيڻ لاءِ ويا: تنھن چڪاس لاءِ ھڪڙي ھڪڙي کي ڏار ڏار ڪري ھڪڙو ھڪڙو پکي ڏنو، ۽ چيائين جو جاتي ڪوئي ڪو نہ ڏسي، اتي ڪھي ڪٽي اچو. ٿوريءَ ويرم کان ٻيا سپ پکي ڪھي ڪٽي آيا، مگر ھڪڙي جيئرو واري آندو. چيائين جو جاتي وڃان ٿو، تاتي ڏٽي، جو انتر جامي آھي، سو ڏسي ٿو. تنھن جي ايمان تي ڪامل شاباس ڪئي. مطلب جو ڏٽي سڀ ڳالھہ جو ڄاڻندڙ ويٺندڙ آھي.

## ٢٥٠ - دولت نھن کان ماس وڇوڙي.

نھن کان ماس وڇوڙي، ھيءَ اصطلاحي ڳالھہ آھي، يعني پيءُ کان پٽ، ياءُ کان ياءُ وڇڙي پري ٿئي. مطلب جو دولت اھڙي نازڪ ۽ پياري وٿ آھي، جو سنديس ڏيتي ليتي مائٽن کان مائٽ ۽ دوست وڇوڙي. تنھن تي ھڪڙو مثل آيو آھي.

ھڪڙي ساڌ پنھنجي گروءَ کي چيو، جو ماڻھو وٽم گھڻا تا اچن، تن جي گوڙ وچان ڏٽيءَ جي پڄن ۾ سيڙ ٿي ٿئي. تنھن کي چيائين تہ جيڪو وھيون ھئي، تنھن کان اڌار گھر: ۽ جيڪو ولھو ھجي تنھن کي اُڌارو ڏي، تہ جڏھن مايا جي ڏيتي ليتي ٿي، تڏھن سائي کي اُڌارو ڏيڻ ۽ سجي کي قرض لاھڻ ڏکيو لڳندو، سي وري ڪين ايندا.

اِن ڳالھہ تي ٻيو بہ ھڪڙو ڏنل ٽوٽڪو ياد آيو اٿم:

زيد سؤ (١٠٠) رپين، بڪر، پنھنجي پراڻي يار کان اُڌارو گُھريو: تنھن نہ ڏنس. ڪن ڏھاڙن کان پوءِ بڪر کي زيد ڏوراپو ڏيئي چيو، جو مون کي تو ۾ اھا اُميد نہ ھئي، تہ سؤ (١٠٠) رپين لاءِ مون کي موٽائيندين. تنھن کي بڪر چيو، جو مون پڻ تو ۾ اھا اميد نہ جاتي ھئي، جو تون ھيترن ورھين جي دوستي ٿوريءَ ڳالھہ لاءِ ڇنندين. تنھن کان زيد ڪلي پڇو تہ سو ڪيئن؟ چي جا دولت نھان ماس وڇوڙي، سا تو ۽ منھنجي دوستيءَ ۾ وڇوڙو وجھندي، چا ويرم ڪندي؟ ھاڻي ويچار گُھرجي، تہ دولت وڇوڙي جو سبب آھي يا نہ؟

## ٢٥١ - دل ڪاريءَ کان منھن ڪارو چڱو آھي.

دل ۾ ڪوٽ ۽ ڪپٽ رکي، ظاھر پاڻ کي درويش چوائڻ کان ڪارَ-مُنھائي چڱي آھي، تنھن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آھي:

| | |
|---|---|
| نکو سيرتي بي تکلف برون، | ٻاھران سادائي، اندر ۾ موچاري عادت، |
| به از پارسائي خراب اندرون. | فقيريءَ کان چڱي، جنھن ۾ اندر بڇڙو. |

۲۵۲ - دولتمندن جا ڏاند ويامن.

ڏاند جو ويامڻ، هي نہ تيڻ جي ڳالھ آهي: پر پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو پاڳوان ماڻهوءَ کي ناممڪن هنداَن پڻ فائدو ملي ٿو. ان تي هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙي ڏنوان ماڻهوءَ چيو، جو شاهوڪارن جو ناٽو ويامندو آهي، اها ڳالھ ٻڌي هڪڙي ولهي ان ساڳئي دولتمند کان سؤ (۱۰۰) رپين وياجيرو وٺي آٽي گهر رکيو: پانيائين جو جڏهن رپيا ويامندا، تڏهن ٻچا پاڻ وٽ رکي رپيا شاهوڪار کي ورائي ڏيندس. تورن ڏينهن کان پوءِ شاهوڪار رپيا گهريس، ڏنائين جو اوترا ئي رکيا آهن، تڏهن رپيو بہ وياج جو گهران وجهي ڏنائين ۽ شاهوڪار کي رپين جي نہ ويامڻ جو ڏوراپو ڏنائين. تڏهن اهي وياج وارا رپيا ڏيکاري چيس، جو رپين جو ويامڻ اهو آهي، جهڙا منهنجا ويايا. تنهنڪري جاڻڻ گهرجي، جو ڏاندن جو ويامڻ پڻ اهڙو آهي.

ڏ

۲۵۳ - ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند جي: تہ بہ اصل انهيءَ پار جو ڏينا ڏيڪاري.

ڏاتورو هڪڙو ٻچڙو وڻ آهي، جو جهنگ ۾ يا توريءَ محنت سان باغن ۾ ٿئي: پر جيڪڏهن ڪو ان کي ڪمند جي پوک وانگي ڳُڏ ڪري، پاڻُ ڏئي ۽ پرتو پاٽي پياري، تہ بہ منجهانس ڦر اُهي ساڳيا ڏينا تيندا: ڪماند جهڙي رس يا ڪک ڪڏهن بہ نہ تيندو. تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ سان گهڻي مهرباني يا تربيت ڪبي، تہ بہ نيت منجهانس لچائي پيدا تيندي، ۽ چڱائي ڪا نہ نڪرندي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| ابر گر آب زندگي بارد، | جيڪڏهن ڪڪر پاڻيءَ جي بدران انبرت وسائي، |
| هرگز از شاخ بيد بر نہ خوري. | نيت جي تاريءَ مان ڪڏهن ڦر نہ ڪائيندين. |

۲۵۴ - ڏُڪو ڪٽجي ياءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.

جهيڙي جهتي ۾ ياءُ بدران ڏڪو ڪٽي وڙهڻ هڪڙي ريت يا خوءِ آهي: پر جيڪڏهن شاهدي ڏيٽي پوي، پوءِ توڙي سڳي ياءُ يا مائٽ جي پاران هئي، تہ بہ ڏٽيءَ ڏي ڏسي جيتري جي تيتري ڳالهائجي، يعني ڪوڙ ڳالهائڻ سب ٻچڙو، پر تنهن ۾ بہ شاهدي ڪوڙي، جنهن مان غير واجبي ڦل نڪري، ڏيڻ ڏاڍي ٻچڙي آهي. تنهن تي هڪڙي ڳالھ ياد آئي آهي:

هڪڙي اشراف سردار يورپيءَ کان ٻڌو اتم، جو انگلنڊ ۾ هڪڙيءَ عورت تي خون جو مقدمو هليو، تنهن پنهنجي بچاءَ ۾ پنهنجي پيڻ جي شاهدي واري. اُها پيٽس اهڙي آبروءَ واري هئي، جو جيڪڏهن ڪوڙ بہ ڳالهائي پيڻ جي بچاءَ واري شاهدي ڏئي ها، تہ جيڪر جائي هوءَ ڇٽي وڃي. پر هن اهڙي ضرور ۾ پڻ ڪورٽ ۾ ڪوڙ نہ ڳالهايو: تنهنڪري قيدڻ جي بچاو جو رستو بند رهيو. اها ڳالھ ملڪه معظمه دام اقبالها ٻڌي اُن سچيار عورت کي ساراهيو: هي پهاڪو اهڙا اشارو تو ڏئي.

۲۵۵ - ڏٽيءَ ريءَ ڏڻ سچو، ڏڻ ريءَ سچي واڙ.

ڏٽي يعني ڏنار، جنهن ڏڻ سان ڏنار نہ هوندو، يا جنهن واڙ ۾ ڏڻ نہ هوندو تہ سجا ليکبا يا نہ؟ تنهن وانگي جنهن پرجا جي سنڀالڻ لاءِ راجا نہ هوندو، يا جنهن ملڪ جي وسائڻ لاءِ پرجا نہ هوندي تہ سجا ڄاڻبا. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ هڪڙو پهاڪو چيو آهي:

رعيت بي سلطان رمه است بي چوبان، راجا بنا پرجا اهڙي، جهڙو ڏنار بنا ڏڻ،
ملڪ بي رعيت همچو خانه در گورستان. پرجا بنا ملڪ اهڙو، جهڙو مقام ۾ گهر.

۲۵٦ - ڏن رک ڏوڙ ۾، تہ چمڪات ڏئي نور ۾.

ڏن يعني دولت، ڏوڙ ۾ يعني ڌرتيءَ يا کڏ ۾: جيڪڏهن ڪو شخص دولت ڌرتيءَ ۾ پوري رکي، تہ بہ لڄڻ مان سنديس دولتمندي پڌي رهي. تنهن وانگي هڪڙو الله والو ڏٽيءَ جي عبادت لڪائي ڪري، يا ماڻهن کان پاڻ لڪائي وتي، تہ بہ ڳجهو نہ رهي. جهڙو رجب صاحب چيو آهي:

پڳت ڪري پاتال ۾ پر ڳهٽ هوءِ آڪاس؛ ڌرتيءَ کان هيٺ ڀڄن ڪري، تہ اُپ ۾ پڌرو ٿئي،
رجب تينون لوڪ ۾ ڇپي نہ هر ڪو داس. ڏٽيءَ جو ٻانهو ٽنهين لوڪن ۾ ڳجهو نہ رهي.

ڏ

۲۵۷ - ڏاهو ڪانءُ ڪائي ڳونهن، پوري ٻُربلي ڪائي شڪر.

پوري يعني اياڻي. سياڻيون توڙي اياڻيون ٽن طرحن جون آهن: ٽن ۾ هڪڙي رحماني، ٻي انساني، ٽين شيطاني: ٽن مان هي پهاڪو شيطاني سياڻپ ۽ اياڻپ لاءِ آيو آهي. جهڙو ڪانءُ جي سياڻپ هيءَ آهي، جو ٻين پکين جي آکيرن مان آنا، ٻچا ڪڍي کائي، تہ اهڙي سياڻپ جو ڦل اهڙو ڪاچ تو مليس، جو اهڙيءَ لاءِ گورو نانڪ شاهہ جو وچن آهي:

بهت سياڻپ جم جو ڪايَو وياپي. گهٽي ڏاهپ موت جو ڊپ ويڙهي.

۽ ٻربل هڪڙو ننڍڙو پکي ٻارن جي راند ڪرڻ جو آهي، تنهن جي اياڻپ هيءَ، جو چوڪرن وٽ سگهي هري، جهنگ وساري: تنهن جو ڦل چوڪرن جي هٿان مناڻ ڪائي. جهڙو فارسي وارو چوي ٿو:

بنادان آنچنان روزي رساند، اياڻي کي ڏٽي اهڙيءَ طرح رزق پهچائي،
کہ صد دانا دران حيران بماند. جو سوَ سياڻا اُن ۾ منجهي رهن.

پر اهڙي سياڻپ توڙي اياڻپ نہ گهوري، ۽ سياڻپ اُها گهرجي جنهن سان ڏٽيءَ ملڻ جي واٽ هٿ اچي. ۽ اُها اياڻپ بہ چڱي، جنهن سان دنيا جا خلل ۽ لڄايون ڏانوَ نہ اچن.

۲۵۸ - ڏاهو ڪانءُ بہ ڄنگهون ڦاسي.

ڪانءُ سياڻو پکي آهي، جو اهنجو ڦاسي: پر ماري سندس ڦاسائڻ لاءِ اهڙي ڊول سان ڦاهي منڊن، جنهن ۾ سنديس ٻئي ٽنگون ڦاسي پون، جو وري ڇٽي نہ سگهي. مطلب هن پهاڪي جو پڻ نمبر ۲۵۷ پهاڪي وارو آهي.

۲۵۹ - ڏُڏو ڪير ٽٽڻ ۾ نہ پوي.

هي پهاڪو اهڙو آهي، جهڙو ڳالهايل اکر وري وات ۾ نہ اچي: تنهن وانگي جو ڪم هٿان ڇٽي ويو، سو وري ڪتان هٿ ايندو. اهڙو بيان نمبر ۴۰۴ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي.

٢٦٠ - ڏيڻ سپ چڱو، ٻچڙي هڪڙي ڳار؛ ونڻ سپ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل.

يعني هٿان ڏيڻ سڀڪي موچارو آهي، جنهن مان سيڪو راضي ٿئي: پر ڳار ڏيڻ اهڙي ٻچڙي آهي، جنهن ڪان پولو پڻ منيان پائنين. ۽ ونڻ ڪي بہ چڱو نہ آهي: مگر ڪنهن جي دل ونڻ يعني راضي ڪرڻ چڱي آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| بدست آوردن دنيا هنر نيست: | دولت هٿ آڻڻ وڏو هنر نہ آهي: |
| يکي را گر تواني دل بدست آر. | تي سگهي تہ هڪڙي جي دل هٿ آڻ. |

٢٦١ - ڏيئي ڪي پٽ ۾ اوندهہ.

يعني اُوندهہ پٽ ڏانهن لڪايو وتي: ۽ سوجهرو پڊرو ڪيو ڏيکاري. تنهن وانگي بعضي ماڻهو پڻ پنهنجا عيب لڪايو صواب پڊرا ڪن، هي پهاڪو اهڙن ڪي تو توڪي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| اي هنر ها نهاده بر کف دست، | اي پنهنجا ڳڻ هٿ جي ترئيءَ تي رکيا اٿي، |
| عيبها را نهاده زير بغل: | اَوڳڻ ڪي ڪڇ هيٺ لڪايو اٿي، |
| تا چہ خواهي خريدن اي مغرور، | اڙي هنيلا! ڇا ڳنهي سگهندين، |
| روز درماندگي بہ سيم دغل؟ | گهرج جي مهل ۾، کوٽي رپي سان؟ |

٢٦٢ - ڏيتا نهين، چي پورا تول.

هن پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو هو وکڻڻ واري نہ ڪري، هي چويس جو پورو تورج. پر مطلب هي آهي جو هڪڙو شخص اڻ ڪونيو. ڪنهن جي گهر ۾ وڃي ۽ گهر ڏٽيءَ ڪي رکو سندس اچڻ بہ نہ وٽي ۽ هو چوي، جو آءٌ ڪچٽي ڪين ڪائيندس، مون لاءِ پلاءُ جوڙائج. تنهن تي هنديءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| مان منائي بن ڪهت اَو کيل هيس پول، | آڌر ملي بنا چوي، جو اچ کيڏ، کل، ڳالهاءِ، |
| بَنِڪُ هاٿ بينن نہ دي، کهہ جهڪتو ئي تول. | هٿائي وهڻ نہ ڏئي، چئجيس اُنَل سان تور. |

پر سياٽي ڪي اهڙي هلت ڪرڻ نہ گهرجي: ڇا ڪان جو ڪنهن تي اجايو بار تي پوڻ چڱو نہ آهي. اهڙو ذڪر نمبر ۵۵٢ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

٢٦٣ - ڏنيجي ڳڏهہ، سور ٿئي ساتيءَ کي.

ساتي، ڳڏهہ جو ڏٽي. ڳڏهہ ڏنيجڻ مان ساتيءَ کي سور ٿيڻ رڳي ساتيءَ جي بي سمجهي آهي، تنهن وانگي بعضي لچا ماڻهو پنهنجو ڪيو پائن ۽ بيا مورک ان جي حال تي ارمان ڪن.

٢٦۴ - ڏاندان ڳاهڻ مردان ڏُڪاءِ زالان ساهہ پنڊ وچ سُڪاءِ گهوڙا ضبط ڪنان وچ لڪا.

ڳاهہ پوک جا سنگ ڳڏ ڪري پنج ڏهہ ڏاند ڳڏ ٻڌي هلر وهائين سو. ڏڪا، جي اُهي سنگ تورا هئن، تہ ڳچ جيترا مڙس ڳڏ تي سوڙن سان ڪٽن سي. اهي بہ ڪم ڏاندن ۽ مڙسن کي ڏکيا لڳن، تئن زالن کي پنڌ ۽ گهوڙن کي پوک ڪچڻ جي مهل اهنجي آهي. ڏٽي شال سهندا بار نہ ڏئي!

## ٢٦٥ - ڏُچَرُ گهوڙو، سُچَر زال ٻئي ٻن پيا.

ڏُچَر يعني تورَ-ڪائڪ، سُچَر يعني گهڻ-ڪائڪ، ٻن پيا: هي اصطلاحي لفظ آهي جهڙو چئجي ڪوه پيا، يا ڪڏ پيا، جنهن جو مطلب پڻ هوندو چڱو. ۽ پهاڪي جو مطلب آهي، جو ڏچر گهوڙي جي ڳلا تو ڪري، سو سچ، هن ريت جو ڏچر گهوڙو متارو نہ ٿيندو، مهل ۾ ڪم بہ نہ ايندو. تنهن وانگي سچر زال جي پڻ نندا ڪري ٿو، تنهن ۾ بہ قير ڪو نہ آهي: هن طرح جو زال جي ذات کي چَٽائيءَ جي هير پيئي، تہ سگهو گهر کي چيڙ چٽ ڪندي.

## ٢٦٦ - ڏڪڻ مينهن نہ وسڻا وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڏک نہ هٽڻان هٽي تہ جهوري.

هن ملڪ ۾ ڏکڻ پاسي جو مينهن گهٽو ڪري ڪين وسي پر جڏهن ڪڏهين وسي تہ اهڙو گهٽو وسي، جو ٻوڏ ڪري. پهاڪي وارو ڪانئر کي پڻ اهڙو جاڻي ٿو: سو سچ آهي جو ڪانئر ڊپ ڪان ڏک نہ هٽندو: پر جڏهن هٽندو تڏهين ڊجي ڏاڍو هٽندو.

## ٢٦٧ - ڏني جو پٽ چٽو.

ڏنو ۽ چٽو، هي ٻئي ماڻهن جا نالا آهن، پهاڪي جو مطلب يعني معنيٰ هيءَ آهي، جو جنهن ڏنو، سو چٽو. پر مراد سنديس هڪڙي هيءَ بہ آهي، جو جنهن کي ڪي قرض ڏيٺو هوندو، سو جڏهن ڏيندو، تڏهن چٽندو: ٻي هي آهيءَ تہ جو سخاوت ڪندو، سو پرلوڪ جي ڏکن کان چٽندو: ٽين هيءَ جو دنيا خدا جي وات کي ٻنڌ آهي، تنهن کي جو ڇڏيندو سو چٽندو. تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

هڪڙي ڪامل پنهنجي مريد کي اُپديش ڪيو، جو دنيا کي ڇڏيندين، تہ ڇٽندين. هڪڙي ڏهاڙي اُهو ساڳيو مريد، ڪامل جي ڪچهريءَ ۾ ويو، جتي ماڻهو تمام گهڻا وينا هئا: جنهنڪري مريد کي اندر لنگهي وڃڻ جي اُميد نہ ٿي. تڏهن مُهر هڪڙي سون جي ڪيسي مان ڪڍي ڪامل جي خاص مريد کي ڏنائين، جو ڪامل جي اڳيان وينو هو، سو مهر جي لالچ تي اها جاءِ ڇڏي ٻاهر ويو. اُن مريد اتي ويهي ڪامل کي عرض ڪيو، جو جنهن دنيا ڇڏڻ لاءِ فرمايو هُئو، تنهن جي برڪت سان اوهان جي اڳيان وڃڻ مليو اٿم. تڏهن ڪامل چيو، سو پڻ تڏهن، جڏهن هٿان ڇڏيئي: نہ تہ جنهن ورتي، تنهن کان اها جاءِ ويئي.

## ٢٦٨ - ڏٻري ڍور کي مڃر گهڻا.

معنيٰ هن پهاڪي جي پڌري آهي، ۽ مطلب هي آهي، جو هيٺي کي سيڪو ماري. جهڙو فارسيءَ ۾ بيت آيو آهي:

| | |
|---|---|
| بقهرِ خدا چون ڪسي اوفتاد. | ڏٽيءَ جي ڏمر ۾ جڏهن ڪو پوي، |
| همه عالمش پاءِ بر سر نهند. | سڀ ماڻهو اُن جي متي تي لت رکن. |

### ٢٦٩ - ڏيڻ، ڏيھ ڇڏڻ، ڏيھي ڇڏڻ ٿيئي اھنجا.

ڏيڻ يعني ناٽو ھٽان ڏيڻ، ڏيھ ڇڏڻ، يعني وطن ڇڏڻ، ۽ پرڏيھ وڃڻ، ڏيھي ڇڏڻ يعني مرڻ، سچ ھي ٿيئي ڪم ڏاڍا اھنجا آھن.

١. ڏيڻ جي نسبت ۾ سياڻا چوندا آھن، جو ڏيڻ ۽ روئڻ دل جي ھينان، ۽ گھرڻ ڪلڻ دل جي مٿان آھن: سو مٿ واري شي ڪيڻ سولي، ۽ ھيٺ واري اولي آھي.

٢. ڏيھ ڇڏڻ پڻ سولو نہ آھي: ڇا ڪان جو سفر جا ڏک جنھن ڏٺا ھوندا، سو چاٽندو ھوندو، تنھن تي فارسيءَ واري چيو آھي:

سفر اگر چہ بہ يک نقط کمتر از سقر است،
ولي عذاب سفر از سقر زياده تر است.

نقطن ۾ سفر ھڪڙو نقطو سقر * کان گھٽ آھي:
پر سفر جو ڏک دوزخ کان واڌو آھي.

* يعني دوزخ.

٣. مرڻ سڀ کان ڏکيو آھي، جو ڪنھن کي نہ وڻي: ان لاءِ فارسيءَ واري چيو آھي:

نديده کہ چہ سختي رسد بحال کسي،
کہ از دھانش بدر ميکنند دنداني:
قياس کن کہ حالت بود دران ساعت،
کہ از وجود عزيزش بدر رود جاني.

نہ ڏٺو اٿيئي، جو اُن شخص کي ڪھڙو حال
رسندو آھي، جنھن جي وات مان رڳو ڏند
ڪيندا آھن؟
ويچار ڪر، تہ اُن مھل ڪھڙو حال ٿيندو ھوندو،
جڏھن پياري بت مان ساھ ٻاھر ويندو ھوندو!

تنھن تي ھڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

ھڪڙي پوڙھي عورت جيئڻ کان وِرتي: سا ڏھاڙي وڻ تي چڙھي، اُڀ ڏي نھاري چوندي ھئي تہ، ڏٽي منھنجا! عزرائيل موڪلي مون کي گھراءِ. ھڪڙي ڏھاڙي رات جو سندس پاڙي واري گھر ۾ ھڪڙي ڳابي وڃي ھڪڙي تس ۾ ٻوٿ وڌو، جو اٽڪي پيس: سو ڳابو تس سوڌو ھن پوڙھيءَ جي گھر ۾ گھڙي ويو، تنھن کي اونڌھ جي سبب نہ سڃاتائين ۽ عجب جھڙو ڏسي ڳابي کي عزرائيل ڄاڻي ڀڳي، ۽ چيائين، جو ميان عزرائيل! ڏٽيءَ وٽان تو کي جنھن عورت آڻڻ جو حڪم مليو آھي، سا آءٌ نہ آھيان. اُھا منھنجي ڀيڻ منھنجي مھانڊي آھي، منھنجي گھر ڀلجي آيو آھين؟ ڏسو ھاڻي تہ ڀھاڪي واري سچ چيو آھي يا نہ؟

### ٢٧٠ - ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو، ننڍو وڏو ڇيڙ منو.

ڇيڙ ھڪڙيءَ ول جو ڦر آھي، جو ڪَتيءَ جي پوک سان ٿئي، ۽ متيرو پڻ چوندس، جنھن کي ماڻھو ڪڏھن ڪچو ڪائن ڪڏھن تيوڻ ۾ وجھن: بعضي چيري، لوٽي، سڪائي، ڪچريون ڪري، گيھ ۾ تري ڪائين. پر جاسين ڪچڙو ھئي تاسين ڪڙو لڳي: ۽ جڏھن ڏياريءَ وارن ڏھاڙن ۾ پچي، تڏھن ڪوڙت ڇڏي، تنھن لاءِ ماڻھو ھي ڀھاڪو چوندا آھن، منجھانس ٻيو ڦل ڪو نہ تو نڪري.

### ٢٧١ - ڏٺو سڀ وسار، اڻ ڏٺي کي ياد ڪر.

ڏنو يعني دنيا جو ڏنڊو جيڪي ڏسجي ٿو، اڻ ڏنو يعني ڏٽي پاڪ، جنهن کي هن اکين سان ڏسي نہ سگهجي. مطلب هي آهي، جو دنيا جو ڏنڊو جو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، سو سڀ ناس ٿيندو. جهڙو گورو نانڪ شاهہ چيو آهي:

جو ديسي سو سگل بِناسي، جيون بادل کي ڇائي. جيڪي ڏسجي ٿو سو ناس ٿيندو، جئن ڪڪر جو پاڇو.

تنهن کي وساري ڇڏ ۽ ڏٽي پاڪ جنهن کي ڏسي نٿو سگهجي، تنهن کي ياد رک. اِن حرفن جي ورجاڻ لاءِ مولوي صاحب جو پڻ بيت آهي:

آنچہ در انيشہ آيد آن فنا است؛ جيڪي فڪر ۾ اچي سو ناس ٿيندو؛
آنچہ اندر وهم نايد آن خدا است. جيڪي فڪر ۾ نہ اچي اُهو ڏٽي آهي.

## ٢٧٢ - ڏاندَ چڙهي ٿي ڏک ڏسي.

جنهن غريب ماڻهوءَ کي پند ۾ چڙهڻ واسطي ڏاند ملي، سو پنڌڙئي کان سکيو هلندو؛ پر جڏهن اهڙيءَ حالت ۾ بي راضي ٿئي تڏهن چاٽبو، جو ڏٽيءَ جي ڏني تي بي شڪر ٿي هن پهاڪي جو مخاطب آهي. مثل:

هڪڙو غريب ماڻهو ڪتان لڏي جند متي ٿي ڪٽي، جوءِ ڏاند تي چاڙهي ڪاڏيو هليو: واٽ تي زال کي هڪڙي ساهيڙي ملي، تنهن ڪيڪاري پڇيس، تنهن جي اڳيان مڙس ڏي هٿ ڪٽي چيائين، جو هو جند ڪنيو جشن ڪندو هلي، آءٌ ڏاند چڙهي ڏک ڏسندي ٿي وڃان. تنهن کي ساهيڙيءَ چيو، جو مڙس تو کي مهرباني ڪري ڏاند تي چاڙهيو آهي، تہ شڪر بدران سندس گلا ٿي ڪرين. سو مڙس توکان ڇا راضي رهندو؟ تنهن وانگي جو شخص ڏٽيءَ جي نعمت جو شڪر نہ ڪندو، تنهن سان ڏٽي راضي نہ رهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

خداوند زان بنده خورسند نيست، اُن ٻانهي کان ڏٽي راضي نہ آهي،
ڪ راضي قسمت خداوند نيست. جو ڏٽيءَ جي ورهاڱي تي راضي نہ آهي.

## ٢٧٣ - ڏُٽ نہ کُٽو، ڏوتي کُٽا.

ڏُٽ يعني جهنگلي اَن ۽ ٻيون شيون، جهڙي ساوڙي، گُمر، مکٽي، لوڙهہ، ٻهہ ۽ ٻيا؛ ڏوتي يعني جهنگلي غريب ماڻهو جي ڏٽ تي گذر ڪن.

معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ڏوتي گهٽا ئي ڏٽ چوندي ڪائي ڪائي مري ويا؛ پر ڏٽ مند تي اوتري جو اترو. تنهن وانگي هن ڌرتيءَ تان ڪيترا راجائون راڄ ڪري هليا ويا؛ ڌرتي جهڙي جي تهڙي. تنهن تي ديندار ماڻهو هڪڙو مثل چوندا آهن، جو جڏهن بہ راجائون ڌرتيءَ تي پنهنجي پنهنجي دعوا ڪري ويڙهہ ڪن، تڏهن ڌرتي کلي چوي؛ جو هنن جهڙا اڳي ڪيترا گيتا اٿم، تن وانگي هنن کي بہ ڪائينديس، جي مون کي پنهنجو ٿا ڄاڻن.

## ٢٧٤ - ڏِس ڪاٽيءَ کان، اک ڪاٽي چڱي.

ڏِس ڪاٽي، هي اصطلاحي لفظ آهن جو جيڪڏهن ڪنهن هنڌان قرض ڪٽي ڪو پڄي بئي ملڪ ۾ وڃي، ته چڻ ڏِس ڪاٽي ڪيائين. پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو اهڙيءَ ڪُپت ڪرڻ کان ڪاٽو ٿيڻ چڱو، پر ان لاءِ ڪو سچ پچي ته انتو چڱو آهي.

٢٧٥ - ڏائڻ هلي مڙدا، ڪيڻ، مڙدن ڪپڙا به لاهي ورتس.

رَن پنهنجو بل ساري ڪم نه ڪيو، تڏهن اهو حال ٿيس؛ جو پنهنجي قدرت کان واڌو ڪم ۾ هٿ وڌائين؟ ان لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙو ڪوريئڙو مڪ جي شڪار لاءِ هليو؛ مڪ جي بدران ڪاتي هڪڙو باز ويڙل ڏٺائين، پانيائين، جو اهڙو شڪار آهي، جنهن مان گهڻن ڏهاڙن جو ڏِ ٿيندو. تنهن لوپ تي باز جي ڦاسڻ لاءِ پنهنجي گگ جي تند متس ويڙهيندي گهٽي ويرم وڄايائين. ايتري ۾ باز اُڏاٽو، تنهن کي گگ جي تندن نه جهليو؛ پر سندس ڪنين جي واءَ ۾ ڪوريئڙو پڻ اڏامي ويو. تنهن وانگي، جو ماڻهو پنهنجي پهچ کان واڌو ڪم ۾ هٿ وجهندو، سو نيٺ باهُڙبو.

## ڊ

٢٧٦ - ڊچ تنهين جي ڊاءِ، جنهن جي وائيءَ ۾ ور گهٽا.

ڊاءِ يعني ڊپ، مطلب هي آهي جو جنهن جي زبان هڪڙي نه آهي، يعني منجهس ڦير گهير ٿئي ٿو، جو ڪڏهن ڪا ڳالهه ڳالهائي، يا ڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن ڪنهن سان همراهه ٿئي، تنهن کان يا تنهن جي سنگت کان ڊڄجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| بيزارم زان چشم ڪه هر سو نگران، | جا اک سيني پاسي نهاري تنهن کان وِرتل آهيان، |
| بيزارم زان دل ڪه پنجاه زبان، | جنهن جي دل هڪڙي زبانون پنجاه تنهن کان وِرتل آهيان، |
| بيزارم از صحبت ياران چنان، | اهڙن يارن جي صحبت کان وِرتل آهيان، |
| گه با من، گه با تو، گهِ با دگران. | جي ڪڏهن توسان، ڪڏهن مون سان، ڪڏهن ٻين سان. |

٢٧٧ - ڊني واٽئي، لاپ نه مور.

واٽيو يعني واپاري؛ مطلب واپاري ڊڄي واپار ۾ هٿ نه وجهندو، تنهن کي ڪٿان فائدو ٿيندو؟ ۽ سياڻا چوندا آهن، جو واپار ڪم جر جي ٽپي آهي، تنهن ۾ واڌي جو سوس گهٽو آهي، ته گهاٽي جو ڊپ پڻ ٿورو نه آهي؛ هن فارسيءَ پهاڪي وانگي:

| | |
|---|---|
| يا گنج بر گيري، يا در تلاطم امواج بميري. | يا خزانو هٿ ڪندين يا لهر جي لوڏن ۾ مرندين. |

پر مطلب هي آهي، ته جو دنيا جو ماڻهو ڏاڪڙي کان ڊڄندو، تنهن کي روزگار ڪٿان هٿ لڳندو؟ جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

غواص گر انديشه ڪند ڪام نهنگ، | جيڪڏهن توبو واڳوءَ جي وات ڪان ڊڄندو،
هر گز نڪند دُرِ گران مايه چنگ. | ڳري ملهه وارو موتي هٿ نه آڻيندو.

ر

٢٧٨ - رڪ جا چٽا آندا قاڙن.

چٽا، هڪڙي اَن جي وَنِڪَ آهي، جا ماڻهو کائن ته پيٽ ۾ پچي وڃي؛ پر جيڪڏهن ڪو اهڙا رڪ جا داڻا کائي ته جيڪر ڪين ڦٻنس. مگر هي رڪ جا چٽا اصطلاح آهي، يعني ڏاڍي جو مال، جهڙوڪ ڪو شخص سرڪاري نوڪر هجي ۽ جيڪي هٿ ڏنو ڦوت مليس ته اُهو اَن وانگي ڦبي وڃيس؛ پر جي غير واجبيءَ طرح ڪائيندو ته ڪر رڪ جا چٽا ڪاڏائين، سي ڪاڻڻ مهل ڪائي ويندو، پر پوءِ خراب ٿيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

تَوان بہ حلق فرو برد استخوان درشت، | نڙيءَ ڪان هيٺ ڏاڍو هڏو لنگهائي سگهجي،
ولي شڪم بدرد چون بگيرد اندر ناف. | پر جڏهن ڏُنَ ۾ وني تڏهن پيٽ قاڙي.

٢٧٩ - راڪي رام، ته ماري ڪير؟

هن پهاڪي جي مطلب ڪي سڀ ديندار بلڪ سيني مذهبن جا ماڻهو مڃيندا، چو ته جنهن ڪي ڏٽي رکٽار، تنهن ڪي ڪير ماري سگهي؟ جهڙو فارسي بيت آهي:

دشمن چہ ڪند چون مهربان باشد دوست. | جڏهن ڏٽي مهربان هئي، تڏهن ويري چا ڪندو؟

٢٨٠ - رڙا ڪين رجهن، توڙي ٻارڻ ٻرن ٻِ پُڙا.

رڙو مڱن جي اَن ۾ هڪڙو ڪريل داڻو آهي، جو گهٽي ٻارڻ سان پڻ نه رجهي؛ ٻ پڙا يعني ٻيٽا. مطلب هي آهي، جو جئن رڙو گهٽي ٻارڻ سان پڻ نه رجهي، تيئن ڪميڻو ماڻهو گهٽيءَ تربيت سان پڻ نه سڪي، نه سڌري. جهڙو فارسي مثل آهي:

تربيت نااهل را چون گردگان بر گنبذ است. | سيڪارڻ ڪميٽي ڪي جهڙو قبي تي ڪينهون.

٢٨١ - رهي راهوجين، ٻهي ٻاهوجين، ڪتي ڪنئريجن جي.

راهوجا، ٻاهوجا ۽ ڪنئريجا ٽيئي ذاتين جي نالي جا ڳوٺ آهن: يعني ڪتي هڪڙي هنڌ جي، ٽِڪي ٻئي هنڌ، پونڪي ٽئي هنڌ. پر مطلب هي آهي، جو هڪڙي ڪارخاني جي ماڻهوءَ ڪي ٻنا پروجن ٻئي ڪارخاني جي ڪم ۾ هٿ وجهڻ اهڙو آهي، جهڙو پهاڪي واريءَ ڪتيءَ جو حال.

٢٨٢ - راڻي ساه جا راءِ ڪي وٽي.

جيڪڏهن هڪڙي راجا ڪي گهڻيون راڻيون هونديون تن مان جيڪا وٽنڌڙ هونديس، اها ئي سهاڳڻ چئبي. تنهن وانگي ماڻهو توڙي ڪم ته اُهو چڱو، جو ڏٽيءَ ڪي وٽي. جهڙو گورو نانڪ شاهه جو وچن آهي:

جو تُڌُ ڀاوي سا ئي ڀلي ڪار. | جو توڪي وٽي اهو ئي چڱو ڪم.

۲۸۳ - رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورھ ٿيا.

هن پهاڪي جي چوڻ واري جو اصل مطلب ٻيو هو، پر رواج ۾ غلط ٿي ويو آهي. جيتوڻي ته عربي قول آهي:

غلط العام صحيح. گهڻن جي غلط کي صحيح ڄاڻجي.

پر جڏهن ڪا ڳالهه سياڻن جي مجلس ۾ اچي تڏهن غلط ۽ صحيح جو ويچار ڪجي؛ تنهن لاءِ هي مثل کي ڏيکاريان ٿو:

هڪڙو ريدار نصيب جي زور سان ڪاٿي وڃي راڄا ٿيو، ۽ لنگهو سندس آڳاتو ڄاڻائو هو، سو ڪنهن مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس وڃي رباب وڄائڻ ۽ ڳائڻ لڳو، پر گهڻن ڏهاڙن تائين ڳالهه مان ڪين وريس. هڪڙي ڏهاڙي لنگهي کي هڪڙو يار مليو، تنهن پڇيس، تنهن کي ڪلي چيائين: ڙي يار! ريدار اڳيان رباب وڄائيندي ورھ ٿيا. مطلب ڳالهه جو هي جو اڄاڻ ريجهائڻ گهڻي ڪپت گهري. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

اگر صد باب حڪمت پيش نادان، اڄاڻ اڳيان جيڪڏهن حڪمت جا سؤ باب،
بخوانند آيدش بازيچه در گوش. پڙهين، ته به هن کي راند ٻڌڻ ۾ اچي.

۲۸۴ - راڄا ڪري سو نياءُ، ڏارو پوي سو ڏاءُ.

ڏارا هن ملڪ ۾ چوپڙ راند کيڏڻ جا ٽي اوزار آهن، جن تي ڳاٽيٽي جا نشان رهن ٿا: اڄلائڻ مهل ٽن ڪان وني ارڙهن تائين سندن عدد ڏسڻ ۾ اچن، تن موجب کيڏڻ وارا چوپڙ تي ساريون هلائين. مطلب جو ان عددن مان جيترا به عدد پون، تن کي ڏاءُ چئجي؛ پر اِها تڪ رڳي قافيه جي پورائيءَ لاءِ آندي اٿن. پهاڪي جو مطلب هي آهي جو وقت جو راڄا جيڪي ڪري، سو واجبي ڄاڻجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

هر چه آن خسرو کند شيرين بود. جيڪي اُو راڄا ڪري سو منو هئي.

۲۸۵ - رن پٽ کي لڳي ڀاڳ، ته ڏي جواري پٽ کي ڏاڳ.

ڏاڳ، اصلي هي اکر داغ آهي، جو اصطلاح ۾ غلط ٿي ڏاڳ چئجي ٿو، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پگهار پڻ سڏبو آهي؛ يعني گيهه کوسو ڪري چانورن رڌڻ ۾ وجهجي، يا منجهس گوشت پلاءُ رڌجي؛ پر پٽ يعني رب ۾ اِن طرح جو گيهه وجهڻ ضرور نه آهي. پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو جڏهن ڪميني ماڻهوءَ کي مفت جو ناڻو هٿ لڳي، تڏهن اهڙا اجايا خرچ ڪري.

۲۸۶ - رات ٿوري، سات گهڻا.

سات، شادين ۾ ماڻهو خصوصاً هندو پوڄائون ڪن، تن جو نالو، يعني جيڪڏهن گهڻي ويرم لائي جڃها سات ڪجن، ته هوند سانن ڪندي رات وهامي ۽ شاديءَ جو مُورت گُسي وڃي. هي پهاڪو ٿوريءَ ويرم ۾ گهڻو ڪم ڪرڻو هئي، تنهن لاءِ آيو آهي. جهڙو چئجي وقت ٿورو ڪم گهڻو، يا ڄمار ٿوري ڏنڊو گهڻو، يا ڏينهن ٿورو پنڌ گهڻو.

۲۸۷ - رن چشڪي هري، رکي آرت وار.

چشڪو يعني لذت يا سواد، هي پهاڪو منڊ ۾ هڪڙي نقل تي آيو آهي:

هڪڙي شخص جي جوءِ وات جي چٽي هئي، هڪڙي ڏهاڙي مڙس کي ڪاچ ڪارائي پاڻ لنگهڻ ويهي رهي: مڙس کي چيائين جو آرت وار ورت جو اٿم، تنهن ويچاري کهل ڪري بزار مان کير پيڙا آٽي ڪارايس. ورندي ڏهاڙي پڻ رن اُن مهل آرت وار جو مِنهن ڪري لنگهڻ ويهي رهي، تڏهن مڙس ڪلي هي پهاڪو چيو: پر مطلب هي آهي، جو لچ ماڻهوءَ تي هڪڙي پيري مهرباني ڪبي، ته وري وري هِري گستاخ ٿيندو.

۲۸۸ - راءِ ري گهران گيهه جهلجي پاند ۾.

رائرو گهر يعني راجا جو گهر، پهاڪي جي معنيٰ هي آهي جو جيڪڏهن راجا جي گهران گيهه ملي ۽ باسڻ ساڻ نه هئي، ته ورائجي نه، ۽ ڪپڙي ۾ وننڊي پڻ صرفو نه ڪجي، پوءِ مَرُ هارجي پوي ۽ پاند سٽيو ٿئي. مطلب جو سلطاني ڪارخاني مان سلوڪ سان جيڪي ملي، سو شڪر ڪري ونجي ته اڳتي اُميد نه وجي.

۲۸۹ - رن پٽ ريدار، ڪانُ هٽي بند ۾.

بند يعني ٿلهي ڪاٺي، شڪار ۾ مرن يا پکين کي ۽ جنگ جهيڙي ۾ ڪانُ يعني تير هٽڻ هڪڙي ريت آهي، پر بند کي ڪانُ هٽڻ رڳي چريائي آهي، ۽ جيڪو هٽي تنهن کي هن پهاڪي وارو خطاب ملي. مطلب جو اڻ ناهوڪو ڪم ڪرڻ اِياڻپ جو آريڪڻ آهي.

۲۹۰ - رِٽيءَ ۽ رائر جو سڏ جنهين کي هوءِ، مَنجي اُتي جوءِ، وجي تنهن کي وسري.

رٽو يعني قرض، رائُر يعني سرڪاري ڏِل. هن پهاڪي جي سا معنيٰ سو مطلب، يعني جنهن کي بازار جو توڙي سرڪار جو قرض ڏيٺو هوندو، تنهن کي ياڪر واري جوءِ به ياد نه پوندي. اهڙو ذڪر نمبر ۱۰۷ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

۲۹۱ - روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا.

هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب سيڪو جاٽي ٿو، تڏهن به ايترو چوان ٿو، جو دنيا جو سدائين اهو ڏرم آهي، جو ڏک پنيان سک، سک پنيان ڏک بينو ئي آهي.

۲۹۲ - رتُ ڏسي رُمي هٽجي.

رُمي ماڻهوءَ جي بت مان رت ڪڍڻ جي شيءِ يعني اوزار آهي، معنيٰ پهاڪي جي هيءَ آهي، جو ضرورت جي وقت، جاتي رت هئي اُتي رُمي هٽي رت ڪيجي: پر جاتي رت ٿورو هوندو، اُتي رُمي لڳندي، ته مورڳو زيان ٿيندو: تنهنڪري اهڙي هنڌ رُمي هٽڻ ڪار نه آهي. مطلب جو جانور يا ماڻهوءَ تي اُن جي پڄنديءَ سارو بار رکڻ ڪپي: جهڙو هڪڙو وهٽ به مڻ بار کٽي سگهي. تنهن تي چار مڻ رکبا، ته مرندو يا چيلهه پڄنديس، ۽ جي سهندو بار هوندس، ته ڪٽي منزل تي رسائيندو، ۽ سکيو هلندو. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

خر ڪه ڪمتر نهند بروي بار، گڏهه جنهن تي ٿورو بار رکبو،
برهه آسوده ميڪند رفتار. وات ۾ آرامي هليو ويندو.

## ز

### ٢٩٣ - زيري لاءِ ٻڪري نه ڪجهي.

زيرو: جيرو ٻڪريءَ جي ٻت ۾ ننڍڙو لنگ آهي، يعني رڳي جيري لاءِ گهرج مهل ٻڪري ڪهڻ اهڙي آهي، جهڙو هڪڙيءَ سر لاءِ سجو گهر ڊاهڻ: تنهنڪري ٿوري مطلب ڪاڻ گهڻو زيان ڪرڻ نه گهرجي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

ترا تيشه دادم ڪه هيزم شڪن، | تو کي واهولو ڏنم ته ٻارڻ جي ڪاٺي پيچ،
نگفتم ڪه ديوار مسجد بڪن. | نه چيم ته مسجد جي ڀت ڊاهه.

### ٢٩٤ - زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ.

ڏاوڻ يعني وهنجڻ، يعني زال جي ذات کي گهرجي، جو وهنجڻ تي ويرم ٿوري لائي، يعني جلد وهنجي: سو ڪو ته وهنجڻ وير ڪي لنگ ضرور اگهاڙا ٿيندس، ۽ زال کي اگهاڙو رهڻ مناسب نه آهي، ۽ مرد کي پڻ ڪاڄ ڪائيندي ويرم نه ڪرڻ گهرجي. مطلب جو زال کي ستر جو، ۽ مڙس کي ڦڙتائيءَ جو سعيو گهرجي.

## س

### ٢٩٥ - سورائتڻ سور اڻ سورائت سان اوريو، هن جو پنجهر نه پُريو، هوءَ وجي ٿي وهلور، پرايائين پور، اڳي کان ٻه اڳرو.

سورائت يا سورائتڻ يعني ڏکويل، اڻ سورائت يعني بيدرد، اوريو يعني ڳرهيو، پنجهر نه پريو هي اصطلاح آهي يعني اثر نه ٿيو، وهلور يعني هيٺو ٿي ويو. پهاڪي جو مطلب هي آهي جو ڏک واري کي بيدرد اڳيان حال ڳرهڻ مان فائدو ڪو نه ٿيندو. جهڙو سمن چيو آهي:

سمن پر گهر جائکي دک نه ڪهيئي روءِ، | سمن پرائي گهر وڃي روئي ڏک نه ٻڌائجي،
پرم گواوڻ اپنا وند نه ڏيوي ڪوءِ. | پنهنجي لڄ وڃائبي، ورهائي ڪو نه ڏيندو.

۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

تا ترا حالي نباشد همچو من، | جاسين مون جهڙو حال نه هوندءِ.
حال من باشد ترا افسانه. | منهنجو حال تو اڳيان آکاڻي هوندي.

### ٢٩٦ - سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي.

سنگ يعني اشرافن جي صحبت، ڪسنگ ٻڇڙي صحبت: مطلب جو پهاڪي واري چڱيءَ صحبت کي ساراهيو آهي: تنهن تي سياڻا چوندا آهن جو چڱي صحبت اهڙي آهي جهڙو پارس جو پاسو. فارسيءَ واري چيو آهي:

آهن چو بپارس آشنا شد، | پارس سان جڏهن لوهه سينڌو ٿيو،
في الفور صورت طلا شد. | سگهو سون جو روپ ٿيو.

۽ ٻچڙيءَ صحبت جي گلا تو ڪري، تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

ماري مرون ڪسنگ کي ڪيلي پاس جيون | ڪسنگ جو ماريو ائين مران، جئن ڪيوڙي

| | |
|---|---|
| پيرُ | وٽ پيرُ |
| اوهه جهولي اوهه چيرئي سائين ڪسنگ نہ ميڙ. | هوءَ لڏي، هو چيرجي، ڏٽي ڪسنگ نہ ملاءِ. |

### ٢٩٧ – سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي پر ٻڏي ڪين.

هن پهاڪي جي معنيٰ پڌري آهي، مگر سندس مطلب هي آهي جو سچ کي ڪڏهن ڏپ ڪو نہ آهي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| راستي را زوالي نيست. | سچ کي ڦِناٽي نہ آهي. |

اهڙو ذڪر نمبر ٣١٣ واري پهاڪي ۾ پڻ هليو آهي.

### ٢٩٨ - سڪٽي ڪني، گهٽو اُيامي.

ڪني، هڪڙو نڪر جو باسڻ آهي، جنهن ۾ غريب ماڻهو رڌن، سا جيڪڏهن چانورن يا ٻيءَ شيءِ سان پري ڀاهه تي چاڙهجي تہ پوريءَ طرح رجهي: پر جيڪڏهن منجهس اَن ٿورو هئي، تہ ڀاهه جي زور سان سندس پاٽي گهٽو ڦڦڪي. تنهن وانگي ماڻهو پڻ جيئن اشراف ۽ وهيون هوندو، تيئن سهمي سهمي هلندو: جيئن لچ ۽ ولهو هوندو تيئن تيگر گهٽي ڪندو. تنهن تي ڪبير صاحب جو وچن آهي:

| | |
|---|---|
| ڪهت ڪبير جو ڄا گهت بولي: | ڪبير صاحب چوي اُوٽو دلو پاٽيءَ جو چلڪي، |
| پريا هوئي سو ڪبهون نہ ڏولي. | پريل هئي سو ڪڏهن نہ چلڪي. |

### ٢٩٩ - سَتي تي سيڏائي، لَندي تي ڪائي:

ستي يعني اشراف عورت، سيڏائي يعني نهاري ۽ سڪي، مطلب هي آهي جو زماني جي هلت موجب ڪنهن وقت اشرافن لاءِ بک ۽ ڪميڻن ڪاڻ ڍئو آهي، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| اسپ تازي شد مجروح بہ زير پالان: | پلو گهوڙو پلاڻ هيٺ ڦٽيو، |
| طوقِ زرين همہ در گردن خر مي بينم. | سون جا ڳٽ گڏهه جي سسيءَ ۾ ڏسان ٿو. |

### ٣٠٠ - سِرُ ڏجي، پر سُر نہ ڏجي.

سِرُ يعني مٿو يا سسي، سُر يعني دل جو ڳجهہ، معنيٰ هيءَ آهي جو دل جو ڳجهہ سڀ ڪان واڌو لڪائڻ ڪپي: بلڪ جيڪڏهن سر وڃي تہ ڀؤ نہ آهي: پر ڳجهہ نہ ڏجي. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي بادشاهہ کي ڪنهن سياٽي چيو، جو سڀ ڪان واڌو سياٽپ هيءَ اٿي، جو دل جو ڳجهہ پنهنجي سڳيءَ پياري جوءِ کي پڻ نہ ٻڌائج. بادشاهہ ان ڳالهہ جي چڪاس لاءِ پنهنجي زال کي چرچو ڪري چيو جو فلاڻو وزير منهنجي چئي ۾ برابر نٿو هلي تنهن کي مارائيندس. اها ڳالهہ ٻئي کي ٻڌائڻ ڪان جهلي ڇڏيانس: پر اُن وزير جي جوءِ جيڪس راڻيءَ جي ساهيڙي هئي، تنهن پنهنجيءَ ساهيڙيءَ جي مڙس جي لاءِ اها ڳالهہ ساهيڙيءَ کي ٻڌائي چيو جو ٻئي کي متان ٻڌائين. پر اهڙي ڳالهہ اُن جي دل ۾ ڪٿان ٽڪي؟ تنهن پنهنجي مڙس کي ٻڌايو. وزير اها ڳالهہ سچي ڄاڻي دل کي چيو جو پاڻ مرندي ڪهڙا سيڻ ۽ وقت ڏسي بادشاهہ کي مارائي ڇڏيائين. ڏسو جو

رڳو چرچو ڪري دل جو ڳجهه ٻڌائڻ تنهن جو هي قل آهي. تڏهن پهاڪي وارو سچ ڪين ٿو چوي؟ فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

تا تواني رازِ دل با يار جاني هم مگو،
يار را ياري بود از يارِ انديشه ڪن.

جاسين ٿي سگهي تہ دل جو ڳجهہ جاني يار کي بہ نہ ٻڌاءِ؛
يار کي بہ ڪو يار هوندو تنهن يار جي يار کان ڊڄ.

## ٣٠١ - سکن گڏ آلا ٻرن.

پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو هڪڙي سڪي وڻ کي باهہ لڳي تہ پرسان آلو وڻ نہ ٻرڻ جهڙو بہ سڙي وڃي. تنهن وانگي لچ جي صحبت ۾ چڱو مڙس پڻ گلا هاب ٿئي. تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

هڪڙو چور جهنگ مان ڏاند چورائي هليو. گهٽي پنڌ کان پوءِ هڪڙو غريب واتهڙو اچي ساٿس سنگتي ٿيو، تنهن کي چوريءَ جي سُڌِ مورئون ڪا نہ هئي. ايتري ۾ ڏاند جا ڌڻي ۽ پيري اچي پهتا، ۽ ٻنهي کي چور ڪري جهلي قيد ڪرايائون. مطلب ٻچڙيءَ صحبت جو اِهو قل آهي.

## ٣٠٢ - سوٽي هئي ساڻ، تہ گڏهہ گوهي نہ ڪري.

گڏهہ هڪڙو لچو وهٽ آهي، جڏهن ڊاپي تڏهن پنڌ ۾ نينگ ڏئي ۽ گوهيون ڪري. پر جي سندس ڌڻي سوٽي چڪائيس تہ گوهيون ڇڏي. تنهن وانگي لچو ماڻهو پڻ جڏهن سائو ٿئي، تڏهن لچائي ڪري، ۽ موچڙن ڏاران سنئون نہ هلي. ان لاءِ نمبر ٢٤١ واري پهاڪي ۾ پڻ ذڪر هليو آهي.

## ٣٠٣ - سون پرکجي ڪسوٽيءَ، رُپو پرکجي باهہ، ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ.

هن پهاڪي جي اکري معنيٰ سيڪو تو جاڻي ۽ مطلب سندس هي آهي، جو جهڙيءَ طرح سون کرو جي کوٽو تہ ڪسوٽيءَ لڳي سڃاپي ۽ رپي جي کرائي کوٽائي باهہ ۾ پڌري ٿئي، تهڙيءَ طرح ماڻهو پڻ جاسين ماٺ ڪيو وينو هوندو، تاسين سندس سياڻپ اياڻپ يا چڱائي برائي پڌري نہ ٿيندي. تنهن لاءِ فارسيءَ وارو شاهد آهي:

تا مرد سخن نگفتہ باشد،
عيب و هنرش نهفتہ باشد.

جاسين مڙس نہ ڳالهايو هئي،
سندس عيب ۽ هنر ڳجها هئہ.

## ٣٠٤ - سر کان پوءِ سج اُيري تہ واهہ نہ تہ ڇٽو.

پهاڪي جو مطلب هي آهي جو هڪڙو شخص رات جو بيمار ٿئي، تنهن کي طبيب دوا ڪارائي چوي: جو سج اُيرندو، تنهن جي سوجهري ۾ دوا اثر ڪندي، تنهنڪري بيمار سج اُيرڻ جو آسائو رهي: پر تنهن کان اڳي مري وڃي. پوءِ ان کي سج اُيرڻ نہ ايرڻ سان ڪهڙو ڪم؟ تنهن وانگي جا شيءِ گهرج لٿي کان پوءِ ملندي تنهن مان ڇا؟ تنهن تي سڌني ساڌ جو وچن آهي:

ڏوب مُئي تو ڪاملي ڪنهن ڪام نہ آوي.

ٻڏي مرڻ کان پوءِ ٻيڙي ملي ڪنهن ڪم نہ اچي.

### ٣٠٥ - سَپِهوُ نہ وسهوُ، وسهوُ تہ مُسهوُ.

سَپ تي نہ وسهجي، جي وسهبو تہ مُسهبو، ڇا ڪان جو سپ ماڻهوءَ جو ويري آهي. تنهنڪري ويريءَ تي ويساهہ رکڻ مان نيٺ ڏپ آهي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

بر تواضع هاءِ دشمن تکيہ کردن ابلهي است؛ ويريءَ جي نياز تي پروسو رکڻ اياڻپ آهي؛
پاءِ بوسي سَيل از پا افکند ديوار را. اُڏ جو پيرين پوڻ پت کي پاڙ کان ڊاهي.

### ٣٠٦ - سرمو سيکو پائي، پر اک اک جو قير آهي.

سرمو اهڙي سهڻي شيءِ نہ آهي، جنهن مان سونهن وڌي: بلڪ اهڙو ڪارو آهي، جنهن کي هٿ لاتي هٿ پير ڪارو ٿئي. سو جيڪڏهن سهڻيءَ اک ۾ پوي، تہ سهڻو لڳي: پر جي ڀيڏيءَ يا ڪوجهيءَ يا چوچيءَ يا ڪاڻيءَ اک ۾ پوي تہ نہ اک سونهين نہ سرمو. تنهن وانگي جو ڪم سياڻي ماڻهوءَ جي هٿان سڌري، سو ساڃيو اياڻي جي هٿان مورڳو ڪري.

### ٣٠٧ - سنت سنت سيکو چوي سنت سمندان پار، اَئلُ پکي کو هکڙو ٻيا پکن کوٽ هزار.

سنت، ڏٽيءَ جو سچو ٻانهون، سمندان پار، هي اصطلاح آهي تہ سمند جي هُن پر يعني الپ، اَئلُ پکي، هندوي ڪتاب چون ٿا جو سدا اُڀ ۾ رهي ۽ سڳورو آهي، جهڙو فارسي ڪتاب هماءُ چون. پهاڪي جو مطلب هي آهي جو اهڙا سچيار سنت ڌرتيءَ تي ٿورا بلڪ اَلپ آهن.

### ٣٠٨ - ستين لنگهڻين ڪتو بہ حلال آهي.

هن پهاڪي وارو اهڙي موکل نٿو ڏئي، جو هرويرو ڪو ماڻهو بخيل پيسا گهر رکي ست ويلا لنگهڻ ڪري، ناڻو پاڇي وجهي، ڪتو ڪائي پيٽ ڀري، ۽ ائين بہ نٿو چوي تہ هرويرو ڪتو ئي کائي، مگر سياڻپ جو اشارو آهي جو لاچاري بک جي ويلي جي سولو قوت نہ ملي، تہ اَولو گذران ڪري وني، تہ بہ جهل نہ آهي. جهڙو سُکيءَ جي ٻي ڏيپي سفر مان پيٽ قوت پورو نہ ٿئي، تہ سمنڊ جو ڏپ وارو سفر ڪرڻ منع نہ آهي. يا جيڪڏهن ملڪي ڪارخاني جي نوڪري ڪرڻ مان ڏوَ نہ ملي، تہ جنگي ڪارخاني ۾ بہ نوڪري ڪرڻ روا آهي، جاتي سدائين ترٽيءَ تي سر رکڻو پوي. فارسيءَ واري پڻ اهڙو اشارو ڏنو آهي:

چو دست از همہ حيلتي در گسست، جڏهن سين حيلن کان هٿ ڇنو،
ضرور است بردن بہ شمشير دست. ترار تي هٿ رکڻ ضرور آهي.

### ٣٠٩ - سجن پيٽان وڌيا، وڏين پيٽان سجا.

سجا، هي اصطلاحي اکر آهي، يعني اشراف يا سياڻا، يا ڀاڳ ڀريا. وڌيا، يعني لچ يا ڏڏ يا نياڳا. مطلب پهاڪي جو بعضي وقت ڀلن ماڻهن جو اولاد ڊلا، ۽ ڊلن جو اولاد ڀلا ٿين. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ماڻهو گهڻو ٻڌا ۽ ڏنا اٿم، پر اُهي نالا ونڻ جي صلاح نہ آئي: مگر آڳاٽا ڪي ٻڌا اٿم سي چوان ٿو، جو هڪڙي پاسي نوح نبيءَ جو پٽ، ۽ يوسف ڏاران ٻيا يعقوب نبيءَ جا پٽ، ۽ ٻئي پاسي نادر شاهہ ۽ تمرلنگ بادشاهہ.

### ٣١٠ - سيرو ڪاڏو پاتل ڦاٽي.

سيرو جهڙوڪي حلوو ڪاچرو شيءِ آهي، پاتل ليسوڙيءِ يا ٻڙ يا ٻين اهڙن وڻن جا پن گڏي چيتن سان ڳنڍي جوڙجن، تن تي هندو ماٺهو ڪاچ ڪائن: ۽ پاتل هيڪر جوني ٿي، ته وري ڪم نه اچي. هي پهاڪو هندوي اصطلاح جو آهي، يعني سبري ڪاڏي ڪان پوءِ پاتل جا وري ڪم نه اچي سا رکڻ جا ضرور؟ تنهن لاءِ هڪڙو مثل لکان ٿو:
جڏهن نوشهري جي مختيارڪاري ڇڏي پينشن وني گهر آيس، تڏهن اُٺ گهوڙا جن ۾ ڪم ڪو نه رهيو، وڪڻي تڪڻي ڇڏيم. هڪڙي دوست پڇو جو وهٺ وانا سگها چو وڪيئي، تنهن کي اهو پهاڪو ٻڌايم. مطلب جو جنهن شيءِ مان ڪم لٿو ۽ وري ڪم اچڻ جي نه هئي، تنهن کي سانڍڻ ضرور نه آهي.

٣١١ - سو چور ئي نه آهي جو پنهنجو جوٽيت نه سجاٽي.

جوٽيت، اُهو جيڪو چور کي صحيح ڪري وناثي، سو چور جو ويري آهي ڪ نه؟ مطلب جو پنهنجي ويريءِ کي سيڪو سجاٽي تو، چور ته هڪڙو ماٺهو آهي، پر پنهنجي ويريءِ جي مرونءَ کي به سڌ رهي ٿي. جهڙو ٻلي گهر ۾ هئي ته ڪئا لڪي وجن، يا سينگ هٿ ۾ ڏسي ڪانوَ ڀڄن. تنهن تي هنديءِ جي شاهدي آهي:

پسون پکي هون جانتي هِتِ اَن هِتِ کي بات، مرون ۽ پکي به وير ۽ دوستيءِ جي ڳالهه ڄاڻن،
* رکي ديک سَڪُچَتَ نهين ٻنڌڪ تي ڏر پات. ساڌو ڏسي نه ڀڄن، ماريءِ کان ڊڄن.

* ٻن ۾ عبادت ڪن سي.

٣١٢ - سپتيو ماٺهو پرائي مال ۾ پائيوار.

سپتيو يعني پت وارو، يا ڏيتيءِ ليتيءِ ۾ پورو. پهاڪي واري سپتئي ماٺهوءَ کي پرائي مال ۾ پورو پائيوار چيو آهي: جيتوڻي ڳالهه پڪ جهڙي نه آهي پر جيڪڏهن پت وارو اوير سوير گهرج مهل اُڌاري سڌاري لاءِ ڪاٿي ويندو ته نلهو ڪين ورندو، تڏهن قياس گهرجي ته پائيوار ٿيو ڪ نه؟

٣١٣ - سچ سير، ڪاري ٻڪري، اچو کير.

هي پهاڪي وارو سچ کي تو ساراهي: جو کير هڪڙي شي آهي، جيتوڻي ڪ ڪاريءِ ٻڪريءِ مان نڪري ٿو، ته به سو اڇو. تنهن وانگي سچ پڻ جهڙي حال ۾ هوندو، تهڙي ۾ جوڪو نه اٿس: جهڙو سون گپ ۾ پوندو، ته به ملهه ڪين گهٽائيندو. اهڙي ڳالهه نمبر ٢٩٧ واري پهاڪي ۾ هلي آهي.

٣٤١ - سُڪ ٽُور ڪان ٻُڏ ٽُور چڱو.

ٽُور يعني دفعو يا منڊ، پهاڪي جو مطلب هي آهي. جو پاٽي تورو تي پوڪ سڪائي، تنهن سڪ تور ڪان گهٽو تي ٻوڙي ته چڱو. جيتوڻي ته سياٽا چوندا آهن جو پوڪ کي پاٽي تورو به زيان ڪري، ۽ گهٽو به، پر گهٽڻ هنڌن ڪَتيءِ جي پوڪ پاٽيءِ جي گهٽائيءِ ڪان ٻڌي، ته ان ڏرتيءِ ۾ چيت ٿئي. تنهن ڪان سواءِ ٻوڏ واريءِ ڏرتيءِ ۾ به مڇي، لوڙهه، ٻبڻ، ڪُمَ ۽ ٻيا اُپچن: ۽ جاتي سوڪ ٿئي اُتي واري ۽ مٽي. تنهنڪري ڄاڃجي تو جو پهاڪي وارو سچو آهي.

٣١٥ - سياري جي سوَڙ سيڪو پاڻ ڏي سيري.

بعضي ماڻهو هن پهاڪي ۾ سياري جي باهه پڻ چوندا آهن، پر سوڙ توڙي باهه ته سياري ۾ سيءَ لاهيندڙ آهن. تنهنڪري مطلب هڪڙو نڪري ٿو سو هي آهي، جو مائٽ توڙي يار توڙي ڪو ٻيو ته سيڪو پنهنجو سڪ ڳولي. جهڙو اردوءَ واري چيو آهي:

مادر، پدر، برادر، فرزند، يار و زن، — ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، پٽ، يار ۽ جوءِ،

سڀ سک کي هين سنگتي تڪ سمجهه وي — مڙئي سک جا ساٿي آهن ڙي يار کي سمجهه.

سجن.

٣١٦ - سچڻ سچي ٻانهن ڏئي ته سچي نه ڳيهجي.

هن پهاڪي جي سچي عبارت گهٽو ڪري اصطلاحي اشارا آهن: ڇا ڪان جو نڪو ٻانهن ڪنهن جي وات ۾ ڏئي، نڪو ٻانهن ڪنهن جي ڳيهي. مگر مطلب هي آهي جو ڪو شخص ڀروسو رکي ڪا وٿ يا ڪو ڪم سپاري، ته ان ۾ خيانت يا ڪپت، يا ويساهه گهاتي نه ڪجي، نه ته اڳتي ويساهه ڪو نه ڪندو.

٣١٧ - سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ، پير پيسا، جوءِ ڳُرُ.

هن پهاڪي مان ٻيو نرالو مطلب ڪو نه ٿو نڪري، رڳو ٻيدينن ۽ بخيلن ۽ ڳاندن جي ڳالا ۾ آيو آهي، جن کي سچ مرچن وانگي ڪڙو لڳي ۽ ڪوڙ ڳڙ گهاءِ منو، ناٽي ۽ جوءِ کي مرشد ڪري پوڄن.

٣١٨ - سياري ۾ سي ئي چڱا جن گهٽي باهه، اونهاري ۾ به سيئي چڱا جن گهٽي چاهه.

هن پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو جنهن جي گهر سياري ۾ باهه گهٽي ۽ اونهاري ۾ چاهه يعني جهڻ گهٽي هوندي، سي سکي رهندا: پر سک سڀ دولت جو کيل آهي. تنهن جو بيان ۽ هن پهاڪي جو جواب نمبر ٣١٩ واري پهاڪي ۾ هلندو.

٣١٩ - سياري به سي ئي چڱا جن کي آهه، اونهاري به سي ئي چڱا جن کي کي آهه.

کي آهه يعني کي دولت آهي، هن پهاڪي وارو نمبر ٣١٨ واري پهاڪي کي جواب ڏئي ٿو: ۽ چوي ٿو جو جنهن کي دولت آهي سو اونهاري توڙي سياري ۾ سکي رهندو. ڇا ڪان جو باهه توڙي جهڻ ته ٿوري ملهه واريون شيون آهن، پر دولت واري کي سڀ نعمتون سٽوليون آهن. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

بگرما و به سرما در بهار است، — اُونهاري سياري اُن لاءِ بهار آهي،

کسي ڪش دولت و اقبال يار ست. — جنهن کي دولت ۽ ڀاڳ همراهه آهي.

٣٢٠ - سڳا سي ئي سيڻ، جنين پڪا اوڏڙا.

سيڻ يعني مائٽ، پڪا ويجهڙا يعني پاڙوسي، پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، ته جو پاڙوسي سو وڏو مائٽ: مطلب جو مائٽ اُهو جو دوست. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

| | |
|---|---|
| برادر همان باشد ڪہ يار باشد. | ياءُ اهو آهي جو دوست هجي. |

### ٣٢١ - سلو سوءِ جو انگورين پلو.

مطلب تہ جو ماڻهو ننڍپڻ ۾ لچڻ وارو هوندو، سو وڏ پڻ ۾ پڻ سڌرندو. تنهن تي فارسيءَ واري بہ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| هرڪہ در خورديش ادب نکند، | جيڪو ننڍپڻ ۾ ادب نہ ڪندو، |
| در بزرگي فلاح زر بر خواست: | وڏپڻ ۾ ڀلائي وٽانس اُٿي ويندي: |
| چوب تر را چنانڪہ خواهي پيچ، | آلي ڪاني جئن وٽيئي تئن موڙ، |
| نشود خشڪ جز بہ آتش راست. | سڪي باهہ ڏاران سنئين نہ ٿئي. |

### ٣٢٢ - سوڙهي سياندري وهنوار نہ ڪجي.

سوڙهو سياندرو، اڪرن جي معنيٰ ويجهي حد، مگر اصطلاحي معنيٰ مائٽي يا دوستي. پهاڪي وارو مائٽيءَ ۽ دوستيءَ ۾ واپار ڪرڻ ڪان جهلي ٿو، سو سچ آهي: جو واپار جي ڪم ۾ هڪڙي نہ ٻئي وقت چڪتاڻ هلندي، جنهن ۾ واجبي حق سيڪنهن کي چڪٽو پوي. پوءِ هڪڙي ڏر سانگو ڪري اُهو حق ڇڏيندي، تہ حق ٻڏندس: تنهن تي هڪڙو ڏنل قصو ياد آيو اٿم، جو هيٺ لکي ڏيکاريان ٿو:

هلال ۽ بدر جي پاڻ ۾ ويجها ۽ نازڪ مائٽ آهن، تن ٻنهين پاڻ ۾ اڌواڌ پائيوار تي پندرهن سؤ (١٥٠٠) رپيا خرچ ڪري هڪڙي ڏهاڙي ڪتندڙ ڳڏي: هن انجام تي تہ جيڪي منجهانس پيدا ٿيندو، سو اڌ ڪري ورهائيندا رهندا. اها شيءِ بدر جي هٿ ۾ رهندي هئي، مگر جيڪي پيدا ٿيندو هو، سو بدر سال بسال يا مهيني سر مهيني گهر ويني هلال کي پهچائيندو هو. ان طرح چار پنج ورهيہ سندن وهنوار هليو. ايتري ۾ هلال کي هڪڙي بہ اهڙي حرڪت معلوم ٿي، جنهن ۾ سؤ (١٠٠) ڏيڍ سؤ (١٥٠) روپيا پنهنجو نقصان جاتائين. تڏهن لاچار تي پائيواري نبيرڻ لاءِ رٿ ڪيائين، ۽ پانيائين جو شاهوڪارن جي دستور وانگي ڪري ڪاتي پائيواري نبيريان. پر بدر کي ان طرح نبيرڻ نہ وٽيو، ۽ پانيائين جو هلال کي دربدر رلائي رقم سموري ڳيهي وجان. ان باب ۾ جيڪي هلال سان پَٽ رڌائين، ۽ هلال سان ڳالهايائين، جي اهي سڀ لکان، تہ جيڪر هڪڙو نرالو ڪتاب ٿئي. پر نيٺ هلال ويچاري کي پنهنجي لڄ لڪائڻ پيئي. تنهن اڱوٺي نقصان کي وساريو، ۽ هن مهل پڻ قريب ٻن سون روپين جي ڏني وائني ڪس ڪائي پائيواري نبيريائين. اهو تماشو ڏسي آءٌ پڻ چوان ٿو جو پهاڪي واري سچ چيو آهي:

### ٣٢٣ - سڙئي گهوڙي ۽ پِٽيل ماڻهوءَ مان ڪين ٿئي.

جنهن گهوڙي کي ميڄ ڪائڻ ۽ ان زهر ڪان سڙي، تنهن کي سڙيو گهوڙو چئجي، سو دوائن سان پڻ سڌري ڪين. پهاڪي وارو پِٽيل ماڻهوءَ کي پڻ اهڙو جاڻي ٿو. تنهن ۾ ڪو قير ڪو نہ آهي: ڇا ڪان تہ جو ماڻهو ڪنهن جي دل ڏکوئيندو، تہ ڏکويل جي دل مان پٽ نڪرندي، سا جائي اثر ڪندي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| چہ نيڪي طمع دارد آن بيوفا؟ | ڀلائيءَ جي لالچ اهو ڪلال ڪئن رکي؟ |

ڪ باشد دعائي بدش از قفا. جنهن جي پنيان پاراتا هوندا.

### ٣٢٤ - سؤ ڪري سينگار، تہ بہ ڪودڙيءَ پُٽ ڪودڙو.

اکرن جي معنيٰ سولي آهي، جا سيکو جاڻي ٿو. مطلب هي آهي، جو ڪميڻو ماڻهو چڱي پوشاڪ ڪِئي اشراف ڪين ٿي سگهندو. بلڪ منهنجو چوڻ هي آهي جو اُن پوشاڪ کي خوار ڪندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

نا سزائي ڪ خرقہ در بر ڪرد، نالائق جنهن گودڙي پهري،
جامۂ ڪعبہ را جُلِ خر ڪرد. تنهن ڪعبي جي ڪپڙي کي گڏھ جي جُهل ڪيو.

### ٣٢٥ - سهڻا توهہ بہ پَٽَن ۾ آهن.

توهہ هڪڙو جهنگلي ول جو ڦر آهي، جو ڏسڻ ۾ گدري کان پڻ سهڻو، ۽ ڪائڻ ۾ ايرئي کان بہ ڪوڙو. پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو شڪل جو سهڻو ماڻهو ڏسي نہ جاڻجي تہ هرويرو سياڻو، يا اشراف، يا چڱو مڙس هوندو: جو متان توهہ وانگي اندر ٻاهرو هئي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

نہ هر ڪہ بہ صورت نيڪو است سيرت زيباور درو است: نہ سيڪنهن سهڻي ۾ موچارا لڇڻ آهن، ڪم اندرئين مغز سان آهي، نہ ٻاهرينءَ کل سان.
ڪار بمغز اندرون است نہ بہ پوست بيرون.

درويش هن پهاڪي لاءِ هي چون، تہ جو ماڻهو ويس فاقيرو ڪري، ۽ اندر ۾ دنيا جا ڏنڌا ۽ ڪپت سانديو وتي، سو توهہ جهڙو آهي، ۽ اهڙي کي پرلوڪ ۾ ڏاڍا ڏک ملندا. جهڙو گورو نانڪ شاھ جو وچن آهي:

بيک دکاوي جگت ڪُون: لوڪن ڪُون وس ڪين، جهان کي ويس ڏيکاري، ماڻهن کي مجائي،
انت ڪال ڪاتي ڪٽي باس نرڪ ۾ لين. مرڻ مهل ڪاتيءَ سان وڍجي نرڳ ۾ پوي.

### ٣٢٦ - سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي تنگجي.

ڪاسائي ٻڪريءَ کي ڪُهي، کل لاهڻ لاءِ پير کان وني تنگي. پر هڪڙيءَ جي کل لاهڻ لاءِ ٻيءَ کي ڪو نہ تنگي. تنهن وانگي ڏوھ جي ثواب، تہ جيڪو ڪندو سو ئي لوڙيندو. جهڙو هنديءَ وارو چوندو آهي:

اِهُ ڪَرُ ڪري سو اِهُ ڪَرُ پاوي هاٿون هات نبيرا. هي هٿ ڪري سو هي هٿ لوڙهي هٿون هٿ فيصلو.

### ٣٢٧ - سچا عاشق پيتو دي آچار.

پيتو يعني ڪجريءَ جو پاندي، دولت بنا عاشق ٿيڻ اهڙو آهي، جهڙو پاندي يا پاڙي: پر مطلب هي آهي جو دولت ڌاران ڪو ڪم پورو نہ ٿيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

مرغ بي پر، درخت بي بر، خانہ بي در، عاشق ڪنين بنا پکي، ڦر بنا وڻ، در بنا گهر، دولت بنا

بي زر. عاشق.

## ٣٢٨ - ستي لڪڙن ڪان موتي، تہ ڪتن هاب تئي.

هندستان ۾ ڪي زالون مڙس جي مرڻ مهل پاڻ جيئرو مڙس جي ميت سان گڏ ساڙينديون هيون، تن کي ستي چوندا ها: ڪتن هاب يا ڪتن جو ڪاج هي اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب آهي گلارو، يا بدنام: تنهن وانگي هڪڙو سورهہ دم هڻي جنگ ڏي هلي، ۽ اڳيان ترارن جو تاءُ ڏسي پجي تہ اُن ستيءَ وارو لقب مليس. اهڙي لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| يکي را چو بيني تو در جنگ پشت، | جڏهن هڪڙي کي ويڙهہ ۾ پنيرو ڏسين، |
| بِکُش گر عدو در مصافش نکشت. | کُهُہ جيڪڏهن ويريءَ ويڙهہ ۾ نہ ڪنس. |

## ٣٢٩ - سَبَر سان سينءَ، ڪبي ڪئن، چوندو جئن، ٿيندي تئن.

سبر، ڏاڍو ماڻهو، سينءَ يعني دنگ، پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو هڪڙي هيٺي ۽ ڏاڍي جي وچان دنگ جو رڳڙو هوندو، تنهن جو نبيرو هرويرو ڏاڍي جي چوڻ تي ٿيندو: تنهنڪري گهرجي، جو پاڻان ڏاڍي جو چوڻ مڃيندو رهجي، نہ تہ پاڻ لاءِ چيئو وهائڻو آهي. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

| | |
|---|---|
| خلاف راءِ سلطان راءِ جُستن، | بادشاهہ جي صلاح کان ابتڙ صلاح ڳولڻ، |
| بخون خويش باشد دست شستن. | پنهنجي رت سان هٿ ڌوئڻو آهي. |

## ٣٣٠ - سي اِدائي، سي ساڍا ہہ.

ساڍن ٻن ۽ اِدائن ۾ ايترو ڦير آهي، جيترو ٣١٥ واري پهاڪي ۾ بيان ٿيو آهي: ۽ هن پهاڪي جو مطلب پڻ ڏڏن جي بي سمجهي ڏيکارڻ جو آهي. سياڻي کي گهرجي، جو اهڙي ڏڏ جي صحبت کان پاسي رهي، ۽ نہ سمجهي تہ ڪو ڪانئس سکندو، پر شال هي سندس سنگت مان ڪري نہ. تنهن تي هڪڙو فارسي مثل آيو آهي:

| | |
|---|---|
| خري را ابلهي تعليم ميکرد، | هڪڙي اياڻي هڪڙي گڏهہ کي ٿي سيکاريو. |
| بر اوبر صرف کردي عمر دائم: | سدائين ان تي چمار ٿي وڃايائين: |
| حکيمي گفت اي نادان چہ کوشي؟ | سياڻي هڪڙي چيس ڙي ڏڏ جو تو سعيو ڪرين؟ |
| درين سودا بترس از لوم لائم. | هن سوداءِ ۾ متي هٽڻ کان ڊڄ. |
| نياموزد بهائيم از تو گفتار، | مرون تو کان ڳالهائڻ نہ سکندو: |
| تو خاموشي بياموز از بهائم. | تون مرونءَ کان ماٺ سک. |

## ٣٣١ - سوناري جو سؤ ڌکن، لوهر جو هڪڙو ڌڪ.

جو ڪم سوناري جي سؤ ڌڪ هڻڻ سان ٿئي، اُهو ڪم لوهر هڪڙي ڌڪ سان ڪري سگهي. تنهن وانگي ڏڏ ماڻهو جيڪو گهڻي ڏاڪڙي سان مس ڪري، سياڻو اهو ڪم اشاري سان اکلائي.

## ٣٣٢ - سياڻي اڳيان رئڻ، اکين جو زيان.

يعني سياڻو ماڻهو رڳو ڳالھ ڪرڻ مان حال سمجهي، تنهن جي اڳيان روئي حال ڳرهڻ اجايو آهي.
تنهن لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:
هڪڙيءَ زال جي وڏور ڏيءَ ڪنواري هئي؛ تنهن جي پرڻائڻ لاءِ مڙس ڪي سعيو ڪيائين ۽ ڏيءَ ڪي چيائين جو اُتي بيهه ته پياءِ ڏسي. تنهن چيو جو ابو سياڻو آهي، ويني به ڏسي تو جو وڏي آهيان. مطلب جڏهن پهاڪي وارو سياڻي ماڻهوءَ کي ايترو سارا هي تو، تڏهين ڏٺي، جو سڀ ڳالھ جو ڄاڻندڙ ۽ واقفندڙ آهي، سو انسان جو حال ري چئي نه ڄاڻندو ڇا؟ تنهن تي گرو نانڪ شاھ جو وچن آهي:
انتر جامي پورک سوامي اڻ بولت هي جانت    ڳجھ ڄاڻندڙ سائين ري چيو حال ڄاڻي.
حال.

## ٣٣٣ - سُتي شينهن کي آڳر نه ڏجي.

ڪاتي شينهن ستو پيو هئي، اتانهون هوري هوري لنگهي وڃبو ته شينهن ڪين چوندو؛ پر جيڪڏهن آڳر ڏبيس يعني چُرَ ڪبيس، ته جائي وڙهندو. تهڙيءَ طرح وساڻل جهيڙي کي پڻ ستل شينهن ڄاڻي ڳرهانس پاسو ڪجي ۽ جي چوربس ته منجهانس جيڪا سا ڏاہوچي تيندي.

## ٣٣٤ - سيڪو پنهنجي هٿيءَ جو هوکو ڏئي.

هوکو، سڏ جهڙو ڪُهَرَن جي وڪڻ وارو جهولي کٽي هوکو ڏيئي چوي، "ڪُهَرَ ڪوسا". پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي جو لوڻ وڪڻ وارو لوڻ جو هوکو ڏيندو، ۽ کنڊ وڪڻ وارو کنڊ جو؛ تنهن وانگي اشراف ڪان اشرافت جو ڪم تيندو ۽ لچ ڪان لچائيءَ جو. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:
هڪڙو اشراف ماڻهو پٽڻ لنگهڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو، اوچتو هڪڙو مسخرو اُن ٻيڙيءَ ۾ ويٺل هو، تنهن هن اشراف سان گهٽيون چٽرون ڪيون، پر اشراف ڪين ڪجهو؛ اُلٽو لهڻ مهل ڳراٽڙي پائي موڪلايائينس. تنهن کي ڏسي ٻين چيو، جو اهڙي لچ سان اهڙي خوشامد ڇا تي نهي. تن کي چيائين ته هن پنهنجو لائق ڪيو، مون پنهنجو لائق سجاتو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:
هر کسي آن کند که لائق اوست.    سيڪو پنهنجي لائق جهڙو ڪري.

## ٣٣٥ - سڪو ڪاٺ به پاسا پيچي.

سڪي ڪاٺ تي ساڄي پاسي پر سمهبو ته ساڄو پچندو، جي کٻي پر سمهبو ته کٻو؛ تنهن وانگي بخيل ۽ ٻي ڌرم ماڻهوءَ جي صحبت مان لوڪ پرلوڪ جو جوکو آهي. تنهنڪري سياڻي کي اهڙيءَ صحبت ڪان پاسي رهڻ گهرجي. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:
آنکس که از او نفع نه دنيا و نه دين است،    جنهن ماڻهوءَ مان نه دنيا جو نه دين جو فائدو آهي،
بگريز ازو گرچه شهي روءِ زمين است.    جي سڄيءَ دنيا جو راڄا آهي، ته به ڪانئس پيچ.

## ٣٣٦ - ست ڪٺا ڪائي، ٻلي حج چڙهي.

هن پهاڪي واري ٻليءَ جي حج وڃڻ جي ڳالهه آندي آهي سو رڳو مثل آهي: نا ته ڪاڏي ٻلي ڪاڏي حج وڃڻ، مگر مطلب هي آهي ته جي ماڻهو اندر ۾ پاپ رکي ٻاهران ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڏيکي عبادت ڪن، تن کي ٺوڪجي ٿو. پر اهڙي عبادت مورڳو گناهه آهي. جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

| | |
|---|---|
| ڪليد در دوزخ است آن نماز، | اها نماز دوزخ جي در جي ڪنجي آهي، |
| ڪہ در روءِ مردم گذاري دراز. | جا ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڏيکي پڙهين. |

## ش

### ٣٣٧ - شڪر ڪر صحيح، ته توئي سان ٿُوه ٿئي.

توه يعني مهرباني: پهاڪي جو چوڻ وارو ڏٽيءَ جو ويساسي ٻانهو ڏسجي ٿو، جو ڏٽيءَ جي شڪرانہ ڪرڻ جي ساک ٿو ڪري. اها ڳالهه سچ آهي، جو شڪرانہ ڪرڻ واري تي ڏٽي گهڻي مهرباني ڪري بخششون ڪندو آهي. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| ترا مال و نعمت فزايد ز شڪر، | شڪر ڪرڻ مان تنهنجي دولت ۽ مال وڌي، |
| ترا فتح از در آيد ز شڪر. | شڪر ڪرڻ ڪان تنهنجي سوڀ ٿئي. |

### ٣٣٨ - شينهن اڳيان لڪڙي اڄلڻ سولي، پر وري ڪٽڻ اولي آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص شينهن جي اڳيان ڪاٺي اُڇلي، ته اُڇلي سگهي: پر وري اها ڪاٺي ڪٽڻ ڪم گهري؟ تنهن وانگي پاڻان ڏاڍي اڳيان ڳالهه ڪرڻ سٺري آهي، پر جيڪڏهن پوري نہ هئي ته سندس پورائو اهنجو آهي. تنهنڪري گهرجي جو ڏاڍي اڳيان ڳالهه ڪجي، ته اڳ پوءِ ڳٽي ڪجي، نہ ته ماٺ ڀلي. فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

| | |
|---|---|
| ندارد ڪسي با تو نا گفتہ ڪار. | جاسين نہ ڳالهايو اٿي، تاسين ڪنهن جو توسان ڪم نہ آهي، |
| و ليڪن چو گفتي دليلش بيار. | پر جڏهن ڳالهايئي تڏهن پورائو آڻ. |

### ٣٣٩ - شينهن نہ ڏيکيا ته ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا ته ڏيک سونارا.

هن پهاڪي مان ٻيو ڏار مطلب ڪو نہ نڪري ٿو، مگر جهڙوڪي ٻلي ۾ گهڻا آريکڻ شينهن جا آهن، تهڙو سونارو پڻ چوريءَ يعني سون رُپي ۾ مٽ گڏڻ لاءِ پڌرو آهي. سياڻا چوندا آهن، جو سونارو ماءُ پيڻ جي مٽئي مان بہ نہ کسي، هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

ناري جو مختيارڪار هوس، تن ڏهاڙن ۾ راڻاهوءَ مڪان ۾ بيکي نالي سوناري کي عينڪ جي چلي جوڙڻ لاءِ ٿوري چاندي ڏنيم. چيومانس جو منجهس مٽ نہ گڏج، ته ان جي بدران مزوري واڌو ڏيندوسانءِ. تڏهن ڪلي چيائين، جو ڏهوٽو پورهيو ڏيندين، ته بہ مائٽن جي پَر ڪين ڇڏيندس، چا ڪان جو جاسين اُهو ڪم نہ ڪريون، تاسين برڪت نہ پوي. هاڻي ويچار ڪيي ته جڏهن سونارن کي اها پک آهي، تڏهن پهاڪي واري جي خيال ۾ ڪهڙو قير آهي؟

## ص

### ٣٤٠ - صبر جنين سينگ، تير نہ گسي تن جو.

هن پهاڪي واري صبر ڪي ساراهيو آهي، يعني جو صبر ڪندو سو مطلب ڪي پهچندو. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بہ صبري تَواني رسيدن بہ ڪام؛ صبر سان مراد ڪي پهچي سگهندين،
بہ آهستگي صيَد آيد بدام. صبر سان شڪار ڦاهيءَ ۾ اچي.

اهڙي ڳالهہ هيٺ نمبر ٣٤١ واري پهاڪي ۾ پڻ هلندي.

### ٣٤١ - صبر وڏو تول آهي.

تول يعني وٽ، هن پهاڪي وارو پڻ نمبر ٣٤٠ واري پهاڪي وانگي صبر ڪي ساراهي ٿو: سا ڳالهہ سچ آهي، جو سياڻا چوندا آهن تہ جن ڪي صبر جهڙي وٽ ڏٽيءَ ڏني آهي، تن ڪي جاڻ حڪمت بخشي اٿس، ۽ بي صبر ان حڪمت کان پالها آهن. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

گنج صبر اختيار لقمان است، صبر جي گنج لقمان جي قدرت جهڙي آهي،
هر ڪہ را صبر نيست حڪمت نيست. جنهن ڪي صبر نہ آهي، تنهن ڪي حڪمت ناهي.

### ٣٤٢ - صلاحين شينهن ٻجهن، ڪم ڪرهين نہ ٿئي.

ڪَرَہ يعني جهيڙو، مطلب جو ميٺ محبت سان جهڙو ڪم ٿيندو، تهڙو جهيڙي سان نہ ٿيندو: جهڙيءَ طرح شينهن جي ٻچي ڪي چيتاري ڏتاري پڃري ۾ پايو وٺن، پر ويڙهہ سان جيڪر اهو ساڳيو مارئي مارائي بنا نہ رهي. فارسيءَ واري چيو آهي:

بہ شيرين زباني و لطف و خوشي، مٺي زبان ۽ موچارائيءَ ۽ سرهائيءَ سان،
تواني ڪہ پيلي بہ موئي ڪشي. هاٿيءَ ڪي وار ۾ ٻڌي سگهين.

## ظ

### ٣٤٣ - ظلم قائم آهي، ڪندڙ قائم نہ آهي.

ظلم هڪڙو فعل آهي، تنهن جو نالو جهان مان وڃڻ جو نہ آهي، تنهنڪري قائم رهي ٿو. پر ظلم ڪندڙ يعني ظالم جي ڄمار ٿوري آهي: ڇا ڪان جو غريبن جي پٽ ظالم لاءِ پاڙ پٽيندڙ آهي. مگر ظالم جي ڳلا جي ڄمار سنديس ڄمار کان وڏي آهي، جا سندس مرڻ کان پوءِ بہ رهي ٿي. جهڙو فارسي بيت آهي:

نماند ستمگار بد روزگار، ظالم ٻيڄڙو ڳچ ڏهاڙا نہ رهي؛
بماند برا و لعنت پائدار. مٿس لعنت سدائين رهي.

## ع

### ٣٤٤ - عقل ري ارمان، گهٽا ڪائيندين جيئڙا.

سياڻپ ڏاران نيث ارمان ڪاٺو پوندو: ڇا ڪان جو عقل وارو ماڻهو توڙي ذات جو هيٺو هوندو تہ بہ جاتي تاتي عقل جي برڪت سان مان لهندو، ۽ اياڻو ماڻهو توڙي وڏ-آڪاهيو هوندو، تہ بہ بي مانو رهندو ۽ ارمان ڪائيندو. تنهنڪري ڏاهپ پرائڻ جو سعيو ڪهرجي، تنهن جو علاج سياڻن جو سنگ آهي.

### ٣٤٥ - عيسيٰ، نہ موسيٰ، وڏا پير پيسا.

پيسا يعني دولت يا ناڻو، هن پهاڪي وارو دولت کي پيغمبرن کان پڻ وڏو چوي ٿو، جيتوڙي تہ پيغمبرن جو مان ڏٺيءَ وڏو ڪيو آهي، پر ڪن مهلن ۾ دولت پڻ گهڻا ڏک ڪٽيندي آهي. جنهن ڪري فارسيءَ وارو چوندو اٿس:

| | |
|---|---|
| اي زر تو خدا نہ ئي: و ليڪن بہ خدا، | ڙي دولت، تون ڏٺي نہ آهين پر قسم ڏٺيءَ جو، |
| ستار عيوب، قاضي الحاجات تو ئي. | ڍڪيندڙ عيبن جي، ۽ جاري ڪندڙ گهرجن جي آهين. |

### ٣٤٦ - عقل آهيرن جو ڏريون ئي ويو، مڱائن هڪڙو پرڻائن بيو.

آهير يعني جهنگلي ڄٽ، دنيا جو دستور آهي جو جا عورت جنهن سان مڱائن، سا عورت نيث ان ساڳئي سان پرڻائن، پر جڏهن ڪنهن عورت کي مڱيندو ڇڏائي ٻئي سان پرڻائن، تڏهن واعدي خلافيءَ جهڙي ڳالهہ چئجي. وعدي خلافي پڻ هڪڙو ڪوڙ آهي: سو جڏهن ڪو ماڻهو وعدي خلاف ٿيو، سو آهير هئي توڙي ارباب، تہ هن پهاڪي جو مخاطب يعني مهاڙيو ڇاٻو.

### ٣٤٧ - علت وڃي، عادت نہ وڃي.

علت يعني مرض، عادت يعني هير، مطلب هي آهي جو ڪنهن کي مرض هجي ۽ دوا ڪرڻ سان ڇڏي وڃي تہ مجبو: پر عادت ڪڏهن ڪين مٽبي. تنهن تي فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

| | |
|---|---|
| خوي بد در طبيعتي ڪہ نشست، | عادت بڇڙي جنهن طبع ۾ ويٺي، |
| نرود تا بہ وقت مرگ از دست. | موت جي مهل تائين هٽان نہ ويندي. |

## غ

### ٣٤٨ - غريب جي جوءِ، سڀني جي ياجائي.

ياجائي يعني ياءُ جي جوءِ. ملڪ جو دستور آهي، جو گهڻا ماڻهو ياجائيءَ کي ڀاڃي پيارڻ يا ماني ڪارائڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن ڏسڻ ۾ عيب نہ ڄاڻن، تنهن وانگي غريب ماڻهوءَ جي جوءِ کي پڻ سيڪو ياپي ڄاڻي متس حڪم هلائي: پر مطلب هيءُ آهي، جو هيٺي ماڻهوءَ کي سيڪو پانهنجو اڏبن ڄاڻي.

## ق

### ٣٤٩ - قرض ڪوڙه جو ٽڪو آهي.

ڪوڙهه، هڪڙو بڇڙو مرض آهي، جو ماڻهوءَ لڳن جي تي اچا يا ڪارا چٽا ٿي پون. پهاڪي وارو قرض ڪي پڻ اهڙو بڇڙو جاڻي ڪٽڻ ڪان جهلي ٿو. ڇا ڪان جو قرضيءَ ڪي لهڻي وارن جي هٿان خراب ٿيڻ جو ڊپ آهي، تنهن لاءِ فارسيءَ وارو چوي ٿو:

بہ تمناءِ گوشت مُردن بہ، گوشت کائڻ جي سَڌَ ۾ مرڻ چڱو،
کہ تقاضاي ز شت قصابان. جو ٺهري وارن جي چڪ تاڻ بڇڙي آهي.

### ٣٥٠ - قاضي، جاٽي، قيامت جاٽي.

هن پهاڪي وارو ظاهري لباس ۾ مسلماني مذهب جي رستي چوي ٿو، جو هي انسان قاضيءَ سمجهائڻ پٽاندر چڱا ڪم ڪندو تہ قيامت ۾ سندس پاران قاضي جڻ جوابدار رهندو. پر هڪڙو هي بہ مطلب آهي، جو ماڻهوءَ کي جڳائي تہ توڪل ڪري يعني پنهنجا ڪم ڌڻيءَ ڪي سونپي: ۽ چوي، جو ڌڻي جاڻي ڪم جاڻي: ڇا ڪان جو فارسيءَ واري پڻ توڪل ڪي ساراهيو آهي:

اگر خواهي کہ از خارت شود گل، جيڪڏهن پائئين تہ ڪندي مان گل ٿئيئي،
توکل کن توکل کن توکل. تہ رڳو توڪل ئي توڪل ڪر.

## ڪ

### ٣٥١ - ڪتيم سپ جمار، پاندي پوري ڪين ٿي.

پاندي، زالون ست ڪتن، جڏهن هڪڙي پاندي پوري ٿئي، تڏهن اُها تڪ تان لاهي بي پاندي ڏائن ساء پر جڏهن هڪڙي پاندي پڻ سڄيءَ جمار ۾ پوري نہ ٿيندي، تڏهن ڪتان ڪتبي. تنهن وانگي سڄي جمار مايا جي ڏنڌي ۾ وڃائبي، تہ ڌڻيءَ جي يادگيري ڪڏهن ڪبي؟ فارسيءَ واري پڻ اهڙو ڏوراپو ڇيو آهي:

طِفلي بہ بازي، جواني بہ مستي، ٻالاتڻ راند ۾، جواني نشي ۾،
پيري بہ سُستي، کَي خدارا پرستي؟ پوڙهائي هيڻائيءَ ۾، ڪڏهن ڌڻيءَ کي پوڄيندين؟

### ٣٥٢ - ڪڪان ڪوڙي باهہ، غلامان دوستي، يار نہ ڪجي ڏوم، پيادا پوستي.

ڏوم: يعني لنگهو، پيادو: هي اصطلاحي لفظ آهي يعني ڊل جي اوڳڙ ڪندڙ، پوستي يعني پوست جي نشي پيئڻ وارو. مطلب هي آهي جو ڪکن جي باهہ ڪوڙي جتاءُ نہ ڪري، ۽ گولاڙي جي دوستي پڻ ڪمائتي نہ آهي. جنهن لاءِ عربي پهاڪو آهي:

لا خير في عبيدي. نہ آهي ڀلائي گولاڙي مان.

تنهن وانگي لنگهي، پيادي ۽ پوستيءَ جي دوستيءَ مان بہ نيٺ نلائي آهي.

### ٣٥٣ - ڪتي جا ڏند، ڳڌهہ جو ماس.

ڳڌهہ جو ماس بڇڙي شيءِ آهي، تہ ڪتي جا ڏند ڪي چڱا آهن ڇا؟ تڏهن جاڻڻ گهرجي، جو بڇڙي کي بڇڙو پهچي. جهڙي دستور سياڻي ماڻهوءَ جو لچ سان ڏنڌو اڙي، تہ بيو لچ پنهنجي پاران وڪيل بڇي جند ڇڏائي. اهڙيءَ ڳالهہ لاءِ عربي پهاڪو پڻ آيو آهي:

سنون الڪلابا، لحم الحمارا. ڪتي جا ڏند، گڏھ جو ماس

### ٣٥٤ - ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال، حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.

ماضي يعني جيڪا ٿي لنگهي، استقبال يعني جيڪا ٿيندي، حال، جيڪا هاڻي ٿي نبري؛ مطلب هي آهي، جو هڪڙا ماڻهو پراڻين ڳالهين کي ياد ڪيو تيگريا وتن، سا پڻ پوري ڳالهه نہ آهي. جهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو اڳي وهيون هو، پر هاڻي ڏٺيءَ جي قدرت سان ولهو هئي تہ اها پراڻي تيد ڪاٿي هلنديس، ۽ ٻيا هڪڙا ماڻهو اڳتي ٿيندڙ ڪم جي اڻ تڻ رکن، سا پڻ پوري هاج نہ آهي: چا ڪان جو معلوم نہ آهي، تہ هن ڪان پوءِ چا ٿيندو. تنهنڪري هاٺوڪيءَ مهل جي حال ۽ صحبت موجب هلت ڪرڻ گهرجي.

### ٣٥٥ - ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾.

پريءَ ۾ ۽ پاڪر ۾، هي اصطلاح آهن، جن جي معنيٰ گهٽو ۽ تورو آهي. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو ڪڏهن گهٽو ڪڏهن تورو؛ پر مطلب سندس هي آهي، جو مايا جو ڏنتو ڪڏهن ڪهڙي ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ رهي ٿو. جهڙي ريت اردوءَ وارو چوي ٿو:

جب گيا بلبل چمن ۾ ديکهہ کي فصل خزان، جڏهن بربليءَ باغ ۾ وڃي ڦناٽيءَ جو حال ڏٺو،
رو کي هس کهني لگي گاهي چنين گاهي چنان. روئي ڪلي چوڻ لڳي، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن.

### ٣٥٦ - ڪارو وهي ڪمري گڏ، تہ ورن نہ متائي تہ عادت متائي.

ڪمرو، چٽ ڪمرو يعني ٻہ رنگو، ورن يعني رنگ، اشراف ماڻهو لچ جي سنگت ۾ وهندو تہ مهاندو لچ جهڙو ڪين ٿيندس، پر لڇڻ جائي لچ جا سکندو. تنهنڪري سياڻا ماڻهو اهڙيءَ صحبت کان جهليندا آهن. فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

با بدان ڪم نشين، ڪہ صحبت بد، بڇڙن سان تورو ويهہ، جو بڇڙي صحبت،
گر چہ پاڪي، ترا پليد ڪند. جيتوڻي سنو آهين، اونو ڪنڊءِ.
آفتابي بدين بلندي و تاب، سج کي هيتريءَ وڏائيءَ ۽ سوجهري سوڌو،
پاره ابر ناپديد ڪند ڪڪر جو ٽڪر لڪائي ڇڏي.

### ٣٥٧ - کهٽي سيکو کهي، پر ڪرو ڪو وهٽيءَ وهي.

کهٽي ۽ وهٽي هي ٻئي اصطلاحي لفظ آهن، يعني چوڻ ۽ ڪرڻ. پهاڪي جي معنيٰ هي آهي، جو چوڻ لاءِ سيکو چوي، پر ڪرو ڪو ڪرڻ لاءِ ڪري. جهڙوڪي سيکو چوي، جو ڪوڙ، چوري، گلا، حرام ۽ ٻيا اهڙا ڪم بڇڙا آهن پر ڪرو جڏهن ڪو پاڻ نہ ڪري. تنهنڪري جيترو ڪري سگهي، جيءَ سان پڻ اوترو چوي، تڏهن هن پهاڪي جي اوپالي ڪان چٽي.

### ٣٥٨ - ڪتيءَ کي ڪنهن اُماڙ ڏنو هو، سا تارا ڏسي ٿي ڏني.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۾ لکو ڪين آهي، جو پڌرو ڪجي: پر مطلب هي آهي، جو هڪڙيءَ مهل ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم مان گهاٽو پائي، يا ڏک ڏسي ته وري جيڪر ان ڪم ڏسڻ ڪان پڻ ڏڄي. پهاڪي نمبر ۴۰۲ واري ۾ پڻ اهڙو بيان ٿيو آهي.

### ۳۵۹ - ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پائي رک، ته به ڏنگو ئي رهندو.

ڪتي جو پڇ اصل کان ڏنگو هوندو، سو نڙ ۾ پوڻ سان ڪتي ڏنگ ڇڏيندو؟ تنهن وانگي جنهن ماڻهوءَ کي اصل کان بڇڙي عادت هوندي، سو سيکارڻ سان ڇڏيندو ڇا؟ جهڙو هنديءَ واري چيو آهي:

جو جانڪو پڙيو سڀاءُ جاوي جيءَ سون، جا جنهن جي عادت هوندي سا ساهه سان ويندي؛
نيم نه ميٺي هوءِ سنچ گڙ گيهه سون. گڙ ۽ گيهه سان گڏ، ته به نم مٺي نه ٿئي.

### ۳۶۰ - ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.

ڪتي جو ڪاج سدائين جوٺ آٺ ۽ هڏو ڳڏو آهي، تنهن کي ڪٽڪ جي ماني جا اُچو ڪاج آهي ڪارائبي: ته ڇا سدرندو. تنهن وانگي ڪميڻو ماڻهو سدائين ڦٽ لعنت سان سمجهندو هوندو، سو شابس چوڻ مان ڇا سمجهندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:
هڪڙو حاڪم پنهنجي پڪاليءَ جي ڇوڪريءَ تي عاشق ٿيو، تنهن جي سڱ لاءِ پڪاليءَ کي گهڻو ئي ناٽو باسيائين ۽ گهڻي منت ميڙ ڪيائين، پر مهاڻي يعني پڪاليءَ سڱ ڏيڻ نه باسيو: تنهنڪري ڏک پرجي موڙه سوڙه ڪري وينو. اها ڳالهه سندس هڪڙي صوبي ٻڌي، تنهن مهاڻي کي گهرائي ڏاڙهيءَ مان جهلي پنج ست موچڙا هنيا. مهاڻي پڇيو، ڙي سائين چو ٿو ماريم؟ ڇي ڙي ليڙيءَ منهنجو حاڪم تو ڪان سڱ ٿو گهري، تنهن کي چو نٿو ڏين؟ مهاڻي چيو، اڙي سائين اُن ڪو تو وانگي سمجهائي به چيو هو! هاڻي تو سمجهايو آهي، تڏهن جيءُ ڏيان، نچ ڏيان. هاڻي ڏسڻ گهرجي ته پهاڪي واري سچ چيو آهي نه؟

### ۳۶۱ - ڪالهوٽي ڪالهه گئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو، جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.

راهه يعني اَن جو ڍڳ، جنهن ان جي ڍڳ مان ماڻ سان مئجي نڪرندو، سو ڇا جهليندو؟ نيٺ کپي ويندو. تنهن وانگي دنيا ۾ جيوت جا ڏهاڙا جنهن مان ڏهاڙي هڪڙو ڏهاڙو نبرندو ويندو، سي ڇا جهليندا؟ جهڙو ڦُٽَل دلي جو پاڻي ٽمندي ٽمندي کپي رهي.

### ۳۶۲ - ڪنيءَ رن جا ٻار، تورا تيئن ڇڱا.

هن پهاڪي جو بنياد هي آهي، جو هڪڙي عورت پوڙهيءَ، سچيءَ ۽ بيمار کي ٻار گهڻا هئا، تن مان هڪڙو مري پيو، ۽ رن پٽڻ لڳي: اهو حال ڏسي پاڙوسي هڪڙو ڪلڻ لڳو. فقير هڪڙي اُن پاڙوسيءَ کي چيو، جو هن کي مرڻو، توکي ڪل؟ تنهن کي پاڙوسيءَ هي پهاڪو چئي سٽايو. پر مطلب هي آهي جو ڪني وهنوار ۾ هٿ جيئن ٿورو تيئن ڇڱو: بلڪ نه هئي ته هيڪاري ڇڱو.

### ۳۶۳ - ڪري سو پائي، فقير ڪند ڪائي.

هي پهاڪي جي پوئين سٽ رڳي خوش طبعيءَ لاءِ آئي آهي: مگر پهرينءَ جو مطلب هي آهي، جو جهڙا ڪم ڪندو سو تهڙو ڦل پائيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

هر ڪسي آن دِرَ وَد عاقبت ڪار، ڪہ ڪِشت. نيٽ سيڪو اُهو لڻندو جيڪي پوکيائين.

### ٣٦٤ - کهي سا رهي، بولي پاروچن جي.

هن پهاڪي وارو رڳو سچارن مڙسن جي ڳالھ جي سچائي ڏيکاري ٿو، جو سچار ماڻهوءَ جي وات مان ڳالھ نڪتي تہ جاڻ تي، وري ڦري نہ . فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

سخن مردان جان دارد. مڙسن جي ڳالھ ۾ ساھ آهي.

### ٣٦٥ - ڪوسا ناوي، ٿڌا ڪاوي، تہ ويج پاس نہ جاوي.

سياڻا ماڻهو ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ، ۽ ناري ڪاچ ڪائڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا آهن: ۽ چون تہ جيڪو اها هلت ڪندو: تنهن کي گهڻو ڪري اگهائيءَ جو ڏپ يا طبيب جي ڪاڻ نہ رهندي. بعضي يوناني طبيب ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ بابت هي لطيفو چوندا آهن، جو مئل ماڻهوءَ کي ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجارن ٿا، سو جيءُ نہ ٿو پوي، تنهن جو عجب آهي: يعني ڪوسي پاڻيءَ سان وهنجڻ ۾ اهڙي پلائي آهي. تنهن ڪان سواءِ نندپڻ جي ڏهاڙن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪڙو مهتو تاراچند سيوهاڻي ڏٺو هوم، جو هميشھ ڪاچ تمام ناري ڪائيندو هو ۽ سنان پڻ ڪوسي پاڻيءَ سان ڪندڙ هو. تن ڏهاڙن ۾ اٽڪل پنجاسي (٨٥) ورهين جي جمار هيس، تہ بہ اکين جو سهائو اهڙو هوس، جو رات جو بنا عينڪ لکندو ۽ ڏندن سان پڳڙن جهڙيون شيون چٻي ويندو هو. تڏهن پايان ٿو جو پهاڪي واري سچ چيو آهي.

### ٣٦٦ - ڪر چڱائي جٽ سان، تہ ڦيري هٽيئي پٽ سان.

جٽ يعني جهنگلي، پر هت لچ جي شان ۾ آيو آهي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو لچ سان گهڻو ئي ڪو پلائي ڪري، تہ بہ نيٺ منجهانس برائي پرائي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

اگر عمري نوازي سفلهٔ را، جيڪڏهن سڄي جمار لچ کي پالين،
بہ ڪمتر چيزي آيد با تو در جنگ. توريءَ شيءَ تان توسان وڙهندو.

### ٣٦٧ - ڪنڌيون پار، ڦنڌارون پار.

ڪنڌيان پار يعني نديءَ جي هن پر، يا پت جي ٻئي پاسي، ڦنڌاران پار يعني ڦنڌار ڪان پري. مطلب پهاڪي جو هي آهي، تہ جو ماڻهو دل ڪان پري آهي، سو پري آهي: ۽ دل کي ويجهو سو ويجهو. فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

دوران با خبر در حضور: نزديڪان بي بصر دور. پراهان خبر سان ويجها، ويجها اڻ ڏنا پري.

### ٣٦٨ - ڪچيءَ ڪنا نہ وريا، پڪيءَ چا ورندا.

هن پهاڪي جي معنيٰ هي آهي، جو مٽيءَ جو ٻاسڻ جاسين ڪچو آهي، تاسين سندس ڪنن جو وارڻ ڦيرڻ ڪنير جي وس آهي: پر پڪي ڪان پوءِ وري نہ سگهن. تنهن وانگي جو ماڻهو نندپڻ ۾ علم يا ادب جي ترتيب سان نہ سڌريو، سو وڏتڻ ۾ اهڙو سڌرندو، جهڙو ٻيو طوطو پڙهي.

### ٣٦٩ - ڪک هيٺ لک پيو آهي.

هن پهاڪي جو مطلب اهو نہ آهي، جو پڪ سڀ ڪنهن ڪک هيٺ اهڙو مال رکيو آهي؛ مگر ڏٽيءَ جي وڏائي ڏيکاري ٿو، جو هن جي ڳجهہ جي ڪل ڪنهن کي ڪا نہ آهي. فارسيءَ واري پڻ اهڙو پهاڪو چيو آهي.

هر بيشه گمان مبر ڪہ خالي است، | سيڪو ٻُوڙو مَڃاڻ تہ نلهو هوندو،
شايد ڪہ پلنگ خفتہ باشد. | جو متان منجهس چيتو سُتو هئي.

### ٣٧٠ - ڪؤڙو ڪائجي، مٺي جي لالچ تي.

مطلب هي آهي جو جڏهن ڪنهن مان ڪم ڪڍڻو پوي؛ تڏهن ڪؤڙو ڳالهڙ ٻڌي بہ ماٺ ڪري ڪم ڪڍي ونجي ٿو؛ نہ تہ جيڪر ڪير ڪنهن جو ويڻ سهي؟ جهڙو هنديءَ وارو چوي ٿو:

بن سوارٿ ڪئسي ڪو اوڪڙ وي بَين؟ | پنهنجي مطلب بنا ڪير ڪؤڙا ڳالهوَ سهي؟
لات کان پُچڪار ئي جيون دو ڌارو ڏين. | جئن ڏنار لت کائي بہ ڳئون بچڪاري ڏُهي.

### ٣٧١ - ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شُتريا گهول پتاشا پيوي.

شُتريا هڪڙي فقيرن جي ذات آهي، جي هميشهہ بي پرواهہ ۽ خوش طبع رهن؛ گهول پتاشا پيوي؛ يعني شربت جوڙي پيئي. پهاڪي جو مطلب هي آهي، جو جيڪي فقير ڏٽيءَ جا ڳولا ۽ دنيا کان ڇڳل آهن، تن کي ڪنهن جي پلي يا ٻري سان ڪو واسطو نہ آهي؛ سدائين رنگ ۾ رتا وتن. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

ما در دو جهان غير خدا يار نداريم؛ | ڏٽيءَ ڏاران ٻن جهانن ۾ ڪو يار نہ رکون؛
جز ياد خدا با دگران ڪار نداريم؛ | ڏٽيءَ جي يادگيريءَ ٻنان ٻين سان ڪم نہ رکون.

۽ نمبر ٤٣٢ واري پهاڪي ۾ پڻ اهڙي پچار هلي آهي.

### ٣٧٢ - ڪجريءَ جو يار، ٻهريءَ جو شڪار، سدا خوار.

ٻهري، باز جي ذات ۾ هڪڙو شڪاري پکي آهي، جو ڪونجن جو شڪار ڪري ۽ شڪار جي وقت پاڻ ڪونج لاءِ اپ ۾ ٻوڙي، ۽ سندس ڏٽي منجهس ڌيان رکي نهاريندو، ڏرتيءَ تي پنس ٻوڪندو وڃي؛ تنهنڪري ان شڪار واري ماڻهوءَ کي ڪڏ ڪوٻي ۾ ڪرڻ جهرڻ جو ڊپ رهي. مطلب، جو شڪار هڪڙو چشڪي جهڙو ڪم آهي، پر سياڻا ماڻهو جوکي جي سانگي جي اهڙي سواد کان پڻ روڪين. تنهن وانگي ڪجريءَ جي صحبت جو گهاتو جو پڏرو آهي، سو پڻ ويچار وارن کي نہ وٽي.

### ٣٧٣ - ڪشيي نہ ڪمان، پڙيئي نہ ضمان، ٽپيئي نہ ڪوهہ، رهيئي نہ جوا.

١. سينگ تاڻڻ مان هي گهاتو آهي، جو ڇُٽل تير وري نہ موٽي، جهڙو وات مان نڪتل ڳالهہ وات ۾ نہ اچي؛ يا جهڙو ڏڌل کير ٿڻن ۾ پوي.

٢. ضامن پوڻ مان هي تاوڻ آهي، جو گهٽا پرڪا ضامنن کي تاوڻ پريندو ڏنو ٻڌو آهي.

٣. ڪوهہ ٽپڻ ۾ هي ڊپ آهي، جو پير ترڪيو، تہ سر جو جوکو.

۴. جوا ڪيڏڻ جو گهاٽو ۽ گلا جهان ۾ پڌرا آهن.
تنهنڪري سياڻا ماڻهو انهن چئن ڪمن کان منع ڪندا آهن.

۳۷۴ - ڪميٽو ڪپڙا ڪري ڏسي پنهنجو ڏيل، ڏسي پنهنجي ڏيل کي ڊوڙائي دليل، تہ مون جهڙو ملڪن ۾ آهي قدر قليل: اڳيان گڏيس اصيل، تڏهن وايون ويس وسري.

ڪي ڪي ڪميٽا ماڻهو پنهنجي توريءَ موڙيءَ کي گهڻو جاٽي ٺٺ ڪن، پر اشرافن يا پاڳوانن جي اڳيان اُها ٺٺ ڦڪي لڳين. تن جي شان ۾ هي پهاڪو بيت تي آيو آهي: تنهن لاءِ هڪڙو مثل ياد آيو اٿم.

هڪڙو بادو نالي ڪوري غريب ماڻهو هو، ۽ عيد جي ڏهاڙي پنهنجي غريبيءَ آهر ڪپڙا ڪيائين، اُن ڪپڙن کي ڏسي ٽيڱرجي پاڻ کي چوڻ لڳو: "جيءُ ڙي بادا جيءُ." پر جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ڏٺائين جو وڏا وڏا ماڻهو زري زربفت جا ڪپڙا ڍڪيو عيد پڙهڻ ٿا وڃن، تڏهن پنهنجي پوشاڪ کي ساڌو جاڻي شرمندو ٿي وري پاڻ کي چوڻ لڳو: "ڏين ڙي بادا ڏين". مطلب جو هن ماڻهوءَ کي جڏهن ڏٺيءَ عقل ڏنو آهي، تڏهن پنهنجي ڳوڏ ۾ پاڻ منهن پائي ويچار ڪري پنهنجي ۽ ٻئي جي دولت ۽ مان کي ۽ وڏائيءَ کي تڪي هلت ڪري، تہ جيڪر نيٺ نہ پڇتائي.

۳۷۵ - ڪاٽي وسوڙي، چي مڙسم ويو اک ڪي.

واهہ مائي ڪاٽي ٻائي، مڙسئين اک وني تو اچي. هي پهاڪو پورڙن ماڻهن جي ويساهہ جي پل ڏيکاري ٿو، جو ڪاٽي وسهي تہ مڙسس اک وني تو اچي: نہ تہ سچ پچ ڪو ماڻهو ڪٿان آٽيندو.
تنهن تي هڪڙي ڳالهہ آئي اٿم:

## ڳالهہ

جڏهن نوشهري ۾ مختيارڪار هوس، تڏهن ساڌوءَ نالي هندو جنهن جو پٽ ناجوڙ ٿيو، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب يا يوناني طبيب جي دوا ڪرڻ لاءِ گهڻو چيم، پر هن چيو جو هڪڙا بہ چٽا سن ساوڙيءَ جي ڳوٺ مان آيا آهن، جي چون ٿا تہ جِنَ سندن مجتا ۾ آهن. تن کي گهرائي چوڪر چٽائيندا سون. ان ڪوڙي دلبي تي نہ لڳڻ لاءِ هن کي گهڻو سمجهايم، پر نہ سمجهيو: ۽ هن پهاڪي واريءَ ڪاٽيءَ وانگي اُڻ جي دلاسي لڳي سندن هيٺ خرچ پڻ ڪيائين ۽ بيماري جي دوا ڪان بہ ماٺ ۾ رهيو، ايتري ۾ مرض دوا ڪرڻ کان ڏاڍو ٿي ويو، نيٺ ويچارو بيمار ڪين چٽو.
حاصل ڳالهہ جو اڻ ٿيڻ جهڙيءَ ڳالهہ تي وسهڻ سياڻپ سان وير وجهڻ آهي.

۳۷٦ - ڪم قُوَت، آڪڙ بهت، مار ڪاوڻ کي نشاني.

هن پهاڪي جي اڪري معنيٰ پڌري آهي: مگر سندس چوڻ وارو سمجهائي ٿو تہ پاٽان ڏاڍي سان جو وڙهندو سو پاڻ مارائيندو. تنهن تي فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| هر ڪہ با فولاد بازو پنجہ ڪرد: | جنهن رڪ جي ٻانهن واري سان هٿ اڙايو، |
| ساعد سيمين خود را رنجہ ڪرد. | روپين ڪرائين پنهنجن کي ڏکوياين. |

۳۷۷ - ڪوڙ جمار جي ڪتر آهي.

جيتوڙي تہ هن پهاڪي مان پڌرو نڪري ٿو، جو ڪوڙ ڳالهائيندڙ جي چمار ڪترجي گهٽ ٿي ٿئي، پر فارسي لطيفہ:

گر روي در دهان شير و پلنگ، جيڪڏهن شينهن ۽ چيتي جي وات ۾ وڃي،
نہ خورندت، مگر بروز اجل. نہ کائيندءِ، مگر مرڻ جي ڏهاڙي.

جڏهن انهيءَ لطيفي تي ئي نظر ڪجي، تڏهن چاٽجي ٿو جو چمار گهٽ وڌ ٿيڻ جي نہ آهي. مگر سندس مطلب هي آهي جو ڪوڙ ماڻُ وجائيندڙ ۽ گلا ڏياريندڙ آهي. اهڙي بي ماني ۽ گلاري جيڻ کان مرڻ ڀلو آهي. جهڙو هنديءَ وارو چوي ٿو:

جو جڳ ۾ اپ ڪيرت هوءِ سٽ، جهان ۾ گلا ٿئي،
ميچ ڀلي ره يات جيئي تي. اهڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو.

## ٣٧٨ - ڪاٽيءَ جي وهانو ۾ سنگٽ بہ گهٽا.

سنگٽ، هي هندي اصطلاح جو لفظ آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو تارو يعني گرهہ ڪنهن اهڙيءَ راس ۾ ايندو آهي، جو هندن جي وهانو جي مُورت ۾ حرڪت ٿي پوي، اهڙيءَ حرڪت جو نالو سنگٽ آهي. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو ڪاٽي عورت جا وڏ واري آهي، تنهن کي گهوٽ ملڻ اهنجو، باقي وهانو ۾ سنگٽ پيس، تہ روليءَ ۾ رولو ٿيو. پر مطلب هي آهي، جو نياڳو ماڻهو ڪنهن ڪم لاءِ توڙي گهٽو بہ ڊوڙندو، تہ بہ سندس ڪم مان هڪڙي نہ بي حرڪت ڪين ويندي.

## ٣٧٩ - ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، بَلدُ مري، يا ٽوٽا پڙي.

ڪرم هيڻ يعني نياڳو، بلد يعني ڍڳو، ٽوٽو يعني گاٽهو، پهاڪي جي لفظن جي معنيٰ پڌري آهي جا سيڪو چاٽي ٿو: مگر مطلب هي آهي، جو نياڳو ماڻهو واڌيءَ واري ڪم ۾ هٿ وجهندو، تہ بہ گهاٽو پائيندو. مثلاً جاڏي ويندو، تاڏي واڌُو نہ ڏسندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

بي بخت اگر تشنهہ رود بر سر چاهي، نياڳو اُجايل جيڪڏهن کوهہ تي وڃي،
يا دَلُو فرو افتد، يا خشڪ بر آيد. يا ٻوڪو ڪري پوي، يا کوهہ سڪي رهي.

## ٣٨٠ - ڪتي جو ڪارو منهن، رب اوتري جي اوتري.

پهاڪي جي پيڙهہ هن ريت آهي، جو هڪڙي غريب رب جو ڪنو رڌي رکيو، تنهن ۾ ڪتي اچي ٻوت وڌو، پر رب کائڻ کان اڳي مالڪ هڪلي ڇڏيو ۽ ڏنائين جو ڪتي رب کا نہ ڪاڌي. رڳو ڪنو نوسيائين ۽ ڪني جي ڪارنهن منهن کي لڳس، تڏهن ڪني جي ڏٽيءَ ڪلي هي پهاڪو چيو. پر مطلب پهاڪي جو هيءُ آهي، جو ٻن يارن جي وچ ۾ هڪڙو چيٽا-يور پئجي هڪڙي جي ٻئي وٽ گلا ڪري- ڏُقيڙ وجهي: پر جڏهن هو ٻئي جٽا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري ٻڌي لائيءَ چائيءَ واري جي ڳالهہ کي ڳڏهہ جي هينگ جهڙو جاڻي پاڻ ۾ ڪير ڪند ٿين، تڏهن اُن ٻچاڙي جي واسطي هي پهاڪو چوڻ ۾ اچي.

## ٣٨١ - ڪڏهن ماتي مٽ تي، ڪڏهن ماتيءَ مٿان مٽ.

ماتي، اُهو ماڻهو، جو پلن جي مند ۾ پيٽ پر مٽ تي چڙهي پلا ماري: مٽ، اُهو نڪر جو مٽ، جنهن تي اُهو مهاڻو چڙهي.

معنيٰ پهاڪي جي هي آهي، جو پهريائين اُهو مهاٽو مٽ تي چڙهي لاهوارو تي پلا مارينڊو درياءَ ۾ وجي؛ ڳچ پنڌ ڪان پوءِ وري سُڪيءَ تي نڪري اُهو ساڳيو مٽ مٿي تي ڪٽي، ڪپ وٺي اوپارو وجي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو ڏٽيءَ جي وڏائيءَ جو نشان ٿو ڏيکاري. جهڙيءَ طرح ڪڏهن پٽ پيءُ جو تليڊؤ، ڪڏهن پيءُ پٽ جو محتاج؛ ۽ گهڻا پيرا ڏٺو پڌو ويو آهي، جو سرڪاري نوڪريءَ ۾ هڪڙو ٻئي جي هٿ هيٺ رهيو آهي، ۽ سمي پائي ڏٽيءَ جي ڏڳي سان هٿ هيٺ وارو بالادست تي ويو آهي، ۽ اُهو بالادست اُن ساڳئي جو تليڊو تي رهيو آهي.

## ٣٨٢ - ڪتو ٻـ ڪاڏو، ڪک ٻـ نـ پري.

ڪُک هڪڙي پيٽ جي پر ۾ پاسريءَ جي هيٺيان عضوو آهي؛ پر هت مراد سنديس پيٽ آهي. مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو هڪڙو ماڻهو بک مرندي چوري، يا نڳي يا ڪا ٻي ڪپٽ جهڙي هاڃ ڪري، سا ڦبيس تـ نـ، پر مورڳو جهلجي پوي، تـ مٿس هي پهاڪو لاڳو ٿئي.

## ٣٨٣ - ڪني آڱر وڍي ڇڱي.

هڪڙيءَ آڱر ۾ ڪنهن ڪي اهڙو ڦٽ ٿئي، جو پاڻ تـ ڇٽڻ جهڙو نـ هئي، پر ٻين آڱرين ڪي ڪارڻ جهڙو هجي، تـ اهڙيءَ آڱر کي وڍائڻ ڇڱو آهي. تنهن وانگي جڏهن ڪنهن لچ، يا ڪپتئي ماڻهوءَ سان ڏنڌو اڙي، جنهن مان واڌو واڌيءَ جي ماڳ، پر مورڳو گهاٽي جو ڊپ هئي، تڏهن اُهو ڏنڌو ابوجي پائي ٻـ ڇني ڇڏجي.

## ٣٨٤ - ڪوڙي سڄڻ ڪان سچو ويري ٻـ ڇڱو.

جيتوڙي هي پهاڪي وارو سچي ماڻهوءَ جو ويرپو ڏٽي ٿو، جو وير ڪنهن جو ٻـ ڇڱو نـ آهي، پر مطلب سندس چا آهي، جو ڪوڙي ڪان مُدل پيچي ٿو، ۽ سچي کي ساراهي ٿو.

## ٣٨٥ - ڪٽي چور سڄا، ڪٽي ڊور سڄا.

لفظن جي معنيٰ هيءَ آهي، جو ڪاٽي چور وٽن چوريءَ لاءِ ڊور ڳوليندا، تـ هٿ ڪو نـ لڳين؛ ڪاٽي ڊور وٽن سڄا چرندا، تـ چور ڪو نـ ڏسين. پر مطلب هي آهي، جو هي پهاڪو ڏٽيءَ جي بيپروائي ڏيکاري ٿو، جو ڪاٽي ڪهڙو رنگ، ڪاٽي ڪهڙو روپ جوڙيو اٿس. تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

مير غلام علي خان صاحب بهادر اڳوٽو حاڪم سنڌ جو هڪڙي ڏهاڙي ڪچهريءَ ۾ وينو هو ۽ اڳيانس چلمچي سوني رکي هئي تنهن ۾ ٽڪ اچلايائين، اها حال ڏسي بروچ هڪڙي چلمچيءَ کي سلام ڪري چيو، ”واه ميان سون، ڪاٽي بروچاڻيءَ جي نڪ ۾ نٿ ٻـ نـ نهي، ڪاٽي تـ تڪون پيو جهلين“.

## ٣٨٦ - ڪنهن جو اڳهي ڪوڙ، ڪنهن جو سچ ٻـ سُهمن ڳاڏئون؛ ڪنهن جي ماني ڪري نـ مور ڪنهن جا ٽڪر ٻـ ٽيٽان ڪري.

سُهمون يعني چڙٻون، ٽڪر يعني مانيءَ پور.

هي پهاڪو پڻ ڏٺيءَ جي وڏائيءَ جو اُهڃاڻ تو ڏيکاري: جو جڏهن ڏٺي مهربان آهي، تڏهن ڪوڙ به تو اگهي: نه ته سچ به ملھ-چور ٿيو پوي. پر مطلب هي آهي، جو ڪٿي ڪٿي ڏنو ٻڌو ويو آهي، جو ڏڏ ڀاڳوان، ۽ سياڻو نڀاڳو. تنهن تي فارسي بيت پڻ آيو آهي:

اوفتاده است در جهان بسيار، جهان ۾ گهڻا پيا آهن،
بي تميز ارجمند، و عاقل خوار. اجاڻ پيارو، ۽ سياڻو خوار.

٣٨٧ - ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾: واريءَ سندو ڪوٽ، اَڏيو اڏبو ڪيترو.

مطلب پهاڪي جو هي آهي، جو جيوت جا ڏهاڙا ٿورا آهن، سي واريءَ جي ڪوٽ وانگر ڪين جهليندا، نيٺ مرڻو ئي آهي. تنهن تي بابا نانڪ صاحب جو وچن پڻ آهي:

ڪَهُ نانڪ ترُ ڪڇ نهين، سپني جيون سنسار. ٻائو صاحب تو فرمائي ته سپني جهڙو جهان رهڻ جو نه آهي.

٣٨٨ - ڪانياري ٻلي ڪوئي جي جوءِ.

ڪانياري، يعني ڪاڻ يا گهرج واري: جيتوڻي ته ڪوئو ٻليءَ جو شڪار آهي، پر پهاڪي وارو چوي ٿو جو گهرج وارو ماڻهو توڻي ڏاڍو ئي هوندو ته به ڏبندو ئي رهندو. جهڙو فارسيءَ وارو چوندو آهي:

آنچ شيران را کند روبه مزاج، جيڪي شينهن کي ڦيڪاريءَ جهڙو ڪري،
احتياج و احتياج و احتياج. گهرج ۽ گهرج ۽ گهرج.

٣٨٩ - ڪک جو چور، سو لک جو چور.

هن پهاڪي مان ٻيو نرالو مطلب ڪو نه ٿو نڪري، مگر ايترو آهي ته جو ماڻهو هڪڙي ڀيري ٿوريءَ چوريءَ تي به هريو، سو ٻيهر گهڻي چوري ڪندي پڻ ويرم نه ڪندو.

٣٩٠ - ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٿوڙهي سان ٿپائجي، ساڌو ۽ سپاٽ، وهارجي وچ ۾.

ڪپاٽ يعني نالائق ماڻهو، ٿوڙهو يعني نوڙي، ساڌو يعني اشراف، سپاٽ يعني لائق ماڻهو، وهارجي وچ ۾، هي اصطلاحي لفظ آهي، يعني آبرو ڏجيس. هي پهاڪي وارو ايترو سمجهائي ٿو، جو لچ کي آدر نه ڏي ۽ اشراف کي پيار ڏي، ۽ ساڻس پريت رک. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

با بدان بدباش، با نيکان نکو، ٻچڙن سان ٻچڙو رهه، ۽ چڱن سان چڱو:
جاءِ گل گل باش، جاءِ خار خار. گل هنڌ گل ٿي، ڪنڊي هنڌ ڪنڊو.

٣٩١ - ڪٽڪ ڪدي ٻهه کي باهه ڏي.

هن پهاڪي مان سنساريءَ ماڻهوءَ لاءِ هي مطلب نڪري ٿو، جو دنيا ۾ ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جن ۾ گهڻا اوڳڻ آهن، پر منجهن ڪي ڳڻ ڪم اچڻ جهڙا پڻ آهن. تڏهن سياڻو ماڻهو اُن جي اوڳڻن ڏي نه نهاري ۽ ڳڻن کي اُپري وٺي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

بود خار با گل هم اي هوشمند، اي سياڻا گل ۽ ڪنڊو گڏ ٿا رهن،

چہ در بند خاري؟ تو گلدستہ بند. ڪنديُ جو فڪر ڇو تو ڪرين؟ گلدستو جوڙ.

۽ درويش لاءِ مطلب هي آهي، جو دنيا مان هڪڙو پاڪ ڏٽيءَ جو نالو هٿ ڪري ٻين ڏنڌن کي ڪٽي ڇڏي. تنهن لاءِ پڻ فارسيءَ واري چيو آهي:

خلاف طريقت بود ڪہ اوليا، درويش کي هي طريقت کان اُبتڙ آهي،

تمنا ڪند جز خدا از خدا. جو ڏٽيءَ کان ڏٽيءَ ڏاران ٻيو گهري.

## ٣٩٢ - ڪوري پلوين نہ پائجي.

ڪوري يعني نئين گندي، چادر، يا ڌوتي، يا ٻيو اهڙو ڪپڙو گهٽو ڪري وچ کان سگهو پراٽو ٿئي: پلوين يعني پاسن کان چرڪو. جڏهن ماٺهو وچ پراٽو ڏسن، تڏهن پَلَو ڳنڍي وچ کان ڦاڙن. تنهن کي اصطلاح ۾ چون پلوين پائڻ، پر اهو ڪم پراٽيءَ گنديءَ لاءِ آهي. ڪوريءَ گنديءَ کي پلوين ڪو نہ پائي: پر جيڪڏهن ڪو ماٺهو ان ريت ڪري تہ جيڪر پاڻ تان ماٺهو کلائي. جهڙوڪ هڪڙو ماٺهو واٽ ويندي جاٽي، جو کوهہ پنڌ کان پوءِ واهہ جو پاٽي لنگهٽو آهي، ۽ اڳوار ڪپڙا لاهي مٿي تي ٻڌي، يا هڪڙو ماٺهو چڱو ڀلو هئي، ۽ ٻيو جاٽي جو هي نيٺ مرندو، تنهن لاءِ ڪفن وٺي اچي. اهڙين ڳالهين کان پهاڪي وارو منع تو ڪري: سنديس مراد هيءَ آهي، جو سيڪنهن ڳالهہ جو مهل کان اڳي اُلڪو ڪرڻ نہ گهرجي.

## ٣٩٣ - ڪوري ڪَڌَ ڪٽي، پر پاڻ پوي.

ڪوري ماٺهو هڪڙي ڪَڌ ڪٽڻ: جنهن ۾ اُٺڻ مهل جنگهون وجهي ويهي اُٺن، جنهن ڪَڌ کي ڏَڳُڻُ ڪري چوندا آهن. پهاڪي جو مطلب، جيڪو ماٺهو ٻئي جي برائيءَ لاءِ جوڙجڪ ڪندو آهي، سو ڪر پاڻ لاءِ تو ڪري: تنهن جي سمجهائڻ لاءِ فريد صاحب وچن فرمايو آهي:

جو تيري ڪَڌ ڪٽي تون اُسدي راهہ سنوار؛ جو تولاءِ ڪَڌ ڪوٽي تون ان جي واٽ جوڙ؛

اوہ آپي پوسين ڪَڌ وچ تون لنگهي پوسين پار. هو پاڻ ڪَڌ ۾ پوندو تون پار لنگهي پوندين.

## ٣٩٤ - ڪم پوي، ڪل پوي.

ڪل يعني سُڌ، اندر ٻاهرو ماٺهو ويس چڱو ڪري، جنهن ڪري چڱو مڙس جاٽجي، پر سندس اندر جا وسلا تڏهن سمجهي سگهجن، جڏهن ساٿس ڪو ڏنتو اڙي. تنهن تي شاهہ عبداللطيف پڻ فرمايو آهي:

يار سڏائي سيڪو جاني زباني،
آهي آساني، پر ڪم پئي ڪل پوي.

## ٣٩٥ - ڪُوڙي جي ڳالهہ ڪُڏ جي ٻوڙ.

جهڙيءَ طرح هڪڙو ماٺهو ڪُڏ تي چڙهي ٻوڙ پائي، پر جڏهن ڪُڏُ پورو ٿئي تڏهن ڪاڏي ويندو. جائي مُنجهي ٻيهي رهندو. تنهن وانگي جو ماٺهو ڪوڙي ڳالهہ ڪندو، ۽ اُها ڳالهہ پوري نہ لڳندي، تہ ڪُڏ جي ڌُڪڻ وانگي ڦڪو تي ٻيهندو ڪ نہ؟ مراد هيءَ آهي، جو ڪوڙ جي پاڙ نڪريءَ تي آهي.

### ٣٩٦ - ڪنگر ۾ ڪڪڙا، پڙي مبارڪ.

ڪڪڙا يعني ڪپهه جو ٻج، هڪڙو هاري وونئڻ پوکڻ لاءِ ڪڪڙا ڪنگر ۾ پسائي رکي، جوٽس رت ڪري جو وونئڻ ٿيندا، تن جي ڪپهه ڪتي ڪپڙو اُٽائي: پڙو رڱائي ڍڪيندس: تنهن تي اڳوار واڌايون ورائي، تنهن کي اڳ ڪتي ڳالهه چئجي. جهڙيءَ ريت ڪو ماڻهو دل ۾ ڳڻي، جو ٻه چار ڍاڪڙا پورهيو ڪري رپيو گڏ ڪنديس: تنهن مان ٻڪري وٺندس، اها ويامي گهٽيون ٿينديون: سي وڪڻي ڍڳي ڳنهندس، جڏهن ڍڳي ويامي گهٽيون ٿينديون، تڏهن اُٺ. ان ريت وهئين ٿيڻ جو سوس رکي، پر اهو رڳو اجايو حرص آهي، جو سنجم يعني قناعت بنا پورو ٿيڻ جو نه آهي. جهڙو فارسي بيت آهي:

رَوده تنگ بہ یک نان تِهي پُر گردد؛
دولت روءِ زمین پر نکند دیده تنگ.

آنڊو سوڙهو هڪڙيءَ رُڪيءَ روٽيءَ سان پرجي،
سڄي جهان جو ناڻو سوڙهيءَ اک کي نه پري.

### ٣٩٧ - ڪيي ڪاڏارا، ڏئي اُڌارا.

ڪيي ڪاڏارا، يعني وٺي وياجيرو: مطلب هي آهي، ته جو ماڻهو هڪڙي هنڌان وياج تي ناڻو وٺي، ٻئي هنڌ وري وياج تي اُڌارو ڏيندو، اهڙي اجاڻ جو جهڳو ڪمُنو ٿيندو ڪ نه؟

### ٣٩٨ - ڪم پرين سيڪو آهي، چم پرين ڪو نه آهي.

ڪم ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي سيڪو پسند ڪري، چم کي يعني رڳي مهانڊي کي ڪو نه پيارو رکي. جهڙيءَ ريت هڪڙو ماڻهو مهانڊي جو ٻڇڙو ۽ لڇڻن جو چڱو ڪم سنواريندڙ هئي، ته جيڪر سڀ کي وڻي: پر جيڪڏهن مهانڊي جو سهڻو، رڳو ڏسڻ جو ٺوهه ۽ نڪمو هوندو، ته ڪنهن کي وڻندو؟ تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

محمود شاهه غزنويءَ کان پڇيائون، جو اياز جو مهانڊو ٻڇڙو آهي، تنهن تي ڇو عاشق ٿيو آهين؟ تن کي هي فارسي بيت ورنديءَ ۾ چيائين:

ڪ عشق من اي خواجہ بر خوءِ او است،
نہ بر قد بالاءِ نیکوءِ او است.

اي سائين منهنجو عشق ان جي لڇڻ تي آهي:
ان جي وڏي قد موچاري تي نه آهي.

### ٣٩٩ - ڪوسو پاڻي ڪک نه ساڙي.

هيءَ ڳالهه پڌري آهي، جو پاڻي ڪهڙو به ڪوسو هئي ته به منجهس ڪک ڪين سڙن: ڇا ڪان جو ڪک پاڻيءَ جا نپايل آهن، سو پنهنجي پاليل جو مَنو نٿو ڳهري. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

چوب را آب فرومي نبرد، حکمت چیست؟
شرم دارد ز فرو بردن پرورده خویش.

ڪاٺ کي پاڻي نٿو ٻوڙي، ڪهڙي حڪمت آهي؟
پنهنجي نپايل کي ٻوڙڻ لڄ ٿي ٿئيس.

پر هڪڙي ڳالهه ٻي پڻ چڱي آهي، جو ڪک پاڻ کي سڀ کان هيٺو چوايو آهي، تنهن ڪري ڪوسو پاڻي نٿو ساڙيس. تنهن وانگي درويش پڻ پاڻ کي نماڻو ٿا ڄاڻن، تڏهن سنسار جي ڏنڊن ڏاڪڙن گوندرن کان ڇٽي وڏي پد کي پهچن ٿا. جهڙو فارسي بيت آهي:

طریقت جز این نیست درویش را،

اِن ڏاران درويش کي ڪا وات نه آهي

ڪ افگنده دارد تن خويش را. | جو ڪريل رکي پنهنجو پاڻ کي.

۽ تنهن کان سواءِ آڳاٽو هن ڏيهه ۾ شاهه عنايت هڪڙو ڪامل ٿي لنگهيو آهي، تنهن هڪڙي ڏهاڙي مدن پڳت پنهنجي سڄڻ کان پڇو، ته خدا جو در ڪيڏو آهي؟ چي اهڙو ننڍڙو آهي، جو جڏهن ڪو نِئڙي نِئڙي پنهنجو ڳاٽو پيچي، تڏهن مس منجهانس لنگهي. مطلب ته جنهن ڳاٽو نايو، يعني نئڙت ڪري هيٺو چوايو، سو پد کي پهتو. جهڙو شيخ سعديءَ جو چوڻ آهي:

در آن حضرت آنان گرفتند صدر، | اُن دربار ۾ اُنهن جاءِ پاتي،
ڪ خود را فروتر نهادند قدر. | جن پاڻ کي گهٽ قدر وارو ڄاتو.

## ۴۰۰ - ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟

يعني ڪوريءَ کان ترار هٽڻ نه پڄي: هن ريت، جو اڳوڻن حڪومتن ۾ سيڪو ائين ڄاڻندو هو ته ڪورين جي ڊڄڻي ذات آهي: تنهنڪري متن هي پهاڪو آيو آهي. پر مطلب هي آهي، جو ڳانڊوءَ ڪان مڙسيءَ جو ڪم ڪڏهن ڪين ٿيندو. تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ تياهڙو ڪم رکڻ پوري ڳالهه نه آهي. سياڻا چوندا آهن، ته ڳانڊوءَ مڙس کان همت وارو ڪدڙو به چڱو. جهڙو فارسي بيت آهي:

مخنث به از مرد شمشير زن، | ترار هٽڻ واري مڙس کان اُو ڪدڙو چڱو،
ڪ روز و غاسر نتابد چو زن. | جو جنگ جي ڏهاڙي زال گهاءِ متو نه موڙي.

## ۴۰۱ - ڪچي وزيران، ٿئي ٽُڙڪو نَڪر.

ٽڙڪو يعني اڻ وٽت، نَڪرُ يعني راجائون: جن راڄن ۾ وزير ڪچا هوندا، تاتي راجائن لاءِ پلو ڪٿان ٿيندو؟ تنهنڪري پهاڪي واري جي مراد هيءَ آهي، جو سياڻي ڏاران راڄ جي رٿ پَهَ جو ڪم ٻئي تي رکڻ نه گهرجي. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

بند اگر بشنوي، اي بادشاه! | اي راجا! جيڪڏهن اُپديش ٻڌين،
در همه دفتر به زين پند نيست: | سڄي دفتر ۾ هن کان واڌو اُپديش ناهي:
جز به خردمند مفرما عمل، | سياڻي ڏاران ٻئي تي ڪم نه رک،
گرچه عمل کار خود مند نيست. | جيتوڻي ته ڪم ڪرڻ سياڻي جو ڪم نه آهي.

# ڪ

## ۴۰۲ - ڪير جو ڪانيَلُ ڇهڻ کي ڦوڪي پِيئي.

هن پهاڪي جهڙي ڳالهه نمبر ۳۵۸ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي. اڪري معنيٰ سنديس ڏار آهي، جا سيڪو ڄاڻي ٿو: مگر مطلب ساڳيو اهو آهي. تنهنڪري ان لاءِ هڪڙو فارسي شاهد هيٺ ڏيان ٿو:

چو باري فتادي نگهدار پاي: | جڏهن هيڪر ڪِرئين تڏهن ٻيهر پير سنڀال،
ڪ تا بار ديگر نه لغزي ز جاي. | ته ٻيهر وري نه ترڪي پوين.

## ۴۰۳ - ڪاٽي ڪچڻي، اونڌو طباق.

هن پهاڪي جي پيڙهه هن ريت آهي، جو هڪڙو مڙس ٻُڪائجي گهر آيو: ڏٺائين جو زال گهر ۾ ڪا نه آهي، ۽ ڪچڻيءَ جو ڪنو چلهه تي، ۽ متس اونڌو طباق ٿيو رکيو آهي، سو لاهي ڏٺائين ته

ڪڇٽي ڪامي رهي هئي. ايتري ۾ جوٽس ٻاهران اچي پڇيس ته ڪي ڪاڏءِ؟ تنهن ڪي هي ڀاڪو ٻڌائي ڇيائين ته ڪِيان ڪڄاڙو؟ مطلب ته جا زال گهر جي ڪم ۾ گينوار رهندي، تنهن جي مڙس کي مهل تي ماني به نه ملندي.

## ۴۰۴ - ڪُتي ڏاڙهي هٿ نه اچي.

جيتوڻي هن پهاڪي جي اڪري معنيٰ ڏار آهي، پر سنڌيس مراد ساڳي نمبر ۳۵۹ واري پهاڪي واري آهي: تنهنڪري گهڻو بيان نٿو لکان، مگر ايترو بس ته جو ماڻهو جواڻي آرس ۾ وڃائي، ڏٽي ياد نه ڪندو، ۽ وڏتڻ ۾ سگهه نه رهنديس، تڏهن هي پهاڪو ياد ڪري ڪبير صاحب جو هيءُ وچن پڙهندو:

ڏُڏا ٽٽين نه آوهين، پر هوءِ نه ميل. ڏڏل ٻبن ۾ نه اچي، ۽ وري ملڻ نه ٿئي.

## ۴۰۵ - ڪيتي سِرَ سيتي.

هي پهاڪو نسورو پوڪ لاءِ چوي ٿو، ته پوک جو ڪم سِرَ سان لاڳو آهي، يعني جيڪو پنهنجي هٿ يا ميٿ ڏاران ڪندو، سو ڪتيو ڪين ڪائيندو. سا ڳالهه سچ آهي، جو گهڻا پيرا ڏنو ويو آهي ته جن ماڻهن ٻين جي آسري پوک جو ڪم ڇڏيو آهي، تن مورڳا هڙ جا هاريا آهن: پر ان ۾ منهنجو چوڻ هي آهي، جو مايا جو سڀ ڏنڌو پنهنجي هٿ يا نظر ڏاران ڪرڻ ڀاڻ لاءِ ڳهاٽي جو ڊپ پرائڻ آهي: تنهن لاءِ شاهوڪار ماڻهو هڪڙو مثل چوندا آهن، جو پنهنجي هٿ جو ڳهاٽو به پرائي هٿ جي واڌي ڪان چڱو.

## ۴۰٦ - ڪاڏي ڪي ڪامڻ، ڇاڙيون ڇاموٽن جون.

ڇاموٺُ، هڪڙيءَ سڪر ذات مسلمانن جو پريو مڙس. هن پهاڪي مان ٻيو ڏار مطلب ڪو نه ٿو نڪري، رڳو هي آهي، جو ڪن ذاتين جا ڇاموٽ وهانو وڏاڻي تي پنهنجي نياتن ۾ وڃن، ته اڳلا آڏر ڀاءُ ڪري ڪاڄ اُچو، يا منائي سرس ڏينڻ: پر جي ڪاٽي اوترو لوٽ لباس نه ٿئين، ته ڏک پرجن، تن جي لاءِ هي پهاڪو آيو آهي.

## ۴۰۷ - ڪُتو واٽيو ڪاڳر ساري.

واپاري ماڻهو جڏهن ڏيوالو ڪڍن، تڏهن لهڻي وارن کي جواب ڏيئي ڇڏين: مگر چپ چوچيءَ لاءِ پراڻا سراٽا ڪاڳر ويهي جاچن، ته مانَ ڪنهن ڏي پل چوڪ جي رقم نڪري، ته اُڳاڙي ونن، تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي، پر مطلب هي آهي، جو نڪمو ماڻهو گهڻو ڪري چپ جون واتون ڳولي.

## ۴۰۸ - ڪوهه جي مٽي ڪوهه کي لڳي.

جڏهن ڪو ڪوهه ڪڇي، تڏهن ڦهريائين جيڪا ڀاڏ جي مٽي منجهانس نڪري، سا ڏڙو ڪري ڇڏين، پر جڏهن ڪوهه جڙي رهي، تڏهن اُها مٽي ڪي رڇيءَ ۾ ، ڪي پڙ جي تلهي ۾ پوري تي اچي. تنهن وانگي جيڪا دولت جهان ۾ آهي، سا سڀ ڏٽيءَ جي آهي: تنهن مان جيڪو ڪي ڏٽيءَ جي نالي ڏئي تنهن کي گهرجي جو هئڻ جاٽي ته جنهن جو مال هو تنهن جي ڪم آيو. جهڙي ڪوهه جي مٽي ڪوهه کي. تنهن تي هنديءَ واري جو چوڻ آهي:

ميرا مُجھ ۾ ڪچ نهين سب ڪچ هي تيرا،
تيرا تجھ ڪُون سونپيئي ڪيا لاڳي ميرا.

مون ۾ منهنجو ڪين آهي، سيڪي تنهنجو آهي،
تنهنجو توکي ڏجي تنهن ۾ منهنجو ڇا ٿو لڳي.

تنهن جي لاءِ فارسيءَ وارو پڻ چوي ٿو:

برد بوستان بان بہ ايوان شاه،
بہ تحفہ ثمر هم زبستان شاه.

راجا وٽ آرائين ڪٽي وڃي؛
سوکڙيءَ لاءِ ميوو راجا جي ئي باغ مان.

## ۴۰۹ - ڪرُ ماٺهو وڻ بابرو بنهين ڏينهن ڪُتن.

کر ماٺهو يعني لچ ماٺهو، وڻ بابرو يعني ٻبر جو وڻ. پهاڪي وارو ان ٻنهي کي هڪجهڙو ڄاڻي ڳالا ٿو ڪري، هن ڪري جو کر ماٺهوءَ مان نيٺ ڪرائي ٿيندي، ۽ ٻبر مان اوڙڪ ڪندا لڳندا، تنهنڪري نہ هوندا چڱا.

## ۴۱۰ - ڪير ۾ مُوري وڃهي ٿو.

موري ڪير جي ويرياٽي آهي، جا ڪير ۾ پوي تہ وِسُلي وڃي. تنهن وانگي بچاپڙا ماٺهو هڪڙي هنڌان ٻڏي ٻئي هنڌ وڃي لائي ڇائي ڪن، جنهن مان ٻن جي وچ ۾ جهيڙو ڄاڳي. اهڙن لووا لائڻ وارن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. فارسيءَ وارو اهڙن جي سنگت ڪان پري رهڻ لاءِ بيت چوي ٿو:

ازان همنشين تاتواني گريز،
ڪ مرفته خفته را گفت خيز.

اهڙي سنگتيءَ ڪان جيڪي سگهين سو ڀڄ،
جو ستل جهيڙي کي چوي اُٿ.

## ۴۱۱ - ڪڏ چي جيءُ سَڏ.

اکرن جي معنيٰ هيءَ آهي، جو ڪڏ رکيل ناٹو اوير سوير سڏ تي سَڏُ ڏئي، يعني ڪم اچي، پر نجات مطلب هي آهي، جو ڇُوٽو جيڪي نصيب ۾ لکيل آهي سو کر ڪڏ جو رکيل ناٹو. يا ڳُنديءَ جو رکيل ان آهي، مهل سر هرويرو اچي ملندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

جهد رزق ارڪني وگر نہ ڪني،
برساند خداي عز و جل.

ڇُوٽي جي ڳولا ڪرين توڙي نہ ڪرين،
ڏٽي پاڪ تو کي پهچائيندو.

## ۴۱۲ - ڪير ۽ ڪنڊ، نور ۾ نور، جواٽي ۽ مايا، پور ۾ پور، پنڌ ۽ بار، سور ۾ سور.

هن پهاڪي مان بي مراد ڪا نہ ٿي نڪري، رڳو ايترو آهي، جو پهرين ست جڻ سواد ۾ سواد آهي، بي ست کر نشي ۾ نشو، ۽ ٽين ست ڏک ۾ ڏک.

## ۴۱۳ - ڪڻ ڪلو، ٽيئي پلو.

ڪلو يعني موچڙو، لچ ۽ ويري مني ڳالهوَ سان نہ سمجهن: ويتر لچائيءَ ۾ پير اڳرو ڪڻن. تن لاءِ هي پهاڪو چوي ٿو، جو اهڙي سمي ۾ تکو ٿي هل. جهڙو فارسيءَ جو بيت آهي:

سخن بہ لطف و ڪرم با درشت خوءِ مگو،
ڪ زنگ خورده نگردد مگر بہ سوهن پاڪ.

مهربانيءَ جو اکر لچ سان نہ ڳالهاءِ:
جو ڪٽيل لوه رواتيءَ ڏاران صفا نہ ٿئي.

۴۱۴ - ڪٿيو ڪائي مڙس جو، چي جيئي ابو.

جهڙيءَ طرح هڪڙي زال ڪائي پيئي مڙس جو ۽ دعا ڪري پيءُ کي، تهڙيءَ طرح هي ماڻهو هلي ڏٺيءَ جي توهه سان، ۽ ڪائي پهري ڏٺيءَ جو ڏنل، ۽ جاٽي پنهنجي ڪمائيءَ ۽ لڇڻ ڪان. اهڙن کي هي پهاڪو ميچ سان سمجهائي ٿو. جهڙو فارسي بيت آهي:

چہ انديشي از خود کہ فعلم نکو است؛ — ڇا ٿو ڄاڻين تہ لڇڻ منهنجا چڱا آهن؛
ازان در نگہ کن کہ توفيق او است. — هوڏي نهار ڪر، جو سگهہ ان جي آهي.

۴۱۵ - ڪٿيو تو تان گهوريو، وڃائج نہ مُور.

مُور جيڪو ناڻو واپار ۾ گهران ڏجي: جو ماڻهو ناڻو گهران پائي وڻج ڪري، تنهن کي گهرجي، جو مور واري ناڻي کان واڌو اُپائي؛ پر جڏهن واڌو نہ اُپائي، تڏهن بہ موڙيءَ کي گهاٽو وجهڻ تہ ڪار نہ آهي. تنهن وانگي هي ماڻهو پڻ ساهہ وٺي دنيا ۾ آيو آهي، سو جيڪڏهن ڏٺيءَ جي يادگيري ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ ڪر ڪٿيائين؛ نہ تہ ساهہ جو مُوڙي اٿس، سو اجايو وڃايائين. تنهن تي فارسيءَ واري جو بيت پڻ آهي:

بمايہ توان اي پسر سود ڪرد، — اي پٽ موڙيءَ مان ڪٿيو ڪري سگهجي،
چہ سود آيد آنرا کہ سرمايہ خورد. — جو موڙي ڪائي ويو تنهن کي ڇا ڪٿيو ٿيندو.

گ

۴۱۶ - گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي، ڪيا ميدان.

سکي جي ڏکي، جهوپڙيءَ ۾ جي پوني تي، جا گذري، تنهن کي چڱي لنگهي چئي شڪر ڪرڻ گهرجي: ڇا ڪان جو سکيا ڏينهن لنگهندي ويرم نہ لڳي، تنهن وانگي ڏکيا ڏينهن پڻ ڪين رهن. فارسيءَ واري چيو آهي:

ز روزگار همين عادتم پسند آمد، — زماني جي هيءَ عادت گهڻو وڻيم،
کہ خوب وزشت جهان جملہ درگذر ديدم. — جو جهان جي چڱي مدي لنگهندي ڏٺم.

اهڙي مثل لاءِ هيٺ نمبر ۴۱۷ وارو پهاڪو پڻ لکجي ٿو.

۴۱۷ - گذري ڪوُن قر ياد نہ ڪرڻا، جا گذري سا چوکي.

هن مضمون تي متي پڻ پهاڪو نمبر ۴۱۶ وارو آيو آهي، تنهنڪري هن جي ڏار وچور نہ ڪيم، مگر هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

راجا هڪڙو سياري جي مند ۾ صبوح جو ڪاڏي چڙهي تي ويو؛ وات تي ڏنائين جو سائين والو فقير هڪڙو، ٻَٿَ کي پاسو ڏيو سيءَ کان پاڻ بچايو پيو آهي. تنهن کي ڏسي راجا ويچار ڪيو جو آءٌ سڄي رات ٺمور جي وڇاڻي ۾ ستل هوس، تہ بہ سيءَ لکايو تي، اها رات فقير کي ٻت ۾ ڪئن لنگهي هوندي. اها ڳالهہ فقير کان پڇيائين، تنهن ورنديءَ ۾ هيءَ مصرع چيس:

شب تنور گذشت و شب ثمور گذشت. — ٻٿ ۾ توڙي ٺمور جي وڇاڻي ۾ رات لنگهي.

### ٤١٨ - گڏي اڏجي، يا لڏي چڙجي.

مطلب هي آهي، جو يا سڄڻ تي ڳڏ رهجي، يا ويري تي پيجي پري تجي: اندر ۾ دشمني ٻاهران ياراڻي اها اندر-ٻاهرائي رکڻ ڪار نہ آهي. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

رُو سياهي بہ از سياهي دل. منهن-ڪارائي دل جي ڪارائيءَ کان چڱي.

گورو نانڪ شاهہ پڻ فرمايو آهي:

دليون محبت جن سيئي ساچيا؛ جن کي دل کان لئون آهي سي سچيار،

جن من هور مک هور سي ڪاڍو ڪاچيا. جن کي دل ۾ ٻي، وات ۾ سي ڪچا ڪڍي چڏ.

### ٤١٩ - گولاڙو ڳيان پچي.

گولاڙو يعني ٻانهو، ۽ گولاڙو جهنگلي ول جو ميوو آهي، جو ٻين ميون کان اٻتڙ ڳُيان يعني هينان پچندو آهي. تڏهن پهاڪي واري هن گولاڙي ٻانهي کي پڻ هُن ول واري گولاڙي وانگي سمجهي گلا ڪئي آهي، جو جنهن ماڻهوءَ تي ٻانهپيءَ جو نالو تيو، سو اُٻتا ڪم ڪندو، واجبي طرح ڪم نہ ايندو. جهڙو فارسي بيت آهہ:

پرستار زاده نيايد بڪار؛ ٻانهيءَ جو ڄاول ڪم نہ اچي،

اگر چہ بود زاده شهر يار. جيتوڙي راڄا جو اولاد بہ هئي.

پر انگريز سرڪار چڱو توهہ ڪيو آهي جو پنهنجي راڄ مان هو ٻچڙو نالو ڪڍي ماڻهن کي هن پهاڪي جي ڦٽڪار کان ڇڏايو آهي.

### ٤٢٠ - گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نہ اونائي تہ ڪوڙهيو ٿئي.

اونائي يعني سڏ تي سڏ ڏئي: هيءَ ڳالهہ پڌري آهي، جو جڏهن هڪڙو گدڙ دانهن ڪري تڏهن پاسي اوسي وارا سڀ گدڙ ڪوڪار ڪن. پر هي پهاڪي وارو گدڙن جي ٻڌي ٻڌائي، اهڙن پوڪن کي سمجهائي ٿو، جي پاڻ ۾ هڪ مُٺ نہ آهن، ۽ چوي ٿو جو رڳا بہ ڄڻا هڪ مُٺ هجن تہ بہ وڏو ڪم ڪري وجهن. تنهن تي هڪڙو فارسي بيت آيو آهي:

دو دل يڪ شود بشڪند ڪوه را؛ ٻہ دليون ڳڏ ٿين تہ جبل پيجي ڇڏن،

پراڪنده گي آرد انبوه را. گهڻن کي ڊانوان ڊول ڪن.

اُن تي هڪڙي آکاڻي ياد تي اچيم:

ٽي ڄڻا: هڪڙو ٻانيڻ، ٻيو لنگهو، ٽيون ٻنارو پاڻ ۾ ڳڏجي هڪڙي هندوءَ هاريءَ جي ڪمند جي پوک ۾ رات جو وڃي ڏاڍ سان ڪمند پيجي ڪائڻ لڳا. هاريءَ ويچاري گهڻو ڪي جهلين، پر نہ رهيا. هاري جيتوڙي تہ ڏاڍو مڙس هو: پر تن ڄڻن سان پچي نہ سگهيو. جهڙو ڏاها چوندا آهن جو ٻن پاڏن سان بہ هڪڙو شينهن نہ پچي، تڏهن هاريءَ حرفت ڪري هوريان هوريان ٻانيڻ کي چيو جو تون اسان هندن جو مصر آهين، تنهنجو ڪاڏو اسان جي پترن کي ملندو، ۽ پچ پڻ ٿيندو: تنهنڪري تون ڪماند پيلي ڪاءُ، ۽ هي لنگهو ڪائيندو تہ بہ وڃي جاتي ڪاتي واڪاڻ ڪندو، اهو پڻ نچ ڪائي. مگر ٻناري ڪان چو تا ڦرايوم؟ اها ڳالهہ ٻڌي ٻانيڻ ۽ لنگهي چيس تہ ٻناري کي لوڏي ڇڏ. تڏهن ٻناري کي ڏاڙهيءَ کان جهلي ٻڌي وهاريائين ۽ وري ٻانيڻ کي چيائين جو آءٌ غريب ماڻهو لنگهي جي ساراهہ جو فڪر ڪو نہ ڪريان ٿو، مگر تون برهمڻ پيلي ڪاءُ، نچ ڪاءُ. حاصل

ڳالھ جو، ٻانيڻ جي آگيا وٺي لنگھي سان پڻ ٻناري واري پَر ڪيائين. اھا دلجاءِ ڪري ٻانيڻ کي چوڻ لڳو، مصر جي! پاڻ تہ ڦريو پر ٻين کان بہ ٿي ڦرايوَ. نيٺ تنھين کي ٻڌي سرڪار ۾ پھچايائين. ڏسو، جاسين ھو ٿيئي چٽا پاڻ ۾ ھڪ مٺ ھوا، تاسين ھاري ڇُھي نٿي سگھين، جڏھن ڇُڙُ ڇُڙُ ڳابڙا ٿيا تڏھن موچڙا کاڌائون.

### ۴۲۱ - گڏھ پنھنجي ساوٽي ھينگن ۾ وڃائي.

گڏھ جي پَر آھي، جو جڏھن سانوٽيءَ جا گاھ ٿين، تڏھن بہ ٿي ڏھاڙا چري ٿورو ڍَو ڪري: پوءِ ھيڏي ھوڏي جي گڏھن جون ھينگون ٻڌي پاڻ بہ ھينگن ۾ رڌو رھي، ۽ گاھ چرڻ کان ڪري. تنھن وانگي ھڪڙا چوڪر ننڍپڻ جا ڏھاڙا راند ۾ وڃائي پڙھڻ کان سيڙن، يا ھڪڙا سرڪاري نوڪر نوڪريءَ جي مھل ڳالھين ۾ وڃائي ڪم کان ڪرن: يا ڪي واپاري ڏيتيءَ ليتيءَ جي مھل بازر جي گھوم ۾ وڃائي ڪرت کان سيڙن، اھڙن سِلين ساڻن ماڻھن کي ھي پھاڪي وارو ٽوڪي ٿو. اھڙن لاءِ ھنديءَ وارو چوي ۽ سمجھائي ٿو:

| | |
|---|---|
| غفلت ۾ وقت اپنا نہ کوھ، ھوشيار ھوشيار ھو. | آرس ۾ مھل نہ وڃاءِ سجاڳ ٿيءُ. |

### ۴۲۲ - گدڙ ڊاک نہ پچ سگھي، آکي ٿوُ کوڙي، ناچو نچ نہ ڄاڻندا آکي يون سوڙھي.

ھن پھاڪي جي معنيٰ پڌري آھي: پر مطلب سندس ھي آھي جو جنھن ھاڃ کي ڪو پھچي نہ سگھندو، تنھن کان پچي پري ٿيندو، تہ چا ٿيو. جھڙو ھنديءَ وارو چوندو آھي.

| | |
|---|---|
| بوڍا جوڳي سھجي جُتي | پوڙھو فقير پراٽي جتي |

۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آھي:

| | |
|---|---|
| جوان گوشه نشين شير مرد راه خداست، | جوان ماٺ ۾ وھي تہ خدا جي واٽ جو شينھن آھي، |
| کہ پير خود نتواند ز گوشئہ برخواست. | جو پوڙھو ماڏنھين کنڊ مان اُٿي نہ سگھي. |

### ۴۲۳ - ڳابي وانگي چٽ تہ چٽيانءِ.

ڳابن جو ڌرم آھي، جو ھي ھُن کي چٽي: تہ ھُو ھِن کي چٽي، تنھن وانگي دنيا ۾ پڻ جنھن سان مھرباني ڪبي تنھن ۾ پلائيءَ جو سوس رھندو. جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

| | |
|---|---|
| بنده حلقہ بگوش گر نہ نوازي برود، | ٻانھو ٻڌل جيڪڏھن نہ پاليندين تہ ويندو؛ |
| لطف کن لطف کہ بيگانہ شود حلقہ بگوش. | مھرباني ڪر مھرباني تہ ڌاريو ٿئي ٻڌو ٻانھو. |

### ۴۲۴ - ڪِنُ ڪِنَ سان نہ ڌوپي، نيٺ پاٽيءَ سان ڌوپي.

اُوني شيءِ ٻيءَ اُوني شيءِ کي سنو نہ ڪندي، تنھن وانگي لچو ماڻھو ڪنھن اشراف سان اٽڪي، ۽ اشراف پڻ ساڻس سامھون ٿي وڙھي، تہ ڇڻ ٻئي ھڪ جھڙا ٿيا. تڏھن اشراف کي چا ڳھرجي جو ھن فارسيءَ بيت کي ڏسي ڪانڌ ڪري:

| | |
|---|---|
| تحمل چو زھرت نمايد نخست، | ڪانڌ پھريائين وہ جي ڏيکاري ڏينديءِ؛ |
| ولي شھد گردد چو در طبع رُست. | پر ماکي ٿيندي جڏھن طبع ۾ ويھي. |

ڇا ڪان جو جيڪڏهن لچ ڪي اشراف ڪي ڳالهائي ورتو، ته به اشراف جو مان گهٽ ڪين ٿيندو، ۽ لچ جو وڌندو ڪين. جهڙو فارسي بيت آهي:

سنگ بد گوهر گر ڪاسئہ زرين شڪند؛ قيمت سنگ نيفزايد، زر ڪم نشود.

بڇڙو پاهڻ جيڪڏهن سوني باسڻ کي جهوري، پاهڻ جو ملهه وڌندو ڪين، سون جو گهٽندو ڪين.

## ۴۲۵ - گهه-گيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو مهل ۾ ڪم نه اچن.

گهه-گيرو گهوڙو، جو گهوڙو هلندي هلندي بيهي رهي، يا اٿون هٽي، يا پنيرو هلي؛ پيٽيرو ماڻهو جو ماڻهو ري مواجب رڳو پيٽ جي ڪاڏي تي ڪمائي، يعني نوڪر رهي. سچ گهه-گيرو گهوڙو ڪاهه جي مهل ۾ ڪم نه ايندو؛ تهڙيءَ ريت ري مواجب وارو نوڪر پڻ ويل سر پڇجي ويندو. تنهن تي فارسي بيت آهي:

چہ مردي ڪند در صف ڪار زار؟ ڪہ دستش تهي باشد از روزگار.

ڪهڙي مڙسي ڪندو جنگ جي هنڌ، جنهن جو هٿ قُوت کان ٺلهو هوندو؟

## ۴۲۶ - گهُر پيهہَ نڪرن مان پاٽي سڪائي.

گهُر پيهہَ هي به لفظ جيتوڙي گهڻَ ۽ پيهڻ جي مصدر مان نڪتا آهن، پر رواجي معنيٰ ۾ هڪڙو گهر جو جهيڙو آهي؛ نڪرن مان پاٽي سڪڻ، هي پڻ رواجي معنيٰ ۾ سچ ٿيڻ آهي. مطلب هي، جو جنهن گهر ۾ گهرو ريڙ پيڙ رهندي، سو وسندو ڪين. فارسي بيت آهي:

تهي پلئي بودن به از ڪفش تنگ؛ پلائي سفر بهتر از خانہ جنگ.

سوڙهيءَ جتي پائڻ کان پير اُگهاڙا چڱا؛ جهيڙي واري گهر کان پرڏيهه جو ڏک چڱو.

## ۴۲۷ - گڏهہ کي به ڪو گج پائجي.

گج هڪڙو زالن جي ڳچيءَ جو ڪپڙو آهي؛ پر اُهو ڪپڙو زالن کي پهرائجي، ۽ گڏهن کي ڍڪائڻ ڪار نه آهي. تنهن وانگي مهرباني پڻ چڱي ماڻهوءَ تي ڪرڻ کپي؛ لچ جو گڏهہ جهڙو آهي، تنهن تي مهرباني ڪبي، ته اُنلو آڪرو ٿيندو، ۽ منجهانس جيڪو سو چيهو پهچندو، جهڙو فارسي بيت آهي:

چو با سفلہ گوئي بہ لطف و خوشي، فزون گرددش ڪير و گردن ڪشي.

جڏهن لچ سان مٺو ڳالهائيندين، ته هيڪاري هٺ وڌندس.

## ۴۲۸ - گڏهہ کي به ڪڏهن گابو جائو آهي.

گڏهہ جهڙي ڪميٽي مروڻ جي پيٽ مان گابي جهڙو سائو ڍور ڄاپڻ تپرس جهڙي ڳالهہ آهي؛ تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ کان ڪنهن جي ڀلائي ٿيڻ ويسهه جهڙي ڳالهہ نه آهي. تنهن تي صائب شاعر جو فارسي بيت آهي:

صائبا اُميد فيض از صحبت دو نان مدار؛ بوءِ جستن از گل ڪاغذ نشان ابلهي است.

اي صائب ڀلائيءَ جي اُميد ڪميڻن ۾ نه رک: ڪاڳر جي گل ۾ باس ڳولڻ اياڻپ جو اهڃاڻ آهي.

## ٤٢٩ - گڏھ جو چا وس جو ٻيڙيءَ ۾ نہ چڙھندو.

جڏھن ڪنھن کي گڏھ ٻيڙيءَ ۾ چاڙھڻو ھئي، پوءِ توڙي گڏھ تنائي، تہ بہ ڪَن کان وٺي چاڙھيس. تنھن وانگي ھن جيوَ کي پڻ جڏھن ڪال مارڻ پائين تڏھن ھي ڪانئس توڙي گھڻو ئي لڪي؛ توڙي ڀڄي، تہ بہ ڪاڏي ويندو. تنھن تي ھڪڙي الله واري چيو آھي:

نا ڇٽيڪا ڳڙھان ڪوٺان ۾ نا ڇٽيڪا لڪان — نہ ڪوٺن ۾، نہ لڪن ٻانھن سان ڇٽندين؛ ٻاھين:
جان جم آوي پڪڙ چلاوي عذر ڪسي دا ناھين. — جڏھن ڪال ايندو وٺي ويندو ڪنھن جو عذر نہ آھي.

## ٤٣٠ - گيھ پوندي بہ ڪو مٿو سڙي.

سڙي يعني پوسري، جڏھن ڪو ماٿھو ڪڙو تيل مٿي ۾ وجھي، تہ ھرو پرو مٿو سڙندس، ۽ ڪنھن جو گيھ پوندي مٿو ڪين پوسري. مطلب ھي آھي، جو ڪي ماٿھو اھڙا آھن، جو جڏھن ڏٽي ٻاجھ ڪري مٿن ڪو آبروءَ جھڙو ڪم رکي، پوءِ توڙي دل ۾ خوش ھئن، تہ بہ وات سان چون تہ ھن ڪم مان مورڳو اڙيا آھيون. پر اِن ھلت ۾ ھڪڙو پاپ آھي، جو ماٿھو اندر-ٻاھريو ٿو ٿئي، ٻيو ڏٽيءَ جي مھربانيءَ تي ٻي شڪري ڪرڻي پوي ٿي، سي ٻئي ديندارن کي نہ وڻن.

## ٤٣١ - گرمي ڇڏي جھڻ ڪنگر سان، سردي ڇڏي زر ڪنگر سان.

ھن پھاڪي مان ٻيو مطلب ڪو نہ ٿو نڪري، مگر سياڻا ماٿھو چوندا آھن تہ ڪنھن کي گرميءَ ڪان مٿي ۾ سور پوي، يا ڪَليون چڙھن، يا ڪامڻ ٿئي، يا ٻي اھڙي ڪا ڏوار لڳي، تہ ان لاءِ شربت ۽ ٻيون سَلوٽيون دوائون بہ بس آھن. پر جي سرديءَ ڪان ڪنھن کي لَقوي، يا اڌ-رنگ جھڙو، يا ڪو ٻيو مرض ٿئي، تہ ان لاءِ ترياق يا ڪٿوري يا عنبر ۽ ٻيون مھانگيون ٻُڪيون گھرجن.

## ٤٣٢ - گنجي جي مٿي ۾ جُونءَ نہ ليک.

گنجو، جنھن ماٿھوءَ جي مٿي جا وار سمورا ڪُسي وڃن، جونءَ ھڪڙو جيت ترَ جيڏو، جيڪو ماٿھوءَ جي وارن ۾ چاپندو آھي، ليک ان جونءَ جو آنو. مطلب ھي آھي، تہ جنھن کي مٿي ۾ وار نہ ھوندو، تنھن کي جونءَ يا ليک ڪٿان پوندي. تنھن وانگي جو نيھي مايا جي ڏنڏن کان آجو رھندو، تنھن کي سڪار، ڏڪار، سوڪ ۽ ٻوڏ جو ڪھڙو ڊپ؟ جھڙو نمبر ٣٧١ واري پھاڪي ۾ چيو ويو آھي.

## ٤٣٣ - گدرو ڪري ڪاتيءَ تي تہ بہ گدري جوکو، جي ڪاتي ڪري گدري تي تہ بہ گدري جوکو.

جھڙيءَ طرح ڪو مٿو ھٽي پاھڻ تي تہ بہ مٿو ڀڃيس، جي پاھڻ ھٽي مٿي تي تہ بہ مٿو ڀڃيس. تنھن وانگي ڏاڍي ۽ ھيٺي جي ويڙھ مان ٻنھين پارين ھيٺي کي جوکو.

## ٤٣٤ - گُگرُ گُگرُ پندا اڙايا.

گگر هڪڙي جابلوءَ وڻ جو ڪنئور آهي، هن پهاڪي جو بنياد هي آهي جو هڪڙي پساريءَ وڪڻڻ لاءِ گگر پندي ۾ پائي رکيو، جو پندي کي چنبڙي پيو! وکري هٽن منجهانس پندو اڙيو. تنهن وانگي هي ماڻهو ڏٽيءَ کي ياد ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ آيو آهي، پر دنيا کي اهڙو چهٽي ويو آهي، جو ڪر مورڳي دنيا منجهانس اڙي آهي. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:
ٻه چتون ماءُ کان موڪلائي ڇُوٽي ڳولڻ لاءِ هليا: اوچتو هڪڙي پُست جي پوک مان ڏوڏيون کائي وڻ جي ٽاريءَ تي وينا، ۽ ڏوڏين جي نشي ۾ پنڪيون ڪائي ليٽيا، پر چنبا ٽاريءَ ۾ اٽڪيا ئي رهن: تنهنڪري لڙڪڻ لڳا. ايتري ۾ سندين ماءُ ڳوليندي اچي پهتي ۽ هنن کي لٽڪندو ڏسي پڇيائين، تنهن کي چيائون ته وڻ جي ٽاري اسان کي نٽي ڇڏي. تنهن چين ته ٽاريءَ ڪين جهليا آهيو، پر ٽاري جهلي اٿوَ.

۴۳۵ - گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي.
جنهن ماڻهوءَ جا خارس سببان متي جا وار ڪُسي رهن، اهڙي ماڻهوءَ کي گهڻو ڪري متي ۾ کِرنهن رهي، سو اُوس ڪنهندو رهي: تنهن وانگي لچ ماڻهوءَ جي دل پڻ لچائيءَ کان نه رهي.

## ڳ

۴۳٦ - ڳوٺ سئين، سا وهانوَ سئين.
سئين اکر جي معنيٰ هيءَ آهي، ته جو ڪم سڄي ڳوٺ جي ماڻهن سان ٿئي، سو وهانو جهڙو ڄاڻجي، يعني گهڻن سان گڏ ڏکي جي سکي جڙي اچي ته مني ڪري پوڄجي. جهڙو فارسيءَ واري جو چوڻ آهي:

| | |
|---|---|
| مرگ انبوه جشني دارد | گهڻن سان گڏ مرڻ هڪڙو جُڄ آهي. |

۴۳٧ - ڳڙ سان مري ته زهر ڇو ڏجيس.
هن پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته جو ڪم ميٺ محبت سان ڇٽي سگهي، تنهن لاءِ تکو ۽ ڪوڙو ڇو ڳالهائجي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| چو ڪارت به نرمي برايد ز ڪس، | جڏهن ڪُنئرائيءَ سان ڪنهن مان ڪم ٿي |
| ضرورت نباشد به گرمي و بس. | سگهي، ڏاڍائيءَ جي گهرج نه آهي، ٻيو ڇا. |

اهڙيءَ ڳالهه نمبر ۵۰٧ واري پهاڪي ۾ پڻ هلي آهي.

۴۳٨ - ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٺ.
موٺ هڪڙي سادي جنس اَن جي آهي، جا گهڻو ڪري گهوڙا ڪائين. پهاڪي جي پيڙهه هيءَ آهي، جو هڪڙو ماڻهو ڪنهن ڪيپ تي ٽي ويو، تنهن کي هڪڙي مائٽ پاڻ لاءِ سوڪڙي پاڪڙي آڻڻ جو چيو، پر پيسو ڪو نه ڏنائينس. ٻئي مائٽ ٽڪو هٿ ۾ ڏئي چيس ته هن ٽڪي جا موٺ آڻج. جڏهن هو وري آيو، تڏهن پڇيس، ته جنهن رڳو وات سان چيو هوس تنهن کي سوڪڙين جي نه ملڻ جون سچيون ڪوڙيون ڳالهيون ڪري ٻڌايائين: ته ٽکي واري کي موٺ ڪڍي ڏنائين. تڏهن هڪڙي

سالڪ هي پهاڪو چيو، يعني جو ڪم ناٽي ڏني چٽي، سو ڳالهين سان ڪاتي چٽندو. جهڙو فارسي پهاڪو آهي:

زرڪار ڪند، مرد لاف زند. ناٽو ڪم ڪري، مڙس ٻتاڪ هٽي.

### ۴۳۹ - ڳڙ چاٽي، ڳڙ جي ڳوٿري چاٽي.

اکري معنيٰ هيءَ آهي، جو ڳڙ ڳوٿريءَ جي سونپ ۾ رهي تو، وٽيس ڪائي توڙي بچائي: پر ڳوٿري نِساهي آهي، سان ڪيندي ڪجاڙو؟ تنهنڪري پهاڪي واري جو مطلب هي تو چاٽجي، جو توڪل ڪري پنهنجا ڪم ڌڻيءَ کي سونپ، ته جيڪي وٽيس سو ڪري، جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

خداوند عالم بکارش شفيق، ڌڻي اَن جي ڪم ۾ توه ڪري،
کسي را ڪہ باشد توڪل رفيق. جنهن سان توڪل ساٿي.

## گھ

### ۴۴۰ - گهڻن زالين گهر نہ هلي، گهڻين ڏاندين هر نہ هلي.

هر ۾ ٻن ڏاندن کان واڌو ٻڌجن ته نہ هلي: تنهن وانگي هڪڙي مڙس جي گهر ۾ هڪڙيءَ کان واڌو جويون هئن، تہ گهر مان ٻائيتال نہ وڃيس. تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙو مڙس ٻہ جويون پرٽيو هو، تن مان هڪڙي ماڙيءَ تي ۽ ٻي هيٺ گهر ۾ رهندي هئي، ۽ پاڻ واري تي وٺن ويندو هو. هڪڙي ڏهاڙي اُهو مڙس وڃائتيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ ويو. رات جو چور هڪڙو سندس گهر ۾ آيو، ۽ هري هري ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو. هيٺئين گهر واريءَ زال پنهنجو مڙس چاٽي سمجهيو تہ ماڙيءَ واريءَ زال وٺ ٿو وڃي: تنهن پهاجپي جي تعصب کان ڊوڙي پيرن کان ورتس. پر ايتري ۾ چور جو مٿو ماڙي جي مٿئين در وٽ آيو. تنهن کي ماڙيءَ واريءَ پڻ پنهنجو مڙس چاٽي سمجهيو تہ متان وري پنتي وڃي، تنهن تَتَ وهندي ڊوڙي ڏاڙهيءَ مان ورتس. چور ويچاري ڊپ جي ماري ڪجيو ڪين: ۽ سڄي رات سور سهي لنگهايائين. صبح جو چور کي جهلي چبوتري تي نيائون: اُتي چيائين تہ سچ چوري ڪرڻ لاءِ ويو هوس، تنهن ٻدران جيڪا جٺ وٽيو سان ڪريو: پر ٻہ جويون نہ پرڻائجو: چاڪاڻ تہ ٻِہ جوئي جي پاران رات هيتري جٺ تي اٿم. حاصل هي تہ جڏهن ٻن جوين واري جو حال اهو، تڏهن گهڻين جوين واري جي گهر مان ٿمجهڻُ ڪٿان ويندو؟

### ۴۴۱ - گهٽو ڏاريم اُن کي هٿان چري ڪپاهہ.

هڪڙو نوڪر پاٽيءَ پرڻ لاءِ ڏارجي، ۽ هو جيڪو پاٽي پري سو تہ چڏ، پر مورگو جيڪي اڳي پاٽي گهر ۾ هئي سو ٻہ کي پيئي، ٻيو هاري چڏي، تہ اُهو نوڪر جڻ هن پهاڪي وارو گهٽو ٿيو. هنديءَ واري پڻ هڪڙو اهڙو پهاڪو چيو آهي:

الي لئي سنگ تهل ڪون ڪرن لگي رس راس: ساهيڙي تهل لاءِ رکيم، سا اُٿلو لاڏ ڪوڏ ڪري ٿي؛
ميندي راکي اُون ڪون بيني چري ڪپاس. رڍ ڏاريم اُنَ لاءِ، مورڳي ڪپهہ تي ڪائي.

٤٤٢ - گهر جو پير چلهہ جو مارنگ.
مارنگ، ڪنهن مهل پٽرن تي دانگي يا ڪُنو رکي هينانس باهہ ٻاري ڪاچ جوڙي ونجي تنهن پٽر جو نالو. مطلب جو پير گهر ۾ يا ويجهو هوندو سو هر هر ڏسبو، تنهن تي ويساهہ اهڙو ڇمندو جهڙو چلهہ جي مارنگ تي. تنهن وانگي مائٽ يا دوست پڻ، جو هر هر گڏبو، تنهن سان محبت ٿوري رهندي.

٤٤٣ - گهوڙا ۽ پَٽُ، مُلا ۽ پَٽُ: هو ڪشيا تا رسيا، هو نيان تا ڇٽُ.
هي پهاڪو عام ماڻهو گهوڙن جي ڦڙتائيءَ لاءِ چوندا آهن، جو گهوڙا جنهن پنڌ لاءِ سنيايا، سو پنڌ ڪر نبريو. پر قافيہ جي پورائيءَ ڪاڻ مُلن جو نالو پڻ آيو آهي، جو مُلا ماڻهو جاتي پت ڪاڻ وينا، سو پت پڻ جاڻ نبريو.

٤٤٤ - گهوٽ ماءُ ڪان بہ اهنر ماءُ تڪڙي.
گهوٽ يعني پرٽجڻ وارو مڙس: اهنر، گهوٽ جو پيٽيويو يا پاٽيجو. هندن جي ريت آهي، جو وهانو مهل اهنر گهوٽ جو پوءِ لڳ تي هلي: پر وهانو جي ڪم ۾ جتي ڪي گهوٽ ماءُ جو پروجن هوندو اتي اهنر ماءُ جو چا؟ ۽ جي اهنر ماءُ واڌو ڦڙ ڦڙ ڪندي، تہ هي پهاڪو متس لاڳو ٿيندو. جهڙو نمبر ١٦٢ واري پهاڪي ۾ بيان ٿيو آهي، هن جو مطلب پڻ اهڙو آهي.

٤٤٥ - گهٽي ڪاڏي ڪان گهٽو ڏنو چڱو آهي.
جي گهٽو ۽ چڱو ڪائبو، تہ بہ اُن وات ڪي سواد ايندو، ٿوريءَ ويرم ڪان پوءِ بس. پر جيڪڏهن ڪو چڱو رونشو يا ڪو ڪم ڏسبو، تہ گهٽا ڏهاڙا ياد رهندو: تڏهن ڪائڻ ڪان ڏسڻ چڱو ٿيو يا نہ؟ پر مطلب هيءُ آهي، جو گهر ڪنڌ ۾ ويهي ڪائي آرسي نہ ٿيءُ: ٻاهر نڪر، گهم ڦر، ڏٺيءَ جا رنگ ۽ اچرج ڏس. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| تا بہ دڪان خانہ در گروي، | جاسين گهر جي هٽ ۾ گهہ پيو آهين، |
| هر گز اي خام آدمي نشوي. | اي ڪچا ڪڏهن ماڻهو ڪين ٿيندين. |
| بَرو اندر جهان تفرج ڪن؛ | وڃ جهان ۾ ۽ گهوم ڪر؛ |
| پيش زان روز کز جهان بروي. | جهان مان وڃين تنهن ڏهاڙي ڪان اڳي. |

٤٤٦ - گهر ۾ ڪڏ هئي تہ ٻُهر ٻاهر جو اُڇلجي.
سيڪو ماڻهو ٻهاري پائي ٻُهر گهر ڪان ٻاهر اُڇلائي ٿو ڇڏي، پر جڏهن گهر ۾ ٻُهر رکڻ جي جاءِ هُئي، تڏهن ٻاهر جو اُڇلائجي؟ جيتوڙي هي پهاڪو ڪني ڪم جي وس ۾ آيو آهي، پر سندس سنو مطلب هي آهي، جو هي ماڻهو ذات پاڪ ڏٺيءَ جي ڪي جو ٻاهر ٿو ڳولي، سا پل آهي. چا ڪان جو ڏٺيءَ جي جوت هن جي اندر آهي، تڏهن ٻاهر جو ٿو اَڏيڙا ڪائي. تنهن تي شاهہ عبداللطيف پڻ فرمايو آهي:

نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو.

۽ بابا نانڪ صاحب پڻ فرمايو آهي:

گهر ۾ ناڪر نه آوي، گل ۾ پاترلي لتڪاوي. اندر ۾ ڏٽي نٿو ڏسجي، ڳچيءَ ۾ پاهڻ لڙڪائي ٿو.

۴۴۷ - گهر ۾ به گهر ڪاٽو، پاهر به گهر ڪاٽو.

يعني گهر ۾ ويهي ڪاٽبو ته به گهر جو ناٽو، پر مطلب هي آهي، ته جاتي وجبو، تاتي پنهنجو نصيب ڪاٽبو. تنهنڪري گهرجي، جو جيڪي ريهندو ڏٽي ڏي، تنهن تي سنجم ڪري گهٽي ٿيڻ لاءِ اجايو نه ڊوڙجي. جهڙو فارسي بيت آهي:

| | |
|---|---|
| قناعت تونگر کند مرد را، | مڙس کي سنجم وهيون ڪري، |
| خبر ده حريص جهان گرد را. | لوڀيءَ رول کي اها سڌ پڌاءِ. |

۴۴۸ - گهوٽ ڪنوار راضي ته ڪوه ڪندو قاضي؟

جڏهن جوءِ مڙس جو، يا ڪن ٻين ماڻهن جو پاڻ ۾ جهڳڙو هئي، تڏهن نبيري لاءِ قاضيءَ وٽ وجن، پر جي پاڻ ۾ نهيل هجن ته قاضي توڙي ٻئي ٺياڪڙ جي ڪهڙي گهرج؟ درويش لاءِ هي اشارو آهي، ته جڏهن ڏٽي پاڪ توتي راضي آهي، تڏهن تو کي ٻئي ڪنهن جي ڪهڙي ڪاڻ؟ جهڙو فارسيءَ ۾ آيو آهي:

| | |
|---|---|
| چو راضي شد از بنده يزدان پاڪ، | جڏهن پانهي تي ڏٽي پاڪ راضي ٿيو، |
| گر اين ها نگردند راضي چه باک؟ | جيڪڏهن هي راضي نه ٿيا ته ڇا ڊپ؟ |

۴۴۹ - گهٽي ڪنئي ڪان مور ياد نه آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ جي باغ کي ڦر گهٽو لڳي، سو ڦر جي گڏ ڪرڻ ۾ رڌو رهي، ۽ وڻن جي تات نه ڪري؛ يا هڪڙي ڊڳيءَ ۾ کير گهٽو هجي، هو کير جي سميٽڻ وچان ڳئون جي سنڀال نه ڪري؛ اهڙن لاءِ هي پهاڪو چوڻ ۾ ايندو آهي.

۴۵۰ - گهر ۾ غرقي به مس اتس، دم هٽي تو نوڙهيءَ جو.

غرقي يعني ٻڌل اَنُ؛ نوڙهي، ڪٺڪ جي هڪڙيءَ اُچيءَ جنس جو نالو؛ يعني آهي سچو، پر ڏيکاءُ شاهوڪاريءَ جو ٿو ڪري. پر درويش جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ لاءِ مطلب هي آهي، جو جنهن جي اندر ۾ جوفو ۽ ٻيا دنيا جا ڏنڌا پيا هوندا ۽ پاهران فقيري ٻيک ۾ هوندو، تنهن جي فقيري ڪهڙي ڪم ايندي؟ جهڙو بابا نانڪ صاحب فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| انتر اگن پاهر تن سواءِ، | اندر ۾ باه، پاهران بت تي ڀيوت، |
| گل پاتر ڪيسي تري اتاه. | ڳچيءَ ۾ پاهڻ، سمند ڪئن ترندو. |

۴۵۱ - گهڻ پيتاري بکري، ڪائي ويئي جهار.

گهڻ پيتاري يعني گهڻن جي پائيواري، بکري يعني پوک جي ٽُڪري؛ يعني جا پوک گهڻن هارين جي پائيواريءَ جي هوندي، تنهن کي سيڪو جاڻندو جو ٻيو پائيوار سنڀاليندو؛ ايتري ۾ پوک جهار جي ڪاڄُ ٿيندي. تنهن وانگي هڪڙي ڏيهه ۾ گهڻا راجائون هجن، ته اُهو راڄ تڙي ڪڙي غنيم جي هٿ اچي.

۴۵۲ - گهٽن ڪي ثمر، هڪڙي ڪي پري.

جڏهن هڪڙي اڏاوت جوڙٽي هئي، جا هڪڙو واڌو مهيني ۾ جوڙي سگهي، پر جي ڍهه واڍا مڙن، ته هٽ هٽ ڪري ٽن ڏهاڙن ۾ جوڙي ڇڏن؛ يا ڏرمائو ڪم جنهن ۾ هزار رپين جي گهرج هئي، سو هڪڙي کي ڏيڻ ڳرو ٿي پوي، پر جيڪڏهن سؤ (١٠٠) يہ سؤ (٢٠٠) ماڻهو گڏ ٿي ڦوڙي ڪري ڏين ته هرويرو سولو لڳين. جهڙو هندي پهاڪو آهي:

پانچ سات کي لڪڙي ايک جني کا بوج. پنجن ستن جي لٺ، هڪڙي لاءِ پري.

۴۵۳ - گهٽن ڪنئي چير ڪچي.

هيءَ ڳالهه سچي آهي، جو جيڪڏهن گهڻا گڏ ٿي هڪڙي وڏي ڪم ۾ هٿ وجهن ته ڪري سگهن. تنهن تي هڪڙو مثل ياد آيو اٿم:

هڪڙيءَ مند ۾ سرڪاري حڪم موجب نصير واهه جي ڪاٽي ٿي ڪٽايم: پر واهه ۾ لٽ گهڻو ۽ چڪڻ هو. جنهنڪري ڪاٽيءَ جو ڪم پورو ٿيڻ اهنجو هو: پر ڏٽيءَ جي پاڇهه سان ستاويهه سؤ (٢٧٠٠) ڪامڙيا گڏ ٿي ويا، جو تورن ڏهاڙن ۾ گهڻو ڪم اُڪلائي وڌائون ۽ اميد هئي ته رهندو ڪهندو ڪم پڻ وهندڙي ئي نبري پوندو. ان وچ ۾ جناب خان بهادر آخوند حبيب الله صاحب ڊپٽي ڪليڪٽر اُتي آيو، ۽ ڪاٽيءَ جو ڪم سٽريل ڏسي تپرس ڪائي چوڻ لڳو جو "گهڻا ڪر الله جا پٽ آهن، جيڪي ڪن سو ٿي سگهي."

ل

۴۵۴ - لوچ ته لهين لعل کي، ڏور ته پوئي ڏس.

لوچ، ڏور يعني ڳول: لعل يعني محبوب يا گهربل وٿ؛ مطلب هي آهي ته وديا، توڙي رزق، توڙي ڏٽيءَ ملڻ جي واٽ ڳوليندين ته ملنديون، اڻ ڳولئي ڪي بہ هٿ نہ اچي. چا ڪان جو اهي سڀ شيون ڌرتيءَ تي ملي سگهن، پر سياڻا ڳولي لهن؛ اياڻا نڪي ڳولن، نڪي لهن. تنهن تي هنديءَ واري چيو آهي:

هيرا پڙا بازار ۾ خاڪ رهي لپٽاءِ، هيرو بازار ۾ پيل مٽس مٽي ويڙهيل،
مورک مورک چل گئي چاتر ليا اُٺاءِ. اياڻا اياڻا لنگهي ويا سياڻي ڪڍي ورتو.

۴۵۵ - لڇمي وڃي، تڏهن لڇڻ بہ وڃن.

لڇمي يعني دولت، پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب ته هڪڙو آهي، جو وهيون ماڻهو جڏهن ولهو ٿئي، تڏهن مايا جي جر عقل ناس ڪري ڇڏيس، پوءِ توڙي سلڇڻو هئي ته بہ ڪلڇڻو پانئجي.

۴۵٦ - لچان چوران پت نہ ڪائي؛ توڙي هوون سڀڳي پائي.

لچ ماڻهو توڙي سڳو مائٽ بہ هوندو، ته بہ مهل سر پنهنجي عادت لچائيءَ جي نہ ڇڏيندو. پوءِ توڙي جاٽي ويٽي نہ ڪندو، ته بہ پل مانسائيءَ جي هاچ هن کي ڏانءُ جا نہ ايندي. جهڙو فارسي بيت آهي:

نيش عقرب نہ از پَي ڪين است، وچونءَ جو ڏنگ وير لاءِ نہ آهي؛
مقتضائي طبيعتش اين است. سنديس طبع جي عادت اِها آهي.

۽ چور، تہ بہ توڙي مائٽ هوندو، تہ وجهہ ڏسي، ڪڏهن ڪين رهندو: تنهن ڪري انهن ٻن تي پت رکڻ نہ گهرجي.

## ٤٥٧ - لک ڪتيا ڏُومٽيءَ، جو ڏُوم سلامت آيا.

ڏُومٽي يعني لنگهِي، ڏُوم يعني لنگهو. منڍ ڪان هي پهاڪو هن ريت آيو آهي، جو هڪڙو ڏُوم ڪرت ڪار لاءِ پرڏيهہ ويو. پرپٺ جوٽس ٻڌو تہ مري ويو. پر هو مئو هڏِ ڪين هو، ۽ تورن ڏهاڙن ڪان پوءِ جيئرو جاڳندو وري آيو؛ پر پيسو ڪمائي ڪو نہ آيو. تڏهن هڪڙيءَ ساهيڙيءَ جوٽس کي چيو تہ مڙسهن ڏينهن گهٽا لاتا، چو ڪتي ڪين آيو؟ تنهن جي ورنديءَ ۾ هي پهاڪو چيائين. پر ملڪ جي رواج پٽاندر مطلب هي آهي، تہ واپار يا ڌنڌو ڪتيو ڪٽي نہ ڪري، ۽ سک سان موڙي بچي، تہ بہ شڪر ڪرڻ گهرجي، جو جڙ لک ڪتيا.

## ٤٥٨ - لنگهي لاتي لوئي، تہ ڪيا ڪريگا ڪوئي.

مجاز جي وات ۾ مطلب هي آهي، جو هڪڙو لڄ نر لجو تي بڇڙو ڪم ڪندو، تہ چا ڪندس: ۽ حقيقت جي وات ۾ هي آهي، تہ جو سچو ڏٽيءَ جو نيهي دنيا جا ڌنڌا ڇڏي سڀ ڪان پري رهندو، تنهن کي نرڳ توڙي سرڳ، يا ڪنهن جي ساراهہ يا گلا جو ڪهڙو ڊپ؟ جهڙو اردوءَ واري جو بيت آهي:

اي شيخ پاڪدامن دوزخ سون مت ڈرا کر؛ اي سلڇٽا شيخ! نرڳ ڪان متان ڊڄارين:
مين عشق کا جلا هون مجهہ کو عذاب کيا هي؟ آءٌ نينهن جو سڙيل آهيان مون کي ڏک چا آهي.

## ٤٥٩ - لنگهن پنهنجو وهانءُ.

جڏهن ڪنهن کي وهانءُ ڪرڻو هئي، تڏهن لنگها گهرائي تن کي ناٽو ڏئي دهل وڄارائي؛ پر جڏهن پاڻ لنگها وهانءُ ڪن، تڏهن نہ ڪنهن کي سڏڻ جي، نہ ناٽي ڏيڻ جي گهرج رهين: پاڻ جاٽي واٽي وڏيءَ دل سان دهلن کي گهايون ڏين ۽ واڄا ڪن. پر مطلب هي آهي، تہ سيڪو ماڻهو پنهنجي ڪم لاءِ پاڻ سجاڳ رهي تو.

## ٤٦٠ - لڪئي منجان لِڪ، نڪو لاهي نڪو پائي.

لِک يعني ٿورو ذرو، هن پهاڪي جي معنيٰ آهي، تہ جيڪي ڏٽيءَ جي پاران ماڻهوءَ جي ڀاڱ ۾ لکيو آهي، تنهن مان تر جيترو بہ ڪو وڌائي سگهي، نہ گهٽائي سگهي.

## ٤٦١ - لنگهو چڙي مگڻ ڪان، اُهي ئي مگ.

اڳوڻن مسلماني راڄن ۾ ڪاريگر ۽ ڪسبي ماڻهو حاڪمن يا سردارن جي خوش طبعيءَ لاءِ هڪڙيءَ هڪڙيءَ شيءِ جي نالي تان چڙندا هئا، جهڙو واڍو واڱڻ ڪان، دايو ليمي ڪان، رازو مصريءَ ڪان، تهڙو لنگهو مگڻ ڪان؛ پر هي سڀ چڙ جون ڳالهيون. مگر اُها چڙ جنهن مان ڪنهن

جي دل ڏکوئجي، سا ڪنهن ڪي چوڻ ڪار نه آهي. فارسيءَ وارو پڻ اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ لاءِ بيت چوي ٿو:

تا تواني دورن ڪس نخراش؛ — جاسين تي سگهيئي ڪنهن جي دل نه ڏکوءِ؛
کاندرين راه خارها باشد. — جو ان واٽ ۾ ڪنڊا آهن.

۴٦٢ - لوڀ سين پاپن جي پاڙ.

هن پهاڪي جي سا معنيٰ سو مطلب، جو سيڪو جاڻي ٿو: نا ته مچي ڏسو ڪُنديءَ ۾، پکي ڏسو جار ۾، اجا به نه وسهو، ته ڏسو پاٽيءَ جي هڪڙي ڦڙي جي لوڀ تان سپ جو پيٽ ڦاٽل. سنسڪرت واري پڻ ان تي پهاڪو چيو آهي:

لوڀ مولان پاپاني. — لوڀ سين پاپن جي پاڙ.

۴٦٣ - لوڀيءَ سندي راج ۾ ٺوڳي مري نه بک.

لوڀي يعني لالچ وارو، ٺوڳي يعني ٺڳ، مطلب هي آهي جو لوڀي ماڻهو ڦرڻ، ٺڳ جي اڳيان سولو آهي: ڇا ڪان جو لوڀ ماڻهوءَ جو هوش وڃائي ڇڏي ۽ جڏهن هوش ويس، تڏهن ٺڳ جو مکو متو. تنهن تي هڪڙي سياڻي سچار ماڻهوءَ جي واتان مثل بڌو اٿم:

هڪڙي جٽ ماڻهوءَ کي پُٽ جي وهانءُ لاءِ ٽيهه (٣٠) رپيا گهربا هئا: جوءِ کان پڇيائين ته گهر ۾ ڪي آهي؟ چي هڪڙو ٽڪو، تنهن مان وهانءُ ڇا ٿيندو؟ چي هي ٽڪو وڏا ڪم ڪندو: نيٺ اُهو ٽڪو ڪٽي ڳوٺ جي واڻئي کي ڇيائين جو هي ٽڪو وياج جو وٺ، مهيني کن تي رپيو ڏي. اُهو رپيو وٺي شهر ۾ وڃي ٻتيهه (٣٢) ٽڪا مٽائي هڪڙي شاهوڪار کي ڇيائين، جو هي ٽيهه ٽڪا وياج وٺ، ٽيهه (٣٠) رپيا وياجيرو ڏي، باقي ٻه ٽڪا بچاءِ سي خرچيءَ لاءِ شاهوڪار جي پٽ کي ڏنائين، تنهن ڳرو وياج ۽ پٽ واري خرچي ڏسي لوڀجي رپيا ڪڍي ڏنس، جنهن مان وهانءُ ڪري ورتائين. ڪڻ پني کان پوءِ ٻنهي کي ڳاڙهي ماڻ سان مئي ڏنائين، يعني ڳوٺ جي واڻئي کي اُهو ٽڪو ٻچيو، ۽ شهري واري شاهوڪار کي اُهي ٽيهه (٣٠) ٽڪا ڦٻيا.

۴٦۴ - لڪيون لوهارن کي ڇڏن ۾ ڇٽنگون.

ڇڏا هڪڙن لڳن جو نالو، جي سٽرن جي مٿان آهن، هن پهاڪي جو بنياد هن طرح آهي، جو هڪڙي لوهار لوهه تائڻ مهل ڇمڙو اڳيان نه رکيو، تنهن ڪري باهه جون ڇٽنگون ڪانچ ۾ لڳس ۽ ڪانچ سڙيس. فقير هڪڙي هي حال ڏسي اهو پهاڪو چيو، يعني باهه جي ڪم جي وهنوار مان اوڙڪ اهو حال ٿيندو. تنهن وانگي ٻڇڙي ڏنڏي رکڻ مان نيٺ جيڪا سا ابوجي.

۴٦۵ - لوڻ وجهي پت پائيوار ٿيو.

هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب ته هڪڙو آهي جو سيڪو ڄاڻي ٿو: تنهن سوڌو به دليل هي آهي، جو هڪڙو ماڻهو ناٿو لائي پت رڌي، پر لوڻ هڪيو نه هجيس، ۽ ٻيو ماڻهو ٿورو لوڻ جو توري ملهه جي شيءِ آهي، منجهس وجهي پت جو پاڳو گهريس: يا هڪڙو ماڻهو ٽڪا خرچي ڏرتي ڳنهي، ۽ پيسا لائي گهر اڏائي، پچاڙيءَ ۾ تَرُ لنبڻ لاءِ ٻيو ماڻهو پاٽيءَ جو چيٽو آئي ڏئيس ۽ گهر ۾ پائيواريءَ جي چب ڪري، اهڙن لاءِ هي پهاڪو چوڻ ۾ اچي.

٤٦٦ - لوپ ڇڏ تہ سون منن سان ورهائين.

سون منن سان ورهائڻ، هيءَ رواجي ڳالھ آهي، يعني بي ريائي ڪرڻ؛ مطلب هي آهي، جو جيسين هن ماڻهوءَ ڪي لوپ اندر ۾ آهي، تيسين امانت جو جوڳو نہ آهي؛ ۽ جڏهن لوپ ڇڏيائين تڏهن مائٽ ڪي، تهڙو ڏارئين ڪي ڄاڻندو ۽ امانت ۾ خيانت ڪڏهن نہ ڪندو، تہ سون جڻ مُنين سان ورهايائين. تنهن تي فارسي بيت پڻ آيو آهي:

| | |
|---|---|
| چو در چشم شاهد نيايد زرت، | جڏهن سون تنهنجي اک ۾ پيارو نہ لڳي، |
| زر و خاک يکسان نمايد برت. | سون ۽ مٽي هڪ جهڙا ڏسندين. |

٤٦٧ - لهي لوهہ بہ نہ، چي منهنجو نالو سون بائي.

هن پهاڪي جي لفظي معنيٰ پڌري آهي؛ مگر سمجهاڻي هيءَ اٿس، جو هڪڙو ماڻهو نڌر پنهنجي پيرن اڳيان ڪِريل ٻير بہ ڪٽي نہ سگهي، ۽ اُپ مان تاري لاهڻ جو دم هڻي. تنهن ڪي فارسيءَ وارو تو چوي:

| | |
|---|---|
| تو کار زمين راز نکو ساختي، | ڌرتيءَ جا سڀ ڪم پورا ڪيئي، |
| کہ بر آسمان نيز پرداختي. | هاڻي اُڀ تي پورا ڪرڻ هلئين. |

يا هڪڙو گينڊو گدڙ ڪان پڻ ڏڄندو هئي، ۽ شينهن سان وڙهڻ جي ٻٽاڪ هڻي. تنهن ڪي فارسيءَ وارو هي بيت ٻڌائي سمجهائي تو:

| | |
|---|---|
| مزن بانگ بر شير مردان درشت، | شينهن جهڙن ڏاڍن مڙسن سان دم نہ هڻ، |
| چو با کودکان بر نيائي بہ مشت. | جڏهن ڇوڪرن سان مُٺ ويڙهہ نہ پهچين. |

پر مطلب هي آهي، جو پنهنجي سگهہ ڪان واڌو ڊيڪ ڏيڻ نہ کپي.

٤٦٨ - لکين ليلائون چنيسر جي راڄ ۾.

چنيسر هن ملڪ ۾ آڳاٽو هڪڙو حاڪم ٿي لنگهيو آهي، جنهن جو نالو پهاڪي ۾ آيو آهي؛ ۽ سندس جوءِ جو نالو ليلان هو، تنهن ليلان هڪڙي جواهر جي لالچ تي پنهنجو مڙس ڪنئروءَ نالي زال ڪي اُڌارو ڏنو. پانيائين تہ مون جهڙي جوءِ چنيسر ڪي هٿ ڪا نہ لڳندي، تنهنڪري وري مون وٽ ايندو. پر هو ڪنئروءَ سان پرڻجي وينو. اُنهيءَ ليلان جي هٿ پڄڻ لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. مطلب جو اهڙيءَ عورت ڪي اهڙو اجايو هٿ نہ ڪرڻ گهرجي، جهڙيءَ ريت هڪڙو نوڪر هٿ ڪري ڄاڻي، جو مون جهڙو نوڪر راڄا ڪي ڪو نہ ملندو. پر اهو هٿ اجايو آهي؛ ڇا ڪان جو راڄائن وٽ نوڪر لک هزار، ۽ نوڪرن لاءِ راڄائون ٿورا. تنهنڪري نوڪر ڪي اهڙو هٿ نہ ڪرڻ گهرجي، فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| منت منہ کہ خذمت سلطان همي کنم: | ٿورو نہ رک تہ راڄا جي ٽهل تو ڪريان؛ |
| منت ازو ببرکہ بخذمت گذاشتت. | اُن جو ٿورو ڀاس جنهن ٽهل ۾ رکيئي. |

٤٦٩ - لتر ڪي چڪر پهچي.

لتن هٽڻ واري وهٽ کي جيڪڏهن ٻيو وهٽ ڪين ڪچندو؛ ته اُٿلو گهٽيون لتون هٽندو؛ پر جي اڳيان وري چڪ هٽندس، ته جان تان ڊڄندو، تنهن وانگي لچ جي اڳيان به ماٺ ڪبي، ته اُٿلو ٽيڱربو. پر جي ڏکي سان ڏکو ملندس، ته سمجهندو. تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| توهم کينہ ور باش چون فتنہ خواست، | تون پڻ جهيڙاڪار ٿيءُ جڏهن جهيڙو ڪڙو ٿيو، |
| ڪہ با کينہ ور مهرباني خطا است. | جو جهيڙاڪار تي توهه ڪرڻ پل آهي. |

۽ ٻئي هڪڙي پڻ هڪڙو بيت چيو آهي:

| | |
|---|---|
| ڪسي ڪہ لطف کند با تو خاکپايش باش؛ | توتي مهرباني جو ڪري تنهن جي پيرن جي مٽي ٿيءُ؛ |
| وگر خلاف کند در دو چشمش افگن خاک. | جيڪو ابتڙ ڪري ته اکين ۾ مٽي وجهينس. |

م

۴۷۰ - ماٺهو ٻتيهه لچٽو، موچڙو چٽيهه لچٽو.

موچڙو، جتيءَ جو هڪڙو پادر، پر هت مطلب سندس زور، يعني موچڙن هٽڻ وارو، ڪرڪي ڏاڍو، يعني جو ڪم سيڪنهن ماٺهوءَ ڪان ٿيندو، ڏاڍو ماٺهو جائي اُن ڪان واڏو ڪري سگهندو. موچڙي جي سلچٽائي ڏيکارڻ لاءِ هڪڙو مثل تو ڏيان:

جن ڏهاڙن ۾ شاهه شجاع الملڪ لاهور ۾ مهاراجا رنجيت سنگهه وٽ اچي بند ٿيو، تن ڏهاڙن ۾ هڪڙو هيرو (ڪوه نور) ساٽس هو. مهاراجا صاحب اُن هيري ونڻ جي لالچ ڪئي، پر بادشاهه ڏيڻ نہ باسيو، تنهنڪري مهاراجا صاحب پيئڻ جو پاٽي جهلي ڇڏيس، تڏهن ورچي هيرو ڪٽي ڏنائين. هڪڙي ڏهاڙي مهاراجا صاحب ساٽس گڏجاٽي ڪري چيس: "جو هيري جو ملهه چئو ته ڏيانءِ" تنهن کي موچڙو ڏيکاري چيائين جو هي ملهه اٿس، ڇا ڪان جو اڳين بادشاهن ڪان اُن ملهه تي ورتو هوم، تنهن اڳهه توکي ڏنم. ڏسو موچڙي جو ڪم.

۴۷۱ - موتيو اُتي مار، جاتي پاٽي هجي تار.

هن پهاڪي مان ٻيو ڏار مطلب ڪو نہ چاپي ٿو، رڳو لاڙ ملڪ جو رواجي آهي: هن ريت جو موتيو سارين جي اَن ۾ پوڪ ۾ هڪڙيءَ جنس جو نالو آهي، سا پوڪ گهٽي پاٽيءَ واريءَ ڍِنڍ ڏاران توري پاٽيءَ ۾ نہ پچي؛ تنهن لاءِ پهاڪي واري اهجاڻ ڏنو آهي.

۴۷۲ - مڙس جو پاهوڙن سان ميڙي آٽڻ، زال جو سُئيءَ سان ڪوتي ڪيڻ.

پاهوڙي هڪڙي ڪاٺ جي ڪوڏر جهڙي شيءِ آهي، جنهن سان گهٽو ڪري گهوڙن جي لڏ تارين. يعني پاهوڙيءَ سان جو وڏي شيءِ آهي گهٽو ميڙجي؛ ۽ سُئي جا سنهڙي آهي، تنهن سان تورو ڪوتجي، تنهنجو مطلب هي آهي، جو مڙس گهٽو ئي ڪمائي اچي ۽ زال تورو تورو ڪري وجائي ته به پورت نہ پوي؛ ڇا ڪان جو گهر جو ڏنڌو هلائڻ گهٽو ڪري زال جي هٿ ۾ آهي؛ تنهنڪري پهاڪي وارو زالن کي سنجم سان هلڻ لاءِ سمجهائي ٿو. اهڙي ڳالهه نمبر ۱۳ واري پهاڪي ۾ پڻ آئي آهي.

۴۷۳ - ماءُ ڇٽيندي پٽڙي، پاڳ نہ ڏيندي وند.

هن پهاڪي جي معنيٰ توڙي مطلب هي آهي، جو ماڻهُ هڪڙي پيٽ مان گهڻا پٽ ڄڻي، پر ڀاڳ هڪ جيترو ورهائي ڪين ڏئين. يعني سيڪنهن جو پاڻو واٽي ڪنهن جو ڪهڙو ڪنهن جو ڪهڙو ڀاڳ. جهڙو پنجابيءَ وارو چوي ٿو:

سج ايڪ پچاوين ڏون، پيءُ دا بخت نہ پتان هڪ سج بہ پاچولا، پيءُ جو بخت پٽن کي نا. ڪون.

## ٤٧٤ - مگن ڏاندي، ڪارڙي تاندي، مگ پچي، ڪارڙو مچي، مگ لُئو، ڪارڙو مُئو.

ڪارڙو، هڪڙو ڪارو تر ڪان پڻ ننڍڙو جيت لاڙ ملڪ ۾ ٿيندو آهي؛ ۽ ماڻهن کي چڪ پائي، جو مگن جو پوک چاپڻ وارن ڏهاڙن ۾ چاپي، ۽ مگن جي لاباري ۾ ناس ٿي وڃي، تنهن جي حال ڏيکارڻ لاءِ سياڻي هي پهاڪو ڏنو آهي.

## ٤٧٥ - مغلن اڳيان فارسي وسري وڃي.

مغل ماڻهو فارسيءَ جو گهر آهي، جن جي ٻولي ماڻهُ پيٽان فارسي آهي ۽ ٻين ڏيهن جا سڀ پوءِ سکن. تنهنڪري مغلن کي فارسي ٻولي سيني کان واڌو اچي؛ ۽ پهاڪي واري جو مطلب هي آهي، جو وڏي سياڻي اڳيان ٿوري عقل واري ماڻهوءَ جي دال نہ ڳري. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

| | |
|---|---|
| گرچہ شاطر بود خروس بجنگ، | ڪڪڙ جيڪڏهن جنگ ۾ گهڻو ڏاڍو هئي، |
| چہ زند پيش باز روئين چنگ. | تہ بہ باز ڏاڍي اڳيان چا چنبو هڻندو. |

## ٤٧٦ - مور چڱو، پر پير ڏنگا.

ڪنهن سلڇڻي ماڻهوءَ ۾ ڪو بڇڙو لڇڻ هئي، تہ هي پهاڪو مٿس لاڳو ٿئي، پر ايترو چئي نٿو سگهجي، تہ ڪو اُپاءُ بہ وِڏ هوندو. هن ڪري جو جڏهن مور جهڙي سهڻي پکيءَ جي پيرن ۾ وڏ، ۽ يوسف جهڙي سهڻي نبيءَ تي ڀانهپيءَ جي ويڪ، تڏهن ڏٺيءَ پاڪ ڏاران ٻيو ڪو ئي بہ عيب نہ آهي.

## ٤٧٧ - مَد پيوڻ، ذات پرکڻ.

مَد يعني نشو، پر هت شراب لاءِ چوي ٿو، تہ شراب پيئڻ کان پوءِ نشي ۾ سيڪنهن جو ٿوم بصر پڌرو ٿي پوي، يعني جيڪا ڪچائي کي دل ۾ هئي سا نڪري ٻاهر پوي. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| گوهر هر کس نا کس شود از مئي پيدا: | سيڪنهن چڱي مني جو حال شراب مان پڌرو |
| نتوان يافت دگر به ز مئي لعل مهک. | ٿئي؛ شراب جهڙي ڪسوٽي ٻي ڪا نہ ليي. |

## ٤٧٨ - مارڻ واري کان رکڻ وارو ويجهو آهي.

مارڻ وارو ويري، رکڻ وارو ڏٺي؛ جڏهن ڏٺي راکو آهي، تڏهن ويري چا ماري سگهندو؟ جهڙو فارسي بيت آهي:

| | |
|---|---|
| هزار دشمنم از قصد ميکنند هلاک، | هزار ويري جيڪڏهن منهنجي مارڻ واري ڪن، |

گرم تو دوستي ازدشمنان ندارم باک. جي تون سڄڻ آهين تہ ويرين جو ڊپ نہ اٿم.
۽ گرو نانڪ صاحب پڻ فرمايو آهي:
جس راکي تِسُ کوءِ نہ ماري. جنهن کي ڌڻي بچائي تنهن کي ڪو ئي نہ ماري.

۴٧٩ - موکِو پنهنجي مانيءِ مان پيٽ پري ڪائي، وجي ويهي مجلس ۾ تہ سيني سُهائي: چريو ڳالهائي تہ بہ بختاور بودلو.

موکِو يعني اجاڻ ماڻهو، اهڙو پاڳوان هئي جو ٻئي جو ڪان گهري نہ، ۽ پنهنجي ڌن مان پيٽ پاري، سو جيڪڏهن سڀا ۾ وڃي ابتو ئي ڳالهائي، تہ بہ ماڻهن کي وٽي. پر مطلب هي تہ مايا ڪلجڻ ڍڪڻي آهي.

۴٨٠ - مالڪ وڃن ٻيڙيءِ چڙهيا، شاهد وڃن گهوتا ڪائيندا.

هن پهاڪي جو بُڻ هي آهي جو "و" ۽ "ج" پاڻ ۾ جهيڙو ڪيو سو "د" ۽ "ص" رونشائين بيهي ڏنو. جڏهن سرڪار ۾ دانهن تي، تڏهن حڪم پٽاندر ٻئي ڌريون ۽ اُهي (د ۽ ص) رونشائي شاهد ڳهرِجي هليا: پر پتڻ لانگهو پند هو، جڏهن پتڻ جي ٻيڙيءِ تي آيا، تڏهن "و" ۽ "ج" جي وهيان هئا، سي پيسا ڏيئي ٻيڙيءِ ۾ چڙهيا، ۽ "د" ۽ "ص" جي وِلها هئا تن کي پيسن ڏاران پاڻيءِ نہ چاڙهيو، سي مولهاتا ٻڌي پاڻيءِ ۾ گهڙيا ۽ گهوتا ڪائڻ لڳا. سالڪ هڪڙي اهو رونشو ڏسي هي پهاڪو چيو. پر مطلب هي آهي، تہ جو غريب ماڻهو پنهنجو ڏنتو سيڙائي اهڙا رونشا ڏسندو، تنهن جو اهو حال ٿيندو.

۴٨١ - مَرُ سين سُڄاڻا، ٻئي جنگهون ڪاٺ ۾، کُهِ سين اڄاڻا، هنيون هندوري لوڏجي.

سياڻي گڏ ڪاٺ ۾ بہ باسي تہ، ۽ اڄاڻ گڏ هندوري ۾ لڏڻ بہ نتو وڻيس، ڇا ڪان جو چڱيءِ سنگت ۾ توڙي ڦريائين ڏک ڏسڻ ۾ ايندو، تہ بہ نيٺ منجهانس ڀلو ٿيندو، ٻچڙيءِ سنگت ۾ سک ڏيکاري ڏيندو، تہ بہ اوڙڪ ٻچڙائي ٿيندي. فارسيءِ واري پڻ اها ڳالهہ باسي هڪڙو بيت چيو آهي:

پاي در زنجير پيش عاقلان، سياڻن گڏ پير ۾ ٻيڙي،
به که اندر بوستان با جاهلان. ڏڏن گڏ باغ ۾ هئڻ ڪان چڱو.

۴٨٢ - مرسان مرسان، پر ڊپ نہ چرسان.

جهڙيءِ ريت شينهن بک ۾ مري تہ بہ ڊپ يعني گاهہ ڪين ڪائي، تهڙيءِ ريت اشراف ماڻهو توڙي بک مرندو، تہ بہ ڪُڇ پڇ نہ ڪائيندو، يا نہ ڪرڻ جو ڪم نہ ڪندو. تنهن تي هنديءِ واري بہ چيو آهي:

پلو پلائي ناتجي، بري نہ راکي آس، چڱو چڱائي نہ ڇڏي ٻچڙائيءِ جو سوس بہ نہ رکي،
سات دوَسَ پوکن مري، شنگهہ نہ اچوي گهاس. ست ڏهاڙا بک مري تہ بہ شينهن گاهہ نہ ڪائي.

۴٨٣ - ماڻهو سڀ چڱا، پر کي ڪن سان کي ڪن سان.

جهڙو هڪڙو راجا نياءَ وارو، جو هلندي پونءِ نہ ڏکوئي، جو گهڻن ماڻهن کي وٽي، پر جنهن ڏوهاريءَ کي سزا ڏيندو، سو هن کي ڪتان چڱو ڇاڻندو، تنهن وانگي ٻيو هڪڙو راجا ظالم جنهن ڪان گهڻا ماڻهو ڏکويل هجن، پر جن پنهنجن متن مائٽن تي مهرباني ڪندو هوندو، سي اجائي گرهانس راضي رهندا.

## ۴۸۴ - ماچي تہ ناچي.

جهڙيءَ طرح هڪڙو ڍور گاه ڪائي تلهو ٿئي، تہ نينگ ڏئي، تهڙيءَ طرح ماڻهوءَ وٽ بہ جڏهن ناڻو گڏ ٿئي، تڏهن تند ڪري، ۽ ڊونگل ڍاري. جهڙو گوسائين تلسيداس جو وچن آهي:

اس نه ڪو جن مان جگ ماهين، اهڙو جهان ۾ ڄائو ئي ڪو نہ آهي،
پريتا پاءِ جاسُ مد ناهين. وڏ-پائي جو جنهن کي نشو نہ آهي.

فارسيءَ واري چيو آهي:

بيذق شطرنج را چون منصب فرزين رسد، شطرنج جي پيادي کي جڏهن گهوڙي جي جاءِ
رهوري را واگذارد کجروي گيرد بہ پيش. ملي، سنئون هلڻ ڇڏي ڏنگو هلڻ سِٽي.

## ۴۸۵ - ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنجهہ، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

هن پهاڪي جي معنيٰ ۽ مطلب کي سيڪو سمجهندو هوندو: جهڙو چئجي تہ ماڻهو بہ سڀ يوسف جهڙا سهڻا نہ آهن، ۽ ڪاٺ بہ سڀ چندن جهڙا سُرها نہ آهن. ۽ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

نہ هر زن زن است و نہ هر مرد مرد؛ نہ زالون سڀ زالون نہ مڙس سڀ مڙس،
خدا پنج انگشت يکسان نکرد. ڏٺيءَ پنج آڱريون هڪ جهڙيون نہ ڪيون.

۽ سنسڪرت واري پڻ چيو آهي:

شيلي شيلي نہ ماڻڪيا، موڪتڪا نہ گجي گجي، نہ سيڪنهن جبل ۾ ماڻڪ، نہ سيڪنهن هاٿيءَ ۾ موتي،
ساڌو نہ سروتر، چندنو نہ وني وني. ساڌ بہ سڀ نہ آهن، نہ سڀ جهنگ ۾ چندن آهي.

## ۴۸٦ - مروان موت ملوڪان شڪار، يا مڇيءَ موت ميئي شڪار.

يعني هڪڙي کي مرڻ جهڙو ڊپ، ٻئي کي رڳو رونشو: تنهن وانگي هڪڙا هوند وارا بي قياس ماڻهو پنهنجي توري رونشي لاءِ ٻئي غريب جي زيان جي پرواهہ نہ رکن. پر چڱو هي آهي، جو پرائي ڏک جو پڻ پنهنجي ڏک جهڙو ارمان ڪرڻ گهرجي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

آنچہ بر خود نہ پسندي، پر ديگران هم مپسند. جيڪي پاڻ لاءِ نہ وڻيئي، سو ٻين لاءِ نہ گهُرُ.

## ۴۸۷ - موا پرُ، پتجن هيل.

جو جڏهن مري، سو تڏهن پتجي، ۽ پروڪي مئل کي هيل ڪو نہ پتي. تنهن وانگي جا ڳالهہ جڏهن هلي، يا جو ڪم جاتي ٿئي، تڏهن تاتي اُن جو ويچار نهي. جي تي لنگهڻ ڪان پوءِ بہ ڪبو، تہ ڇا گسندو؟ جهڙو پراڻو ٽپڙو ڪيڏي ٻانيڻ تٽ وار بڌائي.

## ۴۸۸ - مُئا آهن جيئرن جي وس.

هن پهاڪي جي اڪري معنيٰ پڌري آهي؛ پر مطلب سندس هي آهي، جو هي دنيا جا ماڻهو سڀ مُئن جي آچار آهن، جيئرو هڪڙو پاڻ ڏٽي پاڪ آهي. ان لاءِ فارسي پهاڪو پڻ آيو آهي:

مرده بدست زنده. مُئا آهن جيئرن جي وس.

۴۸۹ - محبتي مڙن، تہ تنهين لوڪن لڪ پوي.

محبتي يعني نيهي، هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ تي لوڪ چيا آهن: هڪڙو سُرگ يعني اُپ، ٻيو مِرتُ يعني ڌرتي، ٽيون پاتال يعني ڌرتيءَ ڪان هيٺ جو لوڪ آهي. پهاڪي جي معنيٰ هيءَ آهي، جو جيڪڏهن عاشق ڦِرن، تہ سيڪنهن هنڌ سُڌ تي وڃي؛ ءِ مطلب هي آهي، جو سچن عاشقن تي جيڪڏهن سوڙهہ پوي، تہ بہ پنهنجي سچائيءَ ڪان نہ گسن. جهڙو فارسي بيت آهي:

آسمان گر تيغ بارد سر نہ خارد اهل دل، جيڪڏهن اُپ تراريون وسائي تہ بہ نيهي متو نہ
زخم ناخن بر سر نامرد چون خنجر بود. کنهن، گانڌوءَ کي نهن جو چِهڪُ پڻ ڪٽاريءَ جهڙو هئي.

۴۹۰ - مُنهنَ ڪونئري ڳِنا پٽائي.

منهن ڪونئري يعني منو ڳالهائڻ وارو. منو ڳالهائڻ چڱو آهي، پر جاتي ڪڙو ڳالهائڻ ڪم ايندو، تاتي منو ڳالهائڻ مورڳو گهر جو گهاتو. تنهن لاءِ فارسيءَ وارو چوي ٿو:

وقتي بہ قهر گوۂ کہ یک کوزه نبات، ڪنهن مهل ڪڙو بہ ڳالهائي، جو مصريءَ جو
گه گه چنان بكار نيايد كہ حنظلي. ڪُپڙو، ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ڪم نہ اچي جهڙو کي توهہ.

۴۹۱ - مُڙيا، سي جُڙيا.

مڙڻ يعني ٿري چڏڻ، هي پهاڪي وارو ڪاند ڪرڻ لاءِ تو سمجهائي، يعني جيڪڏهن ڪنهن ڪان اهنج پهچيئي تہ بہ ڪاند ڪري مڙي وڃ، تہ ڏٽي توتي توهہ ڪري. اهڙو فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

گر گرندت رسد تحمل کن؛ جيڪڏهن ڪنهن ڪان اهنج پهچيئي تہ ڪاند ڪر،
کہ بہ عفو از گناه پاک شوي. جو اوسراڻ سان پاپن ڪان ڇٽندين.

۴۹۲ - ملڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي.

هي پهاڪو مايا جا کيل ڏيکاري ٿو، جنهن ۾ هڪڙا ڏکيا، هڪڙا سکيا، هڪڙا پيا رئن، هڪڙا کلندا وتن، هڪڙا وينا راڄ ڪمائين، هڪڙا وتن پنندا. فارسيءَ وارو پڻ شاهد آهي:

يکي را بُرون رفتد ز اندازه مال؛ هڪڙي کي ڳاٽيتي ڪان بہ مال گهڻو؛
يکي را غم نان و خرج عيال. هڪڙي کي مانيءَ ۽ ٻارن جي قوت جي ڳِٽتي.

۴۹۳ - مينهن ڍائي هوري هلي، رڍ ڍائي نينگ ڏئي.

مينهن وڏو وهٽ آهي، سو جي ڊاپي، ته پنهنجي ڳورائيءَ ڪان هري هلي ۽ رڍ هلڪڙي آهي سا ڊئجي ته ڊوڙون پائي ۽ اُچانگ ماري. تنهن وانگي سڪر ماڻهو پڻ جيئن وڏو پد پائيندو، تيئن نئڙت گهٽي ڪندو، ۽ نِڪرَ ڪي ٿورو ڏوَ ڏيندو ته به گهٽي ٿانءِ ڪندو.

### ۴۹۵ - منهن ڏسي تلڪ ڏجي.

تلڪ، هندڪو اُهجاڻ نرڙ ۾ ڏيڻ جو آهي، يعني جنهن جو منهن تلڪ جو لائق هجي تنهن کي ڏجي، جو نه، تنهن کي نه: تنهن وانگي جو ماڻهو کهل جو جوڳو هئي، تنهن تي کهل ڪجي، نا ته نه. تنهن تي هڪڙو فارسي بيت به آهي:

پسنديد است بخشايس، و ليکن،
منه بر ريش خلق آزار مرهم.

اوسراڻ ڪرڻ چڱو آهي پر،
ماڻهو ڏکوئيندڙ جي ڦٽ تي ملم نه لاءِ.

### ۴۹۵ - ماديءَ ڪڪڙ به ڪڌهن بانگ ڏني.

بانگ ڏيڻ نر ڪڪڙ جو ڪم آهي، ۽ مادي ڪڌهن بانگ نه ڏئي، جهڙوڪي سَنڍِ زال بار ڄڻي، جهڙوڪي ڪانئر جنگ ڪري، تهڙو لابر ڄڻي ماڻهوءَ ڪان چگمڙسي ٿئي.

### ۴۹۶ - مئي کي مارڻ سوره جي گلا.

جيتوڙي ته پهاڪي ۾ حرف مئي کي مارڻ آيو آهي، پر جو مري پيو هوندو، تنهن کي ڇا ڪو ماريندو: پر مطلب هي آهي، جو تنهنجي هڪڙي ويريءَ جي مايا ناس ٿي وڃي ۽ کُٽي تِرين پر ٿئي، يا نوڪري ٽٽي وڃيس ۽ اڳتي به نوڪريءَ ڪان نڪمو ٿي رهي، تڏهن توکي هيءُ سمجهڻ کپي، ته هن کي ڏٽيءَ ماريو آهي. تنهن کي ڇا ماربو، ۽ جي اهڙي کي مارينديِن ته گلارو ٿيندين.

### ۴۹۷ - ماءُ مري رُکي، سُکي، ڏيءُ دا نالا ڏهي.

ملڪ جي هلت آهي، جو هڪڙن ماڻهن جا نالا، ذات يا جنس جي ناهه پٽاندر رکن: جهڙو هڪڙي سهڻي جو نالو يوسف، يا هڪڙي پچن واري جو نالو ساڌو، يا هڪڙي سياڻي جو نالو لقمان، ۽ هڪڙن ماڻهن جا نالا ذات يا جنس جي اُبتڙ رکن، جهڙو هڪڙي شيديءَ جو نالو الماس يا ياقوت، يا هڪڙي مهاڻي جو نالو چنڊ يا هڪڙيءَ اجاڻ عورت جو نالو سياڻي: تنهن وانگي هڪڙي غريب زال جنهن کي رکي ماني به مس مس ملندي هئي، سا پنهنجي ڏيءُ جو نالو ڏهي يعني ڏڌ رکندي، ته نالي رکئي ان جي رُکائي ڇڏي ويندي ڇا؟ جهڙيءَ ريت هڪڙو اگهو ماڻهو ٻُکيءَ لاءِ ويڄ وٽ وڃي ۽ طبيب دوا چويس، سا ڪري ڪين، رڳو دوا جو نالو چوندو وتي، ته ڪٿان چٽندو؟ تهڙيءَ ريت هڪڙو درويش پنهنجي ٻالڪي کي سمجهائي ته ڏٽيءَ جو پچن ڪر، اهو چيلو اهي ساڳيا اکر "پچن ڪر" وات سان چوندو وتندو، پچن هڏهين ڪين ڪندو، سو ڇا پرائيندو؟ تنهن تي ساميءَ جو سلوڪ آهي:

"مک سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي،
اَنَّ پاڻيءَ جي نانوَ سان اُڃ بک ڪين لهي."

### ۴۹۸ - ماريءَ جي گهر هڏن جو ڍير.

ماري يعني پڪين يا مِرن ڪي قاسائي، تنهن سان پيٽ پريندڙ. مطلب تہ اهڙيءَ ڪمائيءَ واري جي گهر ۾ هڏن ڏاران ٻيو ڇا هوندو؟ تنهن وانگي جو پاپ ڪري ناڻو ميڙيندو، سو سائو ڪٿان ٿيندو.

۴۹۹ - ميهر مينهن مان نڪتو، وَڇن ڪهڙي پارت.

جڏهن مينهن جو ڏٽي هڪڙو ميهار ڪيڏي ٻيو رکي، تڏهن پراڻي ميهر جو وَڇن جي پارت سان ڇا؟ جهڙيءَ طرح هڪڙي راجا جو راڄ ٻيو ڪسي وٺي، تڏهن اڳوٽي راجا جو ڇا جو ڪوٺن ۽ هٿيارن ۽ گهوڙن جي پارت ڪري. تنهن وانگي هي ماڻهو پڻ ڏسي ٿو، جو نيٺ چوٽي موت جي هٿ آهي، تڏهن مايا جي وهنوارن جي ڳڻتي ڇو ٿو ڪري؛ ۽ جيڪڏهن اِن اشاري ڏي نہ نهاريندو، تہ ڏٽيءَ جي يادگيريءَ ڪان پري رهندو.

۵۰۰ - مارئي ڪان پڏايو چڱو آهي.

پڏايو يعني ڏيجاريو. جڏهن ويري هٿ ۾ اچي، تڏهن سياڻي ڪي گهرجي، جو ٽَڪَ وهندي ماري نہ ڇڏيس، ۽ چڱو هي آهي، جو ڏيجاري ڇڏائيس: ڇا ڪان جو ڪاوڙ مهل جيئري ڪي مارڻ سنهنجو آهي، پر ڪاوڙ لٿي جيڪڏهن پڇتائيندو، تہ وري جيئاري ڪين سگهندو. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

| | |
|---|---|
| نيک سهل است، زنده بيجان کرد؛ | چڱو سَولو آهي جيئري ڪي مارڻ، |
| کُشته را باز زنده نتوان کرده. | ڪنل ڪي وري جيئاري نہ سگهبو. |

۵۰۱ - موتين جي پرک مان ڇا ڄاڻي شيشه گر.

جهڙو چئجي سون جي پرک مان پانساني ڇا ڄاڻي، يا ڪتوريءَ جي اگهہ جي ڊَبگر ڪي ڪهڙي سڌ، تنهن وانگي راڄ جون مصلحتون پينار ڇا سمجهي. جهڙو خواجہ حافظ چيو آهي:

| | |
|---|---|
| گداي گوشه نشيني، تو حافظا خاموش، | پينار ڪند وهندڙ آهين حافظ ماٺ ڪر؛ |
| رموز مملکت ملک خسروان دانند. | راڄ جون صلاحون راجائون ڄاڻن. |

۵۰۲ - مِلَڪ ۾ ڏيڊ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾.

ڪجور يعني ڪجيءَ جو وڻ، جنهن ماڻهوءَ ڪي رڳو هڪڙو بہ وڻ ڪجيءَ جو هئي، ۽ اُن ڪي باغ سمجهي ڪٽ وڇائي تنهن ۾ ليٽي، تہ اُن جي سمجهہ اجائي ڄاڻجي، تنهن وانگي هن ماڻهوءَ ڪي دنيا ۾ رهڻ جي ويرم ٿوري آهي، تنهن تي وسهي پسارا ڪرڻ پڻ اجائي ڳالهہ آهي. جهڙو گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

| | |
|---|---|
| اک ميٽندي رهہ گئي، مک وچ رهيا گراس، | اک ڇنيندي رهي ۽ وات ۾ گره رهي ويو؛ |
| لعنت اُسدي عقل نون، جو دم دا ڪري وساس. | اُن جي عقل ڪي ڦٽ آهي جو پلڪ جو ويسه ڪري. |

۵۰۳ - ميون ڳور لائق، ٻيبي سيج لائق.

ڳور لائق يعني پوڙهو قبر وڃڻ جهڙو، سيج لائق يعني جوان، مطلب هي جو مڙس پوڙهو ۽ زال جوان. پلا ويچار گهرجي، جو مڙس جوان ڪي پوڙهيءَ زال جي صحبت ڪان ڪهڙي ٻجان لڳندي

آهي، تڏهن زال جوان کي مڙس پوڙهي جي صحبت ڪٺان وٽندي هوندي. تهڙيءَ پر هڪ جهڙيءَ صحبت ڏاران بي صحبت ڪنهن کي به نه وڻي. جهڙو فارسيءَ واري بيت چيو آهي:

چو طوطي ڪُلاغش بود هم نفس، جڏهن چتونءَ سان ڪانءُ گڏ هئي،
غنيمت شمارد خلاص از قفس. تڏهن پڃري مان ڇٽڻ غنيمت ڳڻي.

### ۵۰۴ - مُلو مُئو، مُهابو لٿو.

ملو يعني چوڪرن پڙهائڻ وارو، مهابو يعني لحاظ. پڙهڻ وارن چوڪرن جو لحاظ مُلي سان رڳو سبق پڙهڻ تائين آهي. تنهن جو هي فارسي دليل:

دوستي ملايان تا به طبق، ملن جي پريت طبق* تائين،
دوستي ڪان ڪودتا به سبق. چوڪرن جي پريت سبق تائين.

پلا جڏهن ملي جيئري جو مهابو سبق ڪان پوءِ ڇڏيائون، تڏهن ملي مئي ڪان پوءِ ڪهڙو مهابو رهندن. پر اها ڪُلالائي لاہڙ-چٽين جو ڪم آهي، جو اشرافن مڙسن کي نه وڻي.

* يعني ڪاچ جو ٿانءُ.

### ۵۰۵ - ميان جي مڏي، به ڏنڊڻ ٿين تڏي.

هڪڙا ماڻهو ٿوريءَ هوند وارا ٿانءِ گهٽي ڪن، تن لاءِ هي پهاڪو آيو آهي. اُن تي هڪڙو نقل آيو آهي:

هڪڙو مسافر ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي لٿو، پر وچاٽو ساڻ ڪو نه هوس: رڳو لباس ساڻس هو، جو ڏينهن ڪلهن ۾ ڏڪيندو هو، ۽ سمهڻ مهل اوڇڻ ڪندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو مهمان آيو ٻڌي وٽس گڏجڻ آيا. جڏهن ڳچ ويرم لنگهي، پانيائين جو ڳوٺ وارا اُٿن، ته نند ڪريان، تڏهن مِنهن ڪري نوڪر کي چيائين، جو وچاٽو جوڙ ته سمهندس، پر نوڪر ڪن لاٿار ڪئي. تڏهن وري نوڪر کي هنڌ جوڙڻ لاءِ چيائين، ته به نوڪر ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٽٽائي ڇڏيو. ٿوري ڪان پوءِ وري وچاٽي جوڙڻ لاءِ چيائينس: تڏهن نوڪر چيس، سائين، هنڌ تنهنجي ڳچيءَ ۾ آهي لباتو، ٻيو ڇا وڇايان؟ اها ورندي ٻڌي ڳوناٽا ڪلي ڪيرا ٿيا، مسافر ڦڪو ٿيو. مطلب جو هوند ڪان واڌو ٽند ڪرڻ مورڳو ڦڪائي آهي.

### ۵۰۶ - مئا به ڪڏهن مسڻ مان موٽيا آهن.

جو ماڻهو مري مساڻ يا مقام ۾ ويو، تنهن جو وري موٽڻ ڏٺو نه ٻڌو. تهڙيءَ ريت مهل هٿان ويل به وري هٿ نه ايندي، تنهنڪري ڳهرجي جو هلنديءَ چلنديءَ ۾ ڏٽيءَ جي يادگيري ڪري اڳ جو توشو هٿ آڻجي، متان پوءِ مهل هٿ نه اچي. جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

جوانا رهي طاعت امروز گير: اي جوان، اڄ ڏٽيءَ جي يادگيري ڪر:
ڪه فردا جواني نيايد ز پير. جو سياٽي پوڙهي ڪان جوانيءَ جو ڪم نه ٿيندو.

ن

۵۰۷ - تُهن سان ڇجي، تہ ڪاتي جو وجهجي؟

هن پهاڪي جو مطلب ساڳيو نمبر ۴۳۷ واري پهاڪي ۾ پڻ آيو آهي: يعني جو ڪم هري ۽ توري ڳالهائڻ سان ڇٽي: تنهن لاءِ ڏاڍيان يا گهٽو نہ ڳالهائجي. ان ڪاڻ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

اگر برآيد بہ نرمي و هوش، جيڪڏهن ڪونئرائي ۽ ڏاهپ سان ٿي اچي،
بہ تندي و خشم و درشتي مکوش. تہ تکائيءَ ۽ ڏمر ڏاڍائيءَ سان نہ رِڻ.

۵۰۸ - نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سکايو آهي.

يعني عقل بہ پاڻ وٽ سيڪو گهٽو جاڻي: جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

گر از بساط زمين عقل منهدم گردد، سڄيءَ ڌرتيءَ تان جيڪڏهن عقل ناس ٿي وڃي،
بخود گمان نہ برد هيچکس کہ نادانم. پاڻ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آڻي تہ ڪو اجاڻ آهيان.

۽ سونهن ۾ پڻ پاڻ کي گهٽ ڪو نہ ڄاڻي، جهڙو چوڪر نقل ڪندا آهن جو ڏيڏريون پاڻ ۾ گڏ ٿي وينيون هيون، ۽ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳيون جو جڏهن اسان کي ڌڻيءَ اُپايو، تڏهن حورن اپائڻ جو کهڙو کپ هو. ڏسو جڏهن ڏيڏرن کي پنهنجي سونهن تي ايترو هٺ، تڏهن ٻيو ڪير آهي، جو پاڻ کي سهڻو نہ ڄاڻندو؟

۵۰۹ - نہ ڏي، نہ ڏکوءِ.

مطلب هي آهي، جو ڪنهن کي ڪي بہ ڏيڻ چڱو آهي، پر جي ڏيئي نہ سگهجي، تہ ڏکوئڻ ڪار نہ آهي. تنهن تي فارسي پهاڪو پڻ آهي:

چيزي مده درويش را، چيزي مگو درويش را. فقير کي ڏي بہ ڪين، تہ فقير کي چوُ بہ ڪين.

۵۱۰ - ناٽو نَرَ چُتو ڪري.

ناٽو يعني دولت اهڙي شيءِ آهي، جا اَڻ ناين کي نائي ڇڏي. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

هرکہ زر ديد سر فرود آورد، جنهن ناٽو ڏٺو تنهن متو نايو:
ور ترازوي آهني دوش ست. توڙي لوهن متن واري ساهمي هئي.

۵۱۱ - ناٽو جهڙي تاوَ سان گهرجي، تهڙي تاوَ سان نڪري.

هن پهاڪي جو بنياد هن پر آهي، جو مير صاحبن جي راڄ ۾ حسن شاه تحصيلداريءَ جو ڪم ڪندو هو: ان ڏهاڙن ۾ هڪڙي هاريءَ ڏي رپيو رائر جو هو، تنهن کان مان ياءَ سان گهري ٿڪو، تہ نہ ڏنائين. نيٺ ڌرتيءَ ۾ ڏرا کٽائي تنهن ۾ سنديس ٻانهون پوري اُس ۾ وهاريائينس، تڏهن منجهانس مس ستوءَ: يعني پٽڪي ۾ رپيو ٻڌل هوس، سو ڇوڙي ڏنائين. تڏهن ٻين چيس، جو رپئي ساڻ هوندي هيتري مار چو ٿي کاڌءِ؟ چي ڙي يار! رپيو بہ ائين تہ نہ ڄاڻي، تہ ڪنهن ڳاندوءَ جي هڙ ۾ هوس. مطلب، جو سالڪ هڪڙي سيد کي چيو جو توري ناٽي لاءِ ايترو مارڻ نہ گهربو هو، تنهن کي هي پهاڪو پڙهي ٻڌايائين. حاصل ڳالهہ جو ناٽو هڙان ڇوڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

۵۱۲ - نڪي پاراتن ۾ نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا پاڙڻ پوءِ پيا.

اڪرن جي معنيٰ پڌري آهي، مگر مطلب هي آهي، جو جيڪي نصيب ۾ انگ لکيل هوندا سي پوندا، ڪڏهن ڪين ٽرندا، پوءِ توڙي ڪو ڏک پريو، ته به پوڳيندو، جي راضي رهندو ته به لوڙيندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

قضا دگر نشود گر هزار ناله و آه،
به شکر يا به شڪايت برايد از دهني.

لکيو ڪين ڦري، جيڪڏهن هزار دانهون ڪوڪون،
شڪر سان يا گلا سان ڪنهن وات مان نڪرنديون.

## ۵۱۳ - نئن به تکي، ڳڙ به متو.

جهڙيءَ ريت، هڪڙيءَ نئن جي پراڙ ڪنهن کي ڳڙ ملڻ جو دلاسو هجي، پر جي نئن ۾ گهڙي ته وهڪري ۾ لڙهي وڃي، نا ته ڳڙ کائڻ جو ارمان رهيس، پر مطلب هي آهي، جو مايا جو ڏنڌو اهڙو آهي، جو جنهن وٽ نه آهي سو سندس هيچ جي وگهي ڏک ڏسي: ۽ جنهن وٽ آهي، سو سندس ڏنڌي ۾ موڙهو وتي پر ٻنهين طرح ڏٽي وسريو وڃي. تنهن تي فارسي مثل آهي:

اي فرزند آدم، اگر تونگر باشي، مشتغل شوي بمال،
اگر درويش شوي تنگدل نشيني بمال،
پس حلاوت ذڪر حق ڪجا يابي؟
و به عبادتش ڪي شتابي.

اي ماڻهوءَ جا پٽ جي وهيون هئين ته مال ۾ رجهين،
جي فقير ٿين، ته اُٺ تڻ ۾ موڙه سوڙه ٿين:
پوءِ ڏٽيءَ جي يادگيريءَ جو سواد ڪٿان لهندين؟
۽ سندس بندگيءَ ڏي ڪڏهن ڊوڙندين.

## ۵۱۴ - نندي وات مان وڏو ويڻ نه ڪيجي.

ويڻ يعني مهڻو، يا طعنو، يا ٻيو بڇڙو ڳالهڙ: پهاڪي وارو جي مان ڳالهه جو سنجم ڪرڻ چڱو جاڻي تاڪيد ٿو ڪري. جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

زبان شڪل زنان دارد، زنان را سَتُر در ڪار ست،
شڪستن سَتُر مستوراة به پيش عاقلان عار ست.

جي ڪي صورت زال جي آهي، زالن کي ستر گهرجي: ستر وارن جو ستر پڄڻ سياڻن کي ويڪ آهي.

هن ٻُجهارت جو بيان

زبان يعني جيڀ، زنان يعني زالون، ٻنهي حرفن جي صورت هڪ جهڙي: رڳي هڪڙي نقطي جو ڦير آهي.

## ۵۱۵ - نه ڪنهن جي ڪتي کي هٿ لاءِ، نه پنهنجو پَٽ پُٽاءِ.

پَٽ جي پُٽائي يعني پٽ جي ڪپڙي کي بڇڙو چوائڻ. هي پهاڪي وارو چوي ٿو ته ڪنهن کي بڇڙو نه ڳالهاءِ ته توکي بڇڙو ڪو نه ڳالهائي، ۽ نه ڪنهن جو مان لاهه ته تنهنجو مان به ڪو نه لاهي: يعني تنهنجو مان تو وهيٽو آهي. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

چ نيڪو زده ست اين مثل برهمن،
بود حرمت هرڪس از خويشتن.

ڪهڙو چڱو مثل ٻانيڻ چيو آهي،
سيڪنهن جو مان پاڻ وهيٽو آهي.

٥١٦ - ناٽو سو جو ڳنڍ، ٻاٽي سا جا ڪنٺ.

ٻاٽي يعني جيڪي پڙهجي، پهاڪي جو مطلب هي آهي، ته ناٽو اُهو ڪم ايندو، جو هڙ ۾ يعني پاڻ وٽ هوندو، تهڙيءَ ريت علم اُهو ڪم ايندو، جو ڪنٺ يعني ياد هوندو. تنهن تي فارسي بيت آيو آهي:

| | |
|---|---|
| علم همان نيست ڪه در جلد ميش، | اهو علم ڪار نه آهي جو چم جي جلد يعني |
| علم همان ست ڪه در جلد خويش. | ڪتاب ۾، اهو علم ڪار آهي جو پنهنجي چم يعني دل ۾. |

٥١٧ - نه ڪَتي، نه ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.

جيڪي زالون ڪَتي سُٽ مان ڪپڙو اُڻائن، تن کي جائي ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻي پوي: پر جيڪي موران نه ڪتن، تن کي کهڙي ڪاڻ؟ تنهن وانگي جو ماڻهو ماڳان بچڙي ڪم ڪان پري هوندو، تنهن کي جواب پچندڙ جو کهڙو ڊپ؟ جهڙو فارسي مثل آهي:

| | |
|---|---|
| آنرا ڪه پاڪ ست از محاسبه چه پاڪ؟ | جنهن جو ليکو چوکو آهي تنهن کي ليکي وٺندڙ جو ڇا ڊپ؟ |

٥١٨ - نانگ ريجهائڻ سولو، پر ڪرو ڪو ڳوهه ريجهائي.

سلڇڻي ماڻهوءَ کي ڪو ڳڻ سيکاربو، ته هرويرو سکي پوندو: ۽ ڪلڇڻي ماڻهوءَ کي جو ڳوهه جهڙو آهي جيڪي سيکاربو، سو ڪين سکندو. جهڙو فارسي بيت آهي:

| | |
|---|---|
| باران ڪه در لطافت طبعش خلاف نيست، | مينهن جي موچارائيءَ ۾ ڪو قير نه آهي، |
| در باغ لاله رويد در شور خار و خس. | باغ ۾ گل ڄاپن، کلر ۾ ڪنڊا ڪک. |

٥١٩ - نيچ نوڪري، اُتم کيتي، وڻنت واپار.

هي پهاڪي وارو بنيءَ ۽ واپار جي ڪرت کي ساراهي، نوڪريءَ جي ڪرت جي گلا ٿو ڪري. سا ڳالهه سچ آهي: ڇا ڪان جو نوڪريءَ وارو ماڻهو سدا پرائي وس ۾ رهي ٿو. تنهنڪري فارسيءَ وارو پڻ نوڪريءَ کي اَڻ وڻندڙ ڄاڻي گلا ڪري ٿو:

| | |
|---|---|
| نان جَوي خوردن، و بر زمين نشستن، | جَوَن جي ماني کائڻ، ڌرتيءَ تي وهڻ: |
| به ڪه ڪمر زرين بستن، و در خدمت سلطان استادن. | سوني ترار ٻڌي راجا اڳيان بيهڻ کان چڱو. |

٥٢٠ - نندي مري نه مايڙي، ٻُڍي مري نه جوءِ، ڪنٺ چوڙيلي نا مري، مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ.

ڪنٺ يعني مڙس، چوڙيلي يعني جوان جوءِ، هن پهاڪي مان بيو ڌار مطلب ڪو نه ٿو نڪري: مگر ايترو آهي جو جنهن ٻار جي ماءُ ننڍپڻ ۾ مرندي سو چورو تي ڏک ڏسندو، ۽ جنهن مڙس جي ٻڍاپڻ ۾ جوءِ مرندي، سو پڻ اهنجا ڏينهن لنگهائيندو: جنهن عورت جو جوانيءَ ۾ مڙس مرندو، سا رناپڻ جو ڏهاڳ ڏسندي.

٥٢١ - نڪي ديگرن مال ميڙيو، نڪي سُرهيا ٻک موا.

ڏبگرن جو ڪم بچڙيءَ ڏپ وارو آهي، ۽ سُرهين جي ڪرت سني سڳنڌ واري آهي: تن لاءِ پهاڪي وارو چوي ٿو تہ هُنن ڪني ڪرت متي تي ڪنئين، تہ ايترو ناٽو ڳڏ ڪو نہ ڪيائون، جو وتن سدائين رهي، ۽ هنن سني ڪرت ڪئي تہ بہ اهڙا سچا ڪين ٿيا جو بک مرن. تنهن وانگي جو ماڻهو چوريءَ يا ڪپت يا ٺڳيءَ مان گهڻو ناڻو ڪمائيندو، تنهن وٽ بہ سدا ڪين رهندو، ۽ جو پل- مانسائيءَ جي ڪرت مان ٿورو ڳڏ ڪندو سو بک ڪين مرندو.

## ٥٢٢ - نون ميهارن مينهون ڏاريون، لاهي ڏونهيون ٻاريون.

ميهار ماڻهو گهڻو تڻو مينهن جي وٿاڻ ۾ ڇيٽا ڳڏ ڪري ڏونهي ٻارين: پر ڪتو ڪو نہ ڏونهيءَ ۾ ٻارين. تڏهن هي پهاڪو اڻ پرڪيل ماڻهوءَ سان لاڳو ٿو ٿئي، جو نيازموده ڪري ماڻهو جائي اُبتو ڪم ڪندو، جو ڦِتڪيءَ ڪي مصري، ۽ لوڻ ڪي ڪنڊ ڄاڻندو.

## ٥٢٣ - نئين سناسڻ چيلهہ ۾ ڄٽائون.

هندو مذهب جا سناسي فقير متي جي وارن ۾ ٻڙ جو کير ۽ رک وجهي نوڙن وانگي وٽي متي تي ويڙهن، تن کي ڄٽائون چئجي: پر اُهي چيلهہ تي ڪو نہ ويڙهي، ۽ جي ڪا عورت گروءَ جي اُپديش ڏاران اهڙي هلت رکي، تہ هي پهاڪو متس لاڳو ٿئي، پر مطلب هي آهي، جو سيکو ڪم دنيا توڙي دين جو مرشد جي وات ڏني ڏاران ڪرڻ اجايو آهي. تنهن تي گورو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

| | |
|---|---|
| چي سو چندان اُگوي، سورج چڙهن هزار، | سَوَ چندن ۽ هزار سجن ڪٽي اُپري، |
| ايتي چانڊن هونديا، گور بن گهور انڌار. | ايتري سوجهري هوندي بہ گروءَ بنا اونده. |

## ٥٢٤ - ناڻ چڙهيو واپاري ڪٽي ڪائي، ناڻ چڙهيو چور ڦاهي اچي.

جو واپاري واپار ۾ سپٽ رکندو هوندو، تنهن جو واپار گهڻو هلندو، ۽ جو ماڻهو چوريءَ ڪرڻ ۾ پڙرو هوندو، سو جاتي ڪاتي جهلبو. تنهن وانگي جو ماڻهو چڱ مڙسيءَ جي وات هلندو، سو جتي ڪٽي مانُ لهندو: ۽ جو لچائيءَ ۾ پڙرو هوندو، سو سڀ هنڌ بي مانو رهندو.

## ٥٢٥ - نچڻ هلي تہ گهونگهٽ ڪهڙو؟

گهٽيون ٽٽيون زالون منهن ڍڪي گهمنديون آهن، پر جا زال نچڻ هلي، تنهن کي گهونگهٽ يعني منهن ڍڪڻ جو ڪهڙو ڪپ؟ تنهن وانگي جو درويش دنيا جا ڏنڊا ڇڏي ڏٽيءَ جو ڳولو ٿيو، تنهن کي دنيا جي گلا جي ڪهڙي ڳڻتي؟

## ٥٢٦ - ناٽو ڏجي آڪرو، تہ گيهہ چو ونجي ٻاڪرو.

آڪرو يعني مهانگو: گيهہ ٻاڪرو، ٻڪرين چي کير جو گيهہ يعني سادو. جي ملهہ مهانگو ڏبو، تہ گيهہ سادو چو ونبو؟ جهڙو پيسا گهٽا ڏبا، تہ شيءِ سادي چو ونبي؟ تنهن وانگي خذمت ايمان سان ڪبي، تہ ڦل چگو چو نہ ملندو.

و

## ٥٢٧ - واڳ ڏٽين جي هٿ، آءُ ڪا پاڻ وهيٽي.

